# النبي الخاتم

مولانا سيد منظر حسين گيلانيؒ

مترجم ڊاڪٽر غلام سرور پگهيو



# النبي الخاتم

ليکڪ:

ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو
موبائيل نمبر :0300-3303931

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب : النبي الخاتم
موضوع : مضمون
ڇاپو : پهريون
سال : 2016-17ع
ڪمپوزر : شبير احمد وڪو
ٽائيٽل : حميدالله مهر
ڇپائيندڙ : غلام سرور ٻگهيو
ڇپيندڙ : پارس پرنٽنگ ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد
قيمت :

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پڙاڏو سوئي سڏ جي ور وائيءَ جو لهين
هئا اڳهين گڏ پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.
(لطيف)

پيهي جا پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
تہ نہ ڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ سرتيون تان سور هئا
(لطيف)

انتساب

دنيا جي مڙني فڪر انگيز شخصيتن،
جن عالم انسان جي بهتري ۽ عالمي امن جو پيغام
ڦهلايو
۽ منهنجي ڏاڏي مرحوم حاجي خان محمد ٻگهيو
والد رحمت الله ٻگهيو ۽ امڙ جي نالي.

## وَما اَرسَلنٰکَ الاَّرَحمة العٰالميَن

## النبي الخاتم ﷺ

سيرت طيبہ جي واقعات جي نتيجن تي هڪ فڪر انگيز ڪتاب جيڪو عشق ۽ محبت جي نرالي ۽ البيلي انداز ۾ تحرير ڪيو ويو آهي زبان جي رَسُ ۽ بولي جي مٺاڻ ۾ سيرت طيبہ جو حسين ميلاپ سنڌي زبان ۾ پنهنجي طرز جو منفرد ڪتاب.

از: حضرت مولانا سيد مناظر احسن گيلاني رحہ

ترجمو:- ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو

سيرت طيبہ نبويه عليہ صاحبها الصلوة ولتحية جي باب ۾ تصنيف ۽ مقالن جي کوٽ تہ نہ آهي. ۽ جيڪڏهن اهو بہ چيو وڃي تہ بلڪل مبالغو نہ ٿيندو تہ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن علم، تاريخ يا ادبي موضوع تي سڄي دنيا ۾ ايتريون ڪتابون ان جي متعلق موضوع تي ڇپجي پڌريون ٿي چڪيون آهن.

۽ هاڻي ڪو بہ مهينو غالبً ڪو بہ هفتو يا ڪو بہ ڏينهن اهڙو نٿو گذري جنهن ۾ اشاعت پذير نٿو ٿئي. ۽ ائين ئي ٿيڻو هو ڇو تہ الله تعاليٰ جو فيصلو آهي محبوب جي ذڪر کي وڌائڻ جو.

پوءِ بہ هن موضوع تي لکيل بي انتها ڪثرت جي باوجود اهڙيون ڪتابون هن بيحد ذخيري ۾ چند ڳڻ جيتريون ملنديون جن ۾ سيرت نبوي صلعم جي اهڙي جامعيت ۽ اڪميلت سان گڏ پيش ڪيو ويو هجي جيڪو يادگار امتياز آهي. بالخصوص انهي تسلسل جي هڪ ننڍيون ڪتابون تہ انهي شيءِ کان اڪثر خالي آهن ۽ حقيقت هي آهي تہ بمشڪل چند ڳڻ جيترن پنن تي نبي ڪريم ﷺ جي اها سيرت مقدس جيڪا قيامت تائين ايندڙ نسلن جي لاءِ اسوه حسنه جي جامعيت پيش ڪئي وئي آهي.

پر الحمدالله هي اوهان جي سامهون رکيل ڪتاب انهي حيثيت ۾ انهن چند اعليٰ ڪتابن مان آهي جيڪي اختصار جي باوجود سيرت نبويه جي تمام قابل غور پهلوئن تي حاوي نظر اچي ٿي. بلڪ جن پهلوئن کي سهي سمجهي بين القوامي طور تي قابل غور نہ سمجهيو ويو ۽ انهي تي هميشہ متاچري طور تي ڪن لاتار ڪري رهايو ويو انهن کي بہ هن ڪتاب ۾ غور طلب جامع بحث ۽ دلچسپي لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. جيئن ئي انهن ڳالهين جو حق ٿادر رهيو آهي ۽ رهندو ۽ گهٽ معلوم ۽ مشهور واقعن سان

جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي سطحي سوانح جي حثيثيت سان ماڻهن جي ذهنن ۾ ۽ حافظي ۾ محفوظ آهن انهن کي نهايت گهرائي ۽ دُورَس ۽ بلڪل صحيح نتيجا ڪڍيا ويا آهن بلڪ اهو چئي سگهجي ٿو تہ انهي موضوعن تي خصوصي طورهي ڪتاب بلڪل بي مثال ۽ لاثاني آهي.

جديد تحريڪ سيرت جي باني جناب عبدالمجيد قريشي صاحب ايڊيٽر اخبار ايمان جن مصر، شام هندستان کان ان موضوع تي ڪافي مقالا ۽ مضمون لکرايا ۽ شايع ڪرايا. ۽ پاڻ خود ڪتاب ”النبي الخاتم“ جي شروعات هنن جي تحريڪ تي هڪ مقالي جي صورت ۾ لکيل هئي. انهن انهي متعلق لکيو هو ۽ بلڪ صحيح لکيو هو

”سيرت جي لائبرري ۾ هن قسم جو ڪوبہ ڪتاب موجود نہ آهي.“

اها ڳالهہ پڻ قابل غور آهي تہ هي ڪتاب جيتوڻيڪ سيرت طيبہ تي لکيل آهي جيڪو پڻ تاريخ جو حصو ۽ سبجيڪٽ آهي پر پوءِ بہ مصنف جو مقصد ان مان صرف سوانح حيات اصل مقصد آهي تبليغ ۽ دعوت اِلَيَ اَلاحقُ ۾ تاريخ جي ترتيب جو تسلسل ڪرڻ آهي.انهن حيات نبوي جي هر حادثي ۽ سانحي کي صاحب سوانح ﷺ جي صداقت جو پڪو دليل ۽ .سندن پيغام کي تصديق ڪري پيش ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي. مگر ڪن سببن جي ڪري انتهائي ننڍو ڪري ۽ اختصار طور پيش نظر ڪيو آهي. ۽ جڏهن تہ هن ڪان پهريان ايڊيشن ۾ عنوان بہ هئا تہ ان. کي ناظرين پوري طرح سمجهي نہ پئي سگهيا، هن ايڊيشن ۾ هر صفحي تي عنوان جي ڏيڻ ڪوشش قائم رکي وئي آهي. ۽ انهن عنوانن جي روشني ۾ ڪتاب کي ڏسڻ ڪانپوءِ حيرت ٿي ٿئي تہ چند آگرين تي

ڳڻڻ جيترن پنن ۾ هن خدا جي بندي ڇا پري ڇڏيو آهي ۽ اهو ڪيئن پريو آهي؟

درياهہ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ ان لاءِ مثال صحيح ثابت ٿيندي. شايد دنيا جي ڪنهن ٻئي ڪتاب تي انهي کان بهتر مثال ٿيو هجي نہ هجي بلڪ هن ڪتاب لاءِ تہ اهو پڪو آهي؟

منهنجو اندازو آهي تہ انشاءَ الله جيڪڏهن انهن مضمونن کي عام رونمائي واري طرز انداز تي لکيو وڃي هان ۽ انهن دعوائن ۽ دليلن کي عام مظبوط ترتيب سان مرتب ڪيو وڃي ها تہ پوءِ ههڙا گهٽ ۾ گهٽ چار يا پنج جلدن ۾ هي مضمون مشڪل سمائجي سگهجن هان، ليڪن محترم مصنف جي خصوصي طرز تحرير انهن تمام وسيع ڏنل مباحثن ۽ مضمونن جي ننڍي ڪتاب ۾ سموئي، پوئي هڪ بيش بها مالها ٺاهي آهي جيڪا يقينن وڏو ڪمال ۽ عرفان آهي.

علم ۽ تحقيق جي وسعت ۽ گهرائي ۽ پنهنجي معلومات خوبصورتي جو دلنشين طريقي ئي بيان ڪرڻ تحرير ڪرڻ اُهي ڪمال آهن جن ۾ وڏي حد تائين ڪاريگري جو عمل دخل آهي پر عشق جي باهہ ۽ دل جو سوز ۽ اٿاهہ محبت جي دولت ئي آهي جيڪا صرف خدا جي دين تي وقف ڪيل آهي. پوءِ جڏهن اهو ڪمال ۽ خداداد دولت ڪٺي وڃي جمع ٿين ٿيون تہ پوءِ ٻئي ملي ڪري ڪنهن صاحب محبوبيت ڪبريٰ جي تصوير ٺاهين ٿيون تہ پوءِ ههڙي ڪتاب تيار ٿيندي ۽ ان ۾ اهڙو رَسُ جو ڪمال موجود هوندو.

النبي الخاتم جي مصنف محترم انهن خوشنصيبن مان آهي جن کي علم ۽ تحقيق ۽ تقرير ۽ تحرير جي ڪمال سان گڏوگڏ قدرت طرفان ڏات جو بہ حصو ڪثيرالمقدار ۾ مليل آهي انهي جي ڪري ئي هن ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي غير شعوري طور تي ڪجهہ رنگ

جو ميلاپ نظر اچي ٿو جنهن علم ۽ تحقيق سان ملي ڪري هڪ اهڙو ڪيف طاري ڪيو جو دل چوندي آهي ته انهن ڳالهين جو بار بار مزو ماڻيندا رهون ۽ دل تي اهو رنگ چڙهندو رهي جنهن سان هي دنيا ۽ آخرت سنورجندي رهي. جيتوڻيڪ هن حال ۽ تحقيق سرمست جوش بيان جي لذت ۽ مٺاس انهن جڳهين تي اهڙن رمزن ۽ لڪل ڳالهين جي ڏکيائي محسوس ڪرڻ ئي نه ڏني آهي.

اتي پهچي ڪري منهنجو من چاهي ٿو ته هن ڪتاب ۽ ان جي محترم مصنف جي متعلق ڪو اهڙو راز بشارت جيڪو منهنجي سيني ۾ سانديل محفوظ هو انهي کي ظاهر ڪري ڇڏيان. جيڪڏهن اهو منهنجو عمل صاحب تصنيف کي ڏکيو لڳي ته معاف ڪري ڇڏيندا.

مون سان هڪ نهايت ئي معتبر بزرگ ٻڌايو ته جن ڏينهن ۾ هي ڪتاب "النبي الخاتم" تصنيف تي رهيو هو، هڪ صاحب دل بزرگ هڪ رات جي عالم ۾ خواب ۾ ڏسن ٿا ته حضرت خاتم النبين رحمة العالمين ﷺ پنهنجي جمال جي پوري رانائين سان گڏ رونق افروز ٿيا آهن ۽ مولانا گيلاني صاحب سائين جن جي قدمن ۾ تڙپي رهيا آهن.

پر انهن ڪان نظر بچائي پئي وڃي، انهن صاحبن اهو ڏنو ته حضرت بلال رضي الله عنه جيڪي پڻ سائين جن سان موجود هئا عرض ڪري رهيا آهن ته هن ويچاري، هڪ سائل کي هڪ نظر سائين جن چو نٿا ڏسن؟ حضرت بلال رضي الله عنه فرمائين ٿا. حڪم ٿيو ته جيڪڏهن هن کي هڪ نظر ڏنو ويو ته هي مري ويندا!

برين مژده گرجان فشانند رواست

هزار عمر فدائي مي ڪه دے از شوق
بخاک وخون په تمر وگوئي از برائي من است

آئون هن ڪتاب جي باري ۾ ٻه ڳالهيون عرض رکندس هن ڪتاب ۾ مصنف آن حضرت ﷺ جي زندگي ٻن حصن ۾ ورهائي

آهي هڪڙي مڪي زندگي جنهن کي هنن دل واري زندگي سڏيو آهي پر مدني زندگي جنہ کي هنن دماغي زندگي سڏيو آهي منهنجي علم ۾ هي بلڪل نئين مگر نهايت صحيح ورهاست آهي. في الحقيقت نبوت کان پوءِ مڪہ مڪرم جا ٻارنهن تيرنهن سال زندگي ۾ جن ڪمالن جو ظهور ٿيو انهن جو گهڻو ڪري تعلق ملڪات قلبيہ يعني دل سان هو ۽ مدني زندگي ۾ جيڪي واقعات رونما ٿيا هئا انهن جو گهڻو تعلق دماغ جي صلاحيتن سان قابليت، فڪر ۽ تدبير سان ڳانڍاپو رهيو.

ٻي ڳالهہ جيڪي حضرات هن ڪتاب کي صرف هڪ دفعو پڙهندا شايد ئي هن ڪتاب مان پرپور فائدو حاصل ڪري سگهن نہ ئي وري پورو لطف اندوز ٿي سگهندا. ان لاءِ ضروري آهي تہ گهري نظر سان هن معتبر ڪتاب کي هڪ کان وڌيڪ دفعہ پڙهيو وڃي ۽ هر پيري نوان راز نئون لطف ۽ نوان اسرار جي لطافت سان پر رونق ٿيندا.

والسلام

مولانا محمد منظور نعماني عفاالله عنہ

مهينو رحمت ربيع الاول 1358 سن هجري

# ديباچو

جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ جيڪو تمام مختصر هڪ رسالي جيان يا مقالي وانگر موجود آهي، هن جو تعلق سيرت طيبہ علي السلام و سلام سان آهي پر ارادتن هن ۾ سيرت عليه السلام جي واقعن کي تاريخي ترتيب سان بيان ڪرڻ جو مڪمل اهتمام نہ ڪيو ويو آهي. بلڪ بجاءِ واقعات جي صرف نتيجن تي بحث ڪيو ويو آهي، سو بہ هڪ خاص نقطئہ نظر کي سامهون رکي ڪري، اهڙا حضرات جيڪي سيرت جا مختلف جامع ڪتاب پڙهي چڪا آهن يا ڪنهن بہ طريقي سان انهن مضمونن کان واقف آهن. الحمدالله مسلمانن ۾ اهڙين شخصيتن جي ڪا بہ کوٽ نہ رهي آهي انهن لاءِ تہ ڪنهن بہ هدايت يا ورجاءَ جي ضرورت نہ هوندي پر خدانخواستہ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اهڙي موقعو ميسر نہ آيو هجي تہ اردو ٻولي ۾ سيرت طيبہ عليہ وسلم جو ۽ سنڌي زبان ۾ پڻ سيرت طيبه عليه سلام جو ڪافي ذخيرو موجود آهي. خصوصاً پوين سالن ۾ قاضي سليمان مرحوم منصور پوري جو ڪتاب رحمة اللعالمين جو "النبي والاسلام" ۽ علام مولانا شبلي مرحوم ۽ انهن جو جانشين مولانا سيد سليمان ندوي جو سيرة النبي سيرت طيبہ جي موضوع تي اردو زبان مالامال لڳي پئي آهي جڏهن تہ انهن مان ڪوڙ سارا ڪتاب پڻ ٻين ٻولين ۾ ترجمو تي چڪا آهن.

ان سلسلي ۾ قريشي صاحب "ايمان" واري کي جس آهي جنهن جي ڪوشش کي سلام آهي جنهن هي مقالو يا ڪتاب بہ انهن جي فرمائش تي لکيو هيو. انهن بزرگن جي محنتن جو نتيجو آهي جو اڄ ڪلهہ اردو زبان ۾ سيني کان وڌيڪ آسان تصنيف يعني سيرت مصطفيٰ جو هيترو سارو مواد مارڪيٽ ۾ موجود آهي. شايد ئي

ڪو مهينو اهڙو گذرندو هجي جو انهيءَ موضوع تي بلند ۽ اعليٰ پائي يعني هر طرح جا ڪتاب ۽ رسالا شايع نہ ٿيندا هجن جنهن سان معلوم ٿئي ٿو تہ هنن مخلص ۽ پاڪ نيتن وارن ماڻهن جو ملڪ جي صورتحال تي ڪافي گهرو ۽ موثر اثر ظاهر ٿيو آهي.

بهرحال منهنجو نماڻو عرض صرف اهو ٿي آهي تہ بجاءِ واقعات جي صرف نتيجن جي متعلق روشناس ٿيڻ لاءِ هيءَ رسالن جي چوٿين بهار شايع ٿي رهي آهي انشاءالله تعاليٰ سيني مسلمانن ۽ پڻ غير مسلمانن لاءِ تمام مفيد ثابت ٿيندي.

اِن أريدَ الا الا صَلاحَ ما استطعت وَمَا توفيقي الابِالله عليہ. توكلت وَ اليه انيب. سورة هُودُ)

مولانا

سيد مناظر حسن گيلاني رحہ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مڪي زندگي

**الحمد الله رب العٰلمين وسلام علي المرسلين**

ائين اچڻ لاءِ سڀ آيا، سيني قومن ۾ آيا، هر جڳهه تي آيا سلام ۽ رحمتون هجن انهن تي) ته تمام مشڪل ترين گهڙين ۾ آيا. پر ڇا ٿو ڪري سگهجي انهن ۾ جيڪي به آيا وري واپس وڃڻ لاءِ آيا.

پر هڪ ئي صرف هڪ، جيڪو آيو ۽ صرف اچڻ لاءِ ئي آيو، ۽ اهو جيڪو آيو ۽ اچڻ ڪانپوءِ ڪڏهن به غروب نه ٿيو، چمڪندڙ هو، چمڪندو رهيو ۽ چمڪندو رهندو ۽ چمڪ ۾ وڌيڪ نکار ايندو رهندو، اهو چڙهيو ۽ چڙهندو ئي رهي ٿو ۽ چڙهندو ئي رهندو، سڀ ان ڪي جاٽڻ گهرجي ته جنهن ڪي ڪتاب ڏنو ويو ۽ ڪيس نبوت جي تاج سان بيهاريو ويو، بزرگن جي ان پاڪ جٿي ۾ ان جو شان ۽ مان صرف ان ڪي ئي هو، پلا ان ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي ۾ اهو ٿي سگهي ٿو ڇا؟ جيڪو پوين ۾ به اهڙي طرح آهي جيئن اڳين ۾ موجود هو. پري پري وارا به هن ڪي نيڪ انهي طرح لهن ٿا ۽ هميشه لهندا رهندا جهڙي طرح ويجهو وارن ڪي ڪيس لڌو ،سڄاتو ويندو جهڙي طرح ويجهي وارن ڪيس لڌو جيڪو اڄ به انهي طرح سڄاتو وڃي ٿو ۽ هميشه سڄاتو ويندو جهڙي طرح ڪلهه سڄاتو ويو هو جڏهن ته اهو ڏينهن روشن هو جنهن ڪي ڪابه رات جي اونداهي نه هئي ۽ اهڙو شمع دان آهي جنهن جي روشني ڪي ڪو به داغ ناهي.

نه ته وري ائين ڪٿي ٿو ٿي سگهي ته جن پنهنجا نشان ڇڏيا ۽ وري به پنهنجي رهبر جي رهنما جي ڪمن جي نگهباني ڪندا رهن؟

تحقيق کان سواءِ ڪنهن بہ شي جي هجڻ يا نہ هجڻ جو فيصلو اٽڪيل آهي، توهان پاڻ چاڻو ٿا تہ انهن ڳالهين ۽ سوالن تي انڌيرو ۽ ڪارو انڌيرو ڇانيل آهي بڌايو تہ شڪ جي انهن ڊبڻن ۾ يقين جو پير يا قدم ڪهڙي نموني رکي سگهجي ٿو.

توهان انهن کان وانجها آهيو ۽ هو توهان کان وانجهيل آهن. پوءِ توهان ڪهڙي نموني سان انهن کي ڏسندا جن جي ڏسڻ کان پوءِ توهان سڌي رستي تي هلڻ چاهيو؟ ۽ ڪهڙي طرح هو توهان کي پنهنجون حقيقتون ڏيکاريندا جيڪي هو پاڻ کي ڏيکاري توهان کي هلائڻ چاهين ٿا؟

تي سگهي ٿو تہ ٻُڌ ۽ ٻُڌمت وارن توهان کي انهن کان ٽوڙيو هجي، حالانڪ سچ تہ اهو آهي تہ ٻُڌ کان پهريان گهٽو پهريان پارت ورش ۽ ان جي پار پنهنجي اوتارن کان علحدگي اختيار ڪئي هئي ليڪن پنهنجي غلطي ٻين تي مڙهڻ جي لاءِ انهي تهمت کي ٻُڌ جي مٿان ٿوڪي ڇڏي، پر سوال اهو آهي تہ جن کي ٻڌن پنهنجي بزرگن کان ٽوڙيو، ڇا نيڪ انهي جي ٽوڙڻ تي يا ٽٽڻ تي انهن ٻڌمتن کي ٻڌ جي قدمن ۾ ڇڏيو هو؟

۽ اڄ جيڪڏهن ويدڪ ڌرم جي حقيقي سرچشمن جو دنيا کي ڪو بہ سراغ نٿو ملي تہ پوءِ ڇا بہ جنسه اهڙي طرح يقين سان ڳڌ ڪو بہ مهاتما ٻڌ جي اصلي پوئلڳن ۽ حقيقي ٻچن پارن وارثن جو ڪٿي نشان ڏيکاري سگهو ٿا؟ ويدڪ ڌرم جيڪڏهن بالميڪ جي قصن ۽ مهاڀارت جي افسانن تي قائم آهي تہ پوءِ وهمن ۽ تصورن جي مجموعي جو اڄ جيڪو ٻڌمت نالو آهي ڇا تحقيق جي نظر ۾ ان جي قيمت بہ صرف ذهن مان هڪ نئين خيال کي جنم ڏيڻ کان وڌيڪ نہ آهي؟ اڄ تائين ڪنهن ليکڪ جي ذخيري ۾ اهڙو تيل آهي

جنهن جي پرندڙ شمع جي روشني ۾ ڪپل وسطو جو اهو زاهد انهي شان ۽ تاب سان نظر اچي جهڙو اهو ڪو واقعي هو

ڪپل وسطو دامن هماليہ جو هڪ شهر آهي جتي ٻڌ پيدا ٿيو ان جي پيءُ جو هي بادشاهي تخت هو. قرآن مجيد ۾ انبياء صالحين جي ذڪر ۾ هڪڙو نالو ذوالڪفل جو اچي ٿو مفسرين جو خيال آهي "وبي تسمية ذوالكفل اقوال مفطربة لاتصح. روح المعاني "ص 86ج 18 (يعني ذوالڪفل جي نالي ۾ مختلف رايہ آهن ۽ انهن ۾ ڪابہ ڳالهہ صحيح ناهي) ڇا هن صورت ۾ جيڪڏهن ڪفل ڪي ڪپل جو مغرب لکيو وڃي ۽ ڇئجي ڪپل وارو ذوالڪفل جي معنيٰ آهي جيئن ٻين جو خيال آهي تہ روايت ڪي رد ڪرڻ ڪو سبب ٿي سگهي ٿو؟ مذهبي دنيا ۾ ايڏو وڏو عظيم انقلابي وجود جيئن ٻڌ هو قرآن مجيد ۾ جيڪڏهن هن جو ذڪر هجي تہ ڪا عجيب ڳالهہ نہ آهي. خصوصاً اسلام سان ان جو تعلق آهي جيئن اڳتي معلوم ٿيندو تہ هي ڳالهہ وڌيڪ عقل جي آڌار تي قبول ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

ڏسو هندستاني تهذيب "ازمنه وسطيٰ" ۾ شايع ٿيل هندستان اڪيڊمي الهہ آباد بيان پڌمت ۽ جين ڌرم، دراصل هن جي لاءِ منهنجي ڪتاب "الڪتاب" جو انتظار ڪيو جنهن ۾ قرآن مجيد جي تاريخي حيثيت ۽ حقيقت جو مقابلو ٻين مذهبن جي بنيادي ڪتابن جي روايتي حيثيت ۽ حقيقت سان ڪيو ويو آهي هي قرآن ڪريم جي پهرين جملي جي تفسير آهي. " ذالڪ الڪتٰب لاريب فيه"

۽ آرين ڌرم جي هندي شاخ جي بربادي جو الزام ٻڌن ۽ جين ڌرم جي مٿان ٿاڦيو ويو پر ايران جي سرزمين ۾ اها باهہ ڪنهن

۽ اهو حال تہ انهن جو ئي آهي جن وٽ ڪجهہ هٿ ۾ نہ آهي ۽ هر اها پوئين چڱيل روايت ۽ هٿراڌو جڙتو قصا ۽ ڪهاڻيون ۽ وڏاءُ سان ديو مالائي قصا ،هنن جو دين نهي ٿو. ڌرم يا مذهب انهن وٽ صرف انهي شخص يا ماڻهن جي چيل ڳالهہ اهي جيڪي هنن کانِ پهريانِ هن دنيا ۾ موجود هئا. يعني جيڪي خيالي پلاءُ 1800ع صدي وارن پچايا، 1900ع صدي وارن لاءِ اهائي ديني غذا آهي پر سچ تہ اهو آهي 10ع صدي ۾ وسوسن جو جيڪو چار ٿاهيو ويو 20ع صدي وارن لاءِ اهو ئي نجات واري ٻيڙي نهي وڃي ٿو ۽ اها ڪيفيت انهن ماڻهن جي آهي جن وٽ پنهنجي بزرگن جي نالي ڪانسواءِ ڪا ٽڪي پئسي جيتري بہ شي موجود نہ هوندي آهي.

پر اهي جن جو مذهب جي دنيا ۾ دعويٰ سيني ڪان وڏي آهي جن پنهنجو نالو ئي ڪتاب وارا رکيو آهي واقعي جن ڪتابن جو ڳرو وزن پنهنجي پٺن ۽ ڪلهن تي لڏي هو سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رلندا ۽ ڦرندا رهن ٿا، اهي ئي يهودي پنهنجي ڪتابن جي رستي حضرت موسيٰ عليه السلام کي حاصل ڪري سگهيا آهن جن جي زندگي ٿاهڻ چاهين ٿا؟

مصرين جي غلاميءَ ۾ صديون گهارڻ وارابني اسرائيل آواره گرد صحرائن ۾ ڀٽڪندڙن کي جڏهن خدا تعاليٰ جي پيغمبر حضرت موسيٰ عليه السلام آسماني تختيون ڏئي ڪري موآب جي سرزمين ۾ بحال مسافرت پهچايو تہ سڀ ڄاڻندا آهن تہ انهن ۾ حضرت يعقوب عليه السلام جي گهراڻي جا ٻارهن فرد سندس پوٽا، پوٽيون، ڏهٽا ۽ ڏهٽيون شريڪ سفر هئا. اهي ئي ٻارنهن انسان هئا جن کي حضرت موسيٰ غليه السلام پنهنجي زندگي جو محافظ ۽ نگران بنايو هو انهن ٻارنهن مان هڪ اڌ نہ بلڪ پورا ڏهن جا ڏهہ

حصن ۾ آباد هوندا، ليڪن ڇا هندوستان جا برهمڻ پاڻ کي اسرائيلي چورائڻ تي فخر ڪري سگهن ٿا؟ ڇا افغانستان جا رهواسي يهودي هئڻ جي گار برداشت ڪري سگهندا؟ سنڌين ۽ بلوچن ۾ ڪو اهو يقين پيدا ڪرائي سگهي ٿو ته اهي شامروني يهودي نسل مان آهن؟

مارواڙي جي وياج جو ڪم ڪندڙ ڪاروباري شاهوڪارن کي ڪو به باور ڪرائي سگهي ٿو ته انهن جا ابا ڏاڏا فلسطين جا اصلي رهواسي هئا؟ اهي حضرت موسيٰ عليه السلام کان وڇڙي ويا ۽ اهو ئي هنن جو مقدر هو؟ آخر هنن جي سهارن جو قافلو پهچي پاڻ سان بکن تي رهي انساني ڍانچي سوا پيو ڇا هو انهن وٽ صرف انهن ڍانچن سان هنن جو ساهه ئي اٽڪيل هئو يا لوهه جون اهي زنجيرون ۽ سٽي جا اهي رسا هئا جن ۾ کين قيد ڪيو ويو هو ۽ گهرن کان نيڪالي ڏئي بي گهر بنايو ويو هو.

موسوي شريعت، موسوي سيرت جي حفاظت جي وڏي طاقت اهڙي طرح دنيا جي ٻين قوتن ۾ رلي ملي وئي.

هاڻي ديني وعدي ميثاق (الله جو وعدي) جو سڄو دارومدار اسرائيل جي محض انهن ٻن قبيلن جي بچيل ڪچيل ماڻهن ۽ ٻچن تي رهجي ويو جيڪي فلسطين جي اولهه واري علائقي ۾ آباد ٿيا هئا جڏهن ته عملي طور تي حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ ان جي شريعت کان اهي پري ٿي چڪا هئا پر نالي جي حساب سان ويجهو هئا.

پر جيڪي ويڄڻ لاءِ آيا هئا انهن جو ويڄڻ جي آخري گهنڊ به وڄايو ويو. اڄڻ وارن جي وڄڻ جو وقت اچي ويو، آشور برباد ٿي ويو، بابل آباد ٿي ويو، انهي بابل جو مشهور نمرود بختِ نصر طوفان وانگر اٿيو،

جهڙ وانگر چڙهيو ۽ وچ وانگر اچي ڪڙڪيو اسرائيل جي انهن پنهي پسمانده قبيلن تي فَجَاسُوۡ خِلَالَ الدِّيار قرآن ڪريم جي تفسير ۾ يهودي ۽ غير يهودي هرقسم جي مؤرخين، ليڪن جو بيان آهي. پوري قوم بني اسرائيل جون عورتون ۽ ٻار گرفتار ڪرايا ويا، خدا جي گهر جي مڪمل ڦر ڪئي وئي، حضرت سليمان عليه السلام جي ٺاهيل مقدس گهر. عمارت کي ڪوٺي برباد ڪري زمين ۾ دفنايو ويو. سڄو شهر لٽي اجاڙي ـويران ڪيو ويو، شهر جي چؤديواري مسمار ڪئي وئي، هر جڳهه تي باهه لڳائي ڳوٺ قبيلا محله ويڙها ساڙيا ويا (تاريخ يهود مؤلف شرر ص 61) ۽ اهڙو ئي انجام انهي شهر جو ٿيو، خود حضرت موسيٰ ۽ سندس ڪتاب جي آخري نگرانن جي مٿان ڇا گذري؟ سڄي بني اسرائيل جي قوم گرفتار ٿي بابل روانو ڪئي وئي بخت نصر يهودين جي بادشاهه صدقياه کي به گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ بابل وٺي ويو. ۽ بابل ۾ پهچندي ئي سندس پٽ هن جي اکين جي سامهون طرحين طرحين قسم جا عذاب ڏئي قتل ڪيا ويا ۽ هي هانوَ ڦاڙيندڙ منظر ڏيکارڻ کان پوءِ ڪيس جون اکيون ڪڍيون ويون ته جيئن پوئين زندگي ۾ ڪو به خوشي وارو منظر ڏسي نه سگهي. (ڪتاب مٿيون ص61)

يهودين جي بادشاهه کي انڌو ڪيو ويو ۽ يهودين کي جيتوڻيڪ زنده رکيو ويو پر اها ڪهڙي زندگي؟ هو سخت محنت ۽ جفاڪشي ۾ رهي ڪري پنهنجي مقدر کي ياد ڪري روئي پوندا هئا

انهن کي پنهنجي مذهب جي رسمن ادا ڪرڻ جي ممانيت هئي، نه هو قرباني ڪري سگهندا هئا نه اهي روزا رکي سگهندا هئا (ساڳيو ڪتاب ص61)

عملي طور تي اهي شريعت، موسوي کان الڳ رکيا ويا ۽ يهودين جو جيڪو ڪتابي علمي سرمايو هو انهي جي متعلق تاريخ هي شهادت ڏئي ٿي.

”تورات مقدس ۽ قديم آسماني انبيائي صحيفن جو ڪٿي بہ نشان نہ هو انهي ڪري بابل وارن جي طرفان بدتميزي ڪري انهن قديم تاريخ ۽ اڳيئن اسرائيلي لٽريچر سان گڏوگڏ انهن مقدس ڪتابن کي بہ ختم ڪري ڇڏيو هو (ساڳيو ص 59)

اسرائيلي قوم جا اهي ٻئي پوٿا موسوي دين جا آخري سهارا هئا، سي ٽٽي ريزه ريزه ٿي ختم ٿيا.

هي سچ آهي تہ غلامي جي هن رسوا ڪندڙ زندگي ۾ قيدي بنايل هنن ذليل گهڙين مان اولاد يعقوب کي وڏي مدت کانپوءِ ڇوٽڪارو مليو.

متي ذڪر ڪيل قرآني آيت آهي جنهن ۾ اسرائيلين جي تباهي جو ذڪر ڪيل آهي تہ انهن جي ملڪ ۾ زور آور قومون گهڙي آيون ڪين ان وقت آزادي ميسر ٿي جڏهن قيد ۾ اسير رهڻ واري زندگي جي شڪنجي مان نجات ملي چڪي هئن پر انهن جا صرف 2 ٻار اتي رهجي ويا هئا جن انهي ملڪ ۾ اڪيون ڪوليون هيون جتي سندن مذهب جي تعليم ممنوع هئي ۽ مذهبي رسمون ملهائڻ ڏوهہ قرار ڏنل هو پر پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي ان عتاب واري زندگي گوڙ ۽ گمسان ۾ سندن ڪنن تائين اهو آواز سدائين گونج بنجي پهتو هو تہ اهي ڪنهن دين جا وارث ۽ خدا جي پيغمبر جي امانت جا پاسدار آهن.

رنج ۽ ستائش جي انهن آهہ و زار آوازن ۽ سڏڪن جو اهو اثر ٿيو جو شاهہ ايران سائرس، نمرود ۽ عراق جي حڪومتن جو تختو

اونڌو ڪيو ۽ اسرائيلين مجبورن لاچار بي سهار ماڻهن کي آزادي بخشي ۽ پوءِ انهن جي هڪ وڏي جماعت جو لشڪر هلندي هلندي چارجي انهي وڏي عبرت آور ڍير تي پهتي جيڪا حضرت سليمان عليه السلام ۽ حضرت دائود عليه السلام جي شهر هيڪل جي ساڙڻ واري چارهئي جيڪا يروشلم جي ميدانن ۾ وڪريل پئي هئي.

يهودين جو هي وڏو ۽ پهريون قافلو اجان روئي پٽي رهيو هو ته ان سڄي پراڻي بربادي ۽ ظلم جي آشڪار نشانن تي ته مٿان ٻيو قافلو به اچي پهتو جنهن ۾ دين جو غم خوار همدرد نوجوان حضرت عِزر يا عذير عليه السلام به موجود هئا ۽ انهي شخص جي ياد ڏيارڻ تي انهن قافلي وارن ماڻهن کي حضرت موسيٰ عليه السلام انهي الهامي ڪتاب جي ياد آئي جيڪو ان وقت ۾ نه ڪنهن ڪاغذ تي اتاريل موجود هو ۽ نه وري بابل جي هن رااهگيرانه ۽ قافلائي زندگي ۾ پيدا ٿيل نوجوانن يهودين جي دماغ ۾ ڪتاب ته ڇا پر صرف ڪجهه الفاظ ئي يا انهن جو ڪو هلڪو خيال ئي يا خاڪو به موجود هو.

انهي وقت چار جي ڍيرن کي اٿلايو ويو ۽ ڇيو وڃي ٿو ته چار ۽ ڪوئلي جي ڍيرن جي هيٺان ڪنهن تهه خاني جي اندران حضرت عزير عليه سلام کي انهيءَ توريت جو نسخو يا ڪتاب مليو جنهن جي حفاظت اسرائيل جي ڪئي پيڙهين اهڙيءَ طرح ڪئي جو يهودين جي گهرن ۾ نه بلڪ هيڪل ۾ ان کي سنڀالي رکيو ويو "انهي هڪ ئي نسخي يا ڪتاب کي" جنهن کي هر ستين سال يهودي انهي هيڪل ۾ اهڙي طرح پڙندا هئا جهڙي طرح دنيا ۾ اڄ ڪلهه مسلمان هر سال قرآن ڪريم مسجد ۾ تراويحن دوران ضرور پُڙندا آهن.

ڪوئلن ۽ ان چار جي هيٺ اهو ئي توريت جو نسخو هو جيڪو حضرت عزير عليه سلام ڳولي لڌو هو جنهن جي حفاظت الله تبارڪ و تعاليٰ پاڻ فرمائي (جيئن يهودي چون ٿا) جنهن باهه حضرت سليمان عليه سلام جي هيڪل جو ذرو ذرو ساڙي راک ڪري ڇڏيو. هو جيڪو سيني نسخن يا ڪتابن مان اصلي قرار ڏنو ويو هو جن کي ايندڙ يهودين جي نسلن پنهنجي لاءِ راه نجات جو ذريعو ٺاهيو.

حضرت موسيٰ عليه سلام تائين پهچڻ جا سيئي رستا يهودين جا قطعي طور تي بند ٿي چڪا هئا ان وقت صرف اهو باهه جي رک مان مليل نسخي وارو هڪ ئي سراغ يا نشان نڪري آيو هو جنهن مان جيتري تائين به ممڪن هئن ته يهودي حضرت موسيٰ عليه سلام جي شريعت کي وري ڏسي ياد ڪري سگهندا هئا پر پوءِ زماني جي هلچل انهي نشاني کي گهٽن ڏينهن تائين وڌيڪ ظاهر نه رکيو هڪ دفعو نه بلڪ بار بار هر سو سو سالن کان پوءِ ڪڏهن يونان کان ڪڏهن روم کان اهڙا طوفان اٿندا هئا جيڪي انهي نشاني کي وري بند ڪري ڇڏيندا ۽ يهودي انهي کي وڃائي ويهندا هئا.

اينٽونيو يوناني حڪمران پنهنجي دور ۾ توريت جي اصل نسخن کي ڳولي ڳولي ساڙائي دنيا مان اٽلپ بنائي ڇڏيو، ۽ هيڪل کي مسمار ڪري زمين جي ليول سان بنائي اتي انهي جڳهه تي جوپيٽر جو مندر تعمير ڪرائي ڇڏيو، نه صرف ايترو ظلم، بلڪ اهو نادري حڪم جاري ڪيو ويو ته جنهن به شخص وٽ توريت جو هڪڙو نسخو ته ڇا بلڪ هڪ ورق به ملي وڃي انهي کي قتل ڪيو وڃي ۽ اهو پنو ساڙيو وڃي. يهودين جو چوڻ آهي ته مقامي يهودي بادشاهه جي زماني ۾ انهن وري هن ڪتاب کي وري زنده ڪري ورتو.

اينٽونيس کان پوءِ رومي قهر ماطيطس جو فتنو باهه وانگر پڙڪي اٿيو ۽ انهي وري پنهنجي اقتدار ۾ 11 يارنهن لک يهودي قتل ڪرايا ۽ هيڪل وري انهي جي سپاهين جيٰ هٿان نذر آتش ڪرايو ويو ۽ توريت وري سڙي دنيا مان غائب ٿي ويو. ليڪن يهوديٰ چون ٿا انهن ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان توريت کي وري زنده ڪري ورتو. جيستائين توريت جو هجڻ هو اهو صرف هيڪل ۽ شاهي خزاني کان سواءِ ڪٿي موجود نہ هوندوهو.

ماطيطس کان پوءِ روم جي قيصر هدرسن پنج لک يهودين کي کهرائي ۽ انهن جي ڪتاب سان اهو ئي ڪيو جيڪو ان کان پهريائن وارن ڪيو هو. ۽ انهي بہ پيٽر جو مندر انهي جڳهہ تي قائم ڪيو جتي ڪڏهن حضرت سليمان عليه سلام الله باري تعاليٰ جي مسجد تعمير ڪرائي هئي ۽ هن ئي يروشلم جو نالو بدلائي ايلياه رکيو هو. آغاز اسلام تائين بيت المقدس انهي نالي سان سڏيو ويندو هو. ۽ اچڻ وارو آيو ۽ جهڙي طرح دنيا کي پاڪ ڪيو ۽ يهودين جي هن پاڪ شهر جو نالو بہ بيت المقدس ٿي ويو.

هلندو رهيو اهو تباهين ۽ بربادين جو سلسلو جيئن جو تيئن جاري هئو سمجهي سگهجي ٿو تہ حضرت موسيٰ عليه سلام تائين پهچڻ جو هي تنگ ۽ تاريڪ، سوڙهو ۽ اونداهو سوراخ حادثن ۽ واقعن جي طوفانن ۾ ڪيترو محفوظ رهي سگهي ٿو؟ ۽ وري انهي تي يهودين جي دعويٰ آهي تہ حضرت موسيٰ عليه سلام کان وچڙي وجڻ کانپوءِ بہ هو ان کان پري ناهن دنيا فيصلو ڪري سگهي ٿي تہ يهودي جنهن آئين کي پيش ڪري رهيا آهن چا واقعي ان ۾ حضرت موسيٰ عليه سلام ۽ ان جي پاڪ تعليم جي اها صورت نظر اچي سگهي ٿي. جيڪا واقعي ان جي اصل صورت

هئي؟ باھ جي ان چار مان جيڪو موسوي شريعت جو ڍانچو تيار ڪيو ويو، ڇا اهو حضرت موسيٰ عليه سلام جو سچو ڪارب ٿي سگهي ٿو؟ سچائي جي اڄ ئي جن ۾ ختم ٿي وئي هجي، جن ڪي بجاءِ يقين جي، شڪ جي ألن ۾ موڻ ٿي ٿڌ محسوس ٿيندي رهي، انهن سان بحث نہ آهي پر جن ۾ سچائي جي تڙپ آهي، جيڪي واقعي ايمان جي خوشي جي تلاش ۾ آهن، ڇا شڪ ۽ مشڪوڪ جي هن گهپ اونداهي ۾ وسوسي ۽ وهم جي هھڙي خطرناڪ گهاٽي جهنگل ۾ انهي جي لاءِ داخل ٿي سگهن ٿا تہ انهن کي اتي ابدي دائمي زندگيءَ جو آئينو نصيب ٿيندو.؟

کهڙي نہ عجب جهڙي ڳالھ آهي تقريباً 2000 ٻہ هزار سالن کان جنهن باھ جي چار واري ڍير مان توريت جو بہ ترجمو ۽ غلط سلط ترجما جن جو دنيا ۾ رواج هجي جنهن ۾ اهڙا واقعات ۽ نالا گهٽا موجود هجن جيڪي قطعي طور تي حضرت موسيٰ عليه سلام جي بعد جا هجن ۽ افسوس! جنهن ۾ خود حضرت عليه سلام جن جي وفات ۽ سندن ڪفن دفن جون ڳالهيون موجود هجن؟

ڪنهن ۾ بہ ڪوڙ ٻڌڻ جي ايتري صلاحيت آهي جيڪو انهيءَ ڪتاب کي قبول ڪري تہ اهو ئي حضرت موسيٰ عليه سلام تي نازل ٿيل ڪتاب آهي؟ ممڪن آهي تہ مذهب ۾ منطق "ڳالهيون ناهڻ" داخل نہ هجن پر ڇا هن حد تائين اعلانيا جن ڪتابن ۾ پيغمبر تي شراب نوشي، يا حرام ڪاري جا الزام لڳايا ويا هجن ڪير ڪيئن قبول ڪري سگهي ٿو، حضرت لوط عليه سلام جهڙا اولو العزم نبي الله کي (نعوذ باالله) پنهنجي نياڻين سان ملوث ڪيو ويو هجي خداوندي ڪريم جي ڪلام کي اهڙين فحش گارين سان پريو ويو هجي جنهن کي بازار جا غنڊا بہ پنهنجي زبان تي

خاندانن جي وچڙي وڃڻ ڪان پوءِ حضرت موسيٰ عليه سلام ۽ انهي جي تعليم سان ملڻ نصيب نہ ٿيا تقريباً ڪجهہ اهڙي طرح اهي 2 خاندان بہ وڃائجي ويا جڏهن تہ اهي اجا انهيءَ غلط فهميءَ ۾ آهن تہ اهي ملي چڪا آهن.

باقي رهي دنيا جي اها مذهبي جماعت جنهن جي پيغمبر عليه سلام پنهنجي اڍائي سال جي نبوت ڪان پوءِ ڪليل لفظن ۾ چئي ڇڏيو هو تہ منهنجو وڃڻ ئي اوهان لاءِ بهتر آهي تہ اچڻ وارو منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ ايندو ۽ اهو چئي هو وڃڻ لاءِ ئي آيو هو ۽ واپس هليو ويو پر عيسائي چون ٿا تہ نہ ويو آهي. جڏهن پڇيو وڃي ٿو تہ توهان مسيح عليه السلام ۽ انهيءَ جي زندگيءَ ڪي ڪهڙن ميارن تي لڌو آهي؟ تہ ڏسڻ جو اهو وقت هوندو آهي جڏهن اهي هڪ ٻئي ڏي ڏسندا آهن ۽ گهوريندا آهن، ڇا مسيح جو ڪتاب توهان وٽ آهي؟ ڇا انهيءَ ڪتاب جي ترجمي جي ڪاپي توهان وٽ آهي.حيرت وچان خاموشيءَ جي سواءِ انهن مسڪينن وٽ ٻيو جواب نہ هوندو آهي. نامعلوم نالن بغير ڪنهن وقت جي سجاڻپ جي ڪجهہ شخص جا ڪجهہ ذڪري مسودا ملن ٿا جن جي حيثيت مسلمانن جي انهن عام رسالن جن ۾ ذڪر الهيٰ موجود آهي ڪان وڌيڪ ناهي جنهن ڪي اسان وٽ سعيدي يا شهيدي وغيره جي نالن سان موجود آهن جيڪي علم بازارن ۽ مارڪيٽن ۾ ٽڪي پيسي ۾ وڪرو ٿيندا رهن ۽ عام مولوي هندستان جي ٻهراڙين ۾ پڙهندا گهمندا آهن. انهن ئي رسالن جو نالو انجيل رکي ڇڏيو آهي. اهڙي قسم جي هزارن انجيل سان اهو هُلايو ويو آهي تہ خدا جو ڪتاب ملي ويو نجات جي روشني ملي وئي.

۽ انهن ڪتابن جو انتخاب ڪهڙي طرح ٿيو؟

هر هڪ عيسائي ڄاڻي ٿو تہ نيقيہ ڪونسل وارن گرجا گهر جي صدر مقام تي انجيلن کي ميز مٿان هڪ وڏي ڍير ۾ تهن مٿان تهہ ٿاهي رکيو ويو هو. چيو وڃي ٿو تہ انهي جي هيٺيان جبن وارا پادري سجدي ۾ ڪري اکيون بند ڪري هي دعا ڪندا رهيا ۽ دل ئي دل ۾ هي منتر پڙهندا رهيا،" جيڪا ڪوڙي هجي اُها ڪري پوي" ۽ چون ٿا تہ سڀ ڪري پيون صرف انهن مان چار ۽ پولوس جا خط ڪرڻ کان رهجي ويا. سجدي مان ڪنڌ مٿي ڪري اهي ئي مٿي تي رکيون ويون. ۽ انهيءَ ڪانپوءِ سچيءَ انجيل اهي ئي آهن ۽ انهيءَ آواز کي آسمان تائين ڪنيو ويو، چيو وڃي ٿو تہ پادرين جي انهيءَ ڪائونسل ۾ ٻن پادرين جو موت بہ ٿيو هيو، پوءِ انهن جي قبرن تي اها ڪونسل جي ڪاروائي جي رپورٽ رات جو رکي وئي ۽ صبح جو هنن جون صحيحون انهن ڪاغذن تي موجود هيون، افسوس جو انهي صحيح جي غلط بياني جي ڪا بہ تنقيد يا تحقيق نہ ڪرائڻ جي انهي نئي، نموني تي دنيا نہ اڳي ڪجهہ ڪيچي آهي نہ ئي وري هاڻي ڪا اهڙن نوبت محسوس ڪري رهي آهي. انهيءَ فيصلي تي يقين پيدا ٿيو ۽ عيسائي اڄ بہ انهيءَ عقيدي تحت جي رهيا آهن. "اُفٍ لکمر ولما تعبدون معنيٰ افسوس آهي توهان تي ۽ جن کي توهان پوڄيو ٿا حالانڪ جيڪو مسيح عليہ سلام جن فرمايو هو تہ منهنجو وڃڻ ئي توهان لاءِ بهتر آهي انهيءَ تي عيسائي ڪن ڏين ها ۽ جيڪو وڃي چڪو آهي انهيءَ جي ترسڻ تي اصرار نہ ڪن هان تہ پوءِ مسيح جي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪو وڃڻ لاءِ نہ بلڪ رهڻ لاءِ آيو انهيءَ جي سڃاڻڻ ۾ ڪين ڪيتري آساني ٿئي ها؟ .

نہ ميز تان انجيل ڪيرائڻ جو منتر پڙهڻو پوين ها نہ وري مردن کان صحيحون وٺڻ جي ضرورت پيش اچي ها.

۽ چا صرف مسيح عليه سلام اچڻ واري جي اچڻ جو دنيا ۾ منتظر ناهيو هو جيڪو مسيح عليه سلام جي وڃڻ شرط ٿي اچي ويو؟

انهي تي ڪهڙو تعجب آهي انهن ايترو ته ويجهڙائيءَ سان ان کي ڏٺو ۽ سچ ته اهو ٿي آهي ته اوائلي سال جي انهيءَ نبوت جو مقصد صرف تعمير نو جا عيسائي خود به انهيءَ طرح اچڻ واري جي تشريح ۽ اقرار ڪن ها جهڙي طرح قرآن ڪريم اقرار ڪيو آهي.

"ومبشرا برسول ياتي من بعدي اسمهٗ احمد" ته پوءِ مسيح عليه سلام جي جڳهه تي هو انهيءَ کي ڳولين هان جنهن جي پڌائڻ لاءِ حضرت مسيح عليه السلام تشريف ڪٺي آيا هئا.

صورة صف، حضرت مسيح عليه انهيءَ ڳالهه جو اقرار ڪيو آهي ته مون کان پوءِ هڪ رسول ايندو جنهن جو نالو احمد هوندو انهيءَ ترجمي کي عيسائي هن طرح سال به سال ڦيرائيندا رهندا آهن ته تسلي ڏيڻ وارو، شفيع، وڪيل، روح حق وغيره يوناني زبان جو ترجمو خارقليط ۽ پروڪلو طوس مان ورتو ويو هجي

اوپر روم جو هڪ شهر جنهن کي انگريزي ۾ فيلس چوندا آهن 325ع ۾ قسطنطين اعظم جي چوڻ سان انهيءَ شهر ۾ علماء ۽ نصاريٰ جي هڪ ڪونسل ميٽنگ ڪرائي وئي جنهن ۾ 300 کان وڌيڪ بشپ ۽ پرسٽرس شام ۽ عراق کان وٺي جزيرائي برطانيه تائين شامل ٿيا. ٻن مهينن تائين هن اجلاس جي صدارت بادشاهه ڪئي ۽ انهي ڪونسل "ٽي هڪ آهي ۽ هڪ ٽي آهي" جو معمو به مسيحي مذهب جو جز اعظم بلڪ بنياد ناهيو ويو.

بحرحال مسيح عليه السلام جيڪڏهن اهو چيو ته هو صرف اهو پڌائڻ آيو هو پر جهڙي طرح اولهه جي دنيا کي صحيح ڪرڻ واري پنهنجو فرض اهڙي طرح ادا ڪيو، ڏسندا ته ان کان پنج سئو سال

پهريان اوپر جي دنيا کي هڪ اوپر ٿاهڻ واري ٻه جنهن پنهنجي ڌرم جو سنک ايران کان چين جي گريٽ وال يعني چيني ديوار تائين ڦوڪيو هو ۽ ٻڌو! هلندي هلندي انهيءَ دنيا کي وصيت ڪئي؟ جيتوڻيڪ گهڻو ڪجهه منجي چڪو آهي پر ختم ٿيڻ کان جيڪي شيون بچي ويون آهن انهن مان مهاتما ٻڌ جي آخري چيل لفظ اجا تائين زنده آهن جنهن هن پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ وقت خدا تعاليٰ جي هن بندي پنهنجي شاگرد نندا جا ڪن ۾ انهيءَ وقت چيو جڏهن انهيءَ جو ساهه نڪرڻ وارو هئو ۽ انهيءَ جو هي مخلص خادم هن جي پيرن کي پنهنجي ڳوڙهن سان ڌوئندي چئي رهيو هو تہ آقا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ دنيا کي ڪير تعليم ڏيندو؟ ٻڌ انهيءَ جواب ۾ چيو نندا آئون پهريون ٻڌ نہ آهيان جيڪو هن زمين تي آيو آهيان ۽ نہ مان آخري آهيان ۽ پنهنجي وقت تي هڪ ٻيو ٻڌ هن دنيا ۾ اچڻو آهي جيڪو مقدس، منورالقلب عمل ۾ دانائي ۾ پرپور، مبارڪ، عالم ڪائنات، انسانن جو عظيم النظير سردار، جيڪي غير فاني حقيقتون آئون ظاهر ڪندو رهيو آهيان هو بہ اهي .ئي ظاهر ڪندو ۽ هو هڪ مڪمل ۽ خالص مذهبي نظام زندگي جي مون وانگي تبليغ ڪندو.

نندا چيو تہ اسان هن کي ڪهڙي طرح سڃاڻي سگهنداسين؟

آقا فرمايو: هو ميتريا جي نالي سان سڃاتو ويندو؟

16 آڪٽوبر 1930ع جي اشاعت ۾ اولهہ آباد جي مشهرر انگريزي اخبار "ليڊر" ۾ هڪ ٻڌهستن جو مضمون صفحہ 7 ڪالم 3 ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ انهيءَ ميتريا لفظ جو ترجمو لکڻ واري مذڪور ڪيو تہ اهو جنهن جو نالو رحمت آهي.

ڇا ان ڪانپوءِ به ان ۾ شڪ ڪرڻ جي گنجائش آهي ته رحمة اللعالمين صلعم جو اولهه ۾ مقدمة الحبش ۽ مبشر ويندي ويندي جنهن فرض ڪان سبقدوش ٿيو هو، هوبهو انهيءَ فرض ڪي به خوبي گڏ ادا ڪيو هو جنهن ڪي خواه دنيا ڪجهه به چئي پر واقعات بيان ڪن ٿا ته اهو به دنيا ۾ رحمت جي بارش جي لاءِ اوپر جي فرش ڪي تيار ڪرڻ وارو هوءِ بغير ڪنهن شڪ جي چين، ايران، بخارا خراسان، ترڪ، تاتار، منگوليه، افغانستان، سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ هندستان جي ٻڌن رحمت جي هن برسات مان جيترو فائدو ورتو دنيا جي ڪنهن به قوم ايترو حاصل نه ڪيو ڪاش اهو ٿئي ها ته مغربي ڍنڍ ورو پٽيندڙن جا مجڻ وارا به بجاءِ ٽن جي هڪ هڪ ڪي ٿي ثابت ڪرڻ جي بنا مقصد جي جهيڙڻ جي پنهنجي هادي جي هن آروز ڪي پورو ڪن ها جنهن ڪي پورو ڪرڻ ان وجود جو سڀ ڪان وڏو مقصد هو (صلوات الله عليهم والسلام) ۽ ويجهو ئي آهي ته هن جي ان آرزو ڪي پورو ٿيڻو آهي.

۽ ڇا اوپر ۽ اولهه هنن ٻنهي مخالفن ئي دنيا ۾ انهيءَ جي اچڻ جو گهنڊ نه وڄايو؟

جيڪو نمبر عهد جو رسول ۽ ميثاق جو نبي آهي ان متعلق وعدو ڪرڻ وارن مان ڪهڙن وعدي شڪني ڪئي؟ هي ٻئي هڪ ٻئي ڪان ۽ انهي ڪان ايترو پري ته نه هئا. پر جيڪي انهن ڪان پري تمام گهڻو پري رهيا هئا انهن به ڇا دنيا اڳيان پنهنجو قرب ۽ محبت جو اظهار نه ڪيو؟ سينا جي روشني ۾ حضرت ڪليم موسيٰ عليه سلام ڪي ڏيڪاريو ويو ۽ ڏسڻ شرط انهن رڙ ڪئي.

خدا تعاليٰ سينا مان نڪتو سعير ۾ چمڪيو ۽ فاران ٻڪڻ جي پهاڙين ۾ جلوه افروز ٿيو ڏهه هزار قدوسين سان گڏ (پيدائش باب 17،20)

جنهن جي والد محترم بيابان ۾ بانسري وڄائي هئي انهيءَ جي پٽ حضرت سليمان عليه سلام پنهنجي شاهي تخت تي انهيءَ جي اڳيان سربہ سجود ٿيو هو اشارن ۽ محاورن ۾ نہ بلڪہ علل اعلان نالو وٺي انهيءَ پنهنجي محبت ۽ دل لڳيءَ جو اظهار هنن لفظن ۾ فرمايو اچو وه خلو محمد يم زه ودسي زه رعي (تشبيهات سلمان پ 12:5)

اهي صحيح محمد ﷺ جن ئي آهن جيڪي منهنجا محبوب منهنجي جان آهن. ۽ ڇا ان جي ذڪر لاءِ صرف حضرت دائود عليه سلام، حضرت سليمان عليه سلام ئي تڙپيا هئا؟ بيابان عرب ۽ ان جون واديون ۽ ڳوٺ حضرت اسماعيل عليه سلام جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجي آواز بلند ڪندا سلعٌ جا باشندا هڪ گيت ڳائيندا پهاڙن جي چوٽين تان للڪاريندا اهي سائين خداوند جو جلال ظاهر ڪندا. (يسعيان نبي جي ڪتاب باب 42)

سچ ڪي ڪوڙ ناهڻ لاءِ توهان پهاڙن ڪي جبلن کي ختم نٿا ڪري سگهو، مدينہ منوره جي هر هڪ بار ڪان هاٽي بہ پڇي سگهو ٿا تہ هو پنهنجن ٻڪرين لاءِ گاهہ کهڙي پهاڙ جي هيٺيان لڻندا آهن سلع ئي اهو پهاڙ آهي جتي اڄا تائين وڏي ڪاهي يعني خندق جا نشانات موجود آهن ۽ اها پهاڙي اڄ بہ انهيءَ نالي سان مشهور آهي.

۽ جڏهن اڄڻ وارو مڪہ ڪان مدينہ منوره اچي رهيو هو جنهن کي حبقوق نبي صديون پهريان ڏسي اهڙي طرح خوشي مان نعرو هنيو هو. الله ڏکڻ ڪان ظاهر ٿيو جيڪو قدوس آهي ۽ ڪوهِ فاران مان آيو ۽ انهيءَ جي شان شوڪت ۾ آسمان لڪي ويو ۽ زمين احمد جي حمد سان ڀرجي وئي (ڪتاب نبي باب 3)

۽ يسعيا نبي پنهنجي جوش بيان ۾ ان جو آواز ان طرح بلند ڪري رهيا هئا. عرب جي صحرا ۾ رات گذاريندا اي وِڏاوانيو جا

رهواسيو قافلا! اجارن جو استقبال ڪرڻ اچو، اي تيما جي سرزمين جا با شندا! .ماني ڪٽي اچو ۽ پڄي ويندڙن سان ملڻ لاءِ اچو ڇو تہ اهي ننگي تلوارن جي سامهون ڪان ۽ ڇڪيل تير ڪمانن ڪان ۽ جنگ جي شدت ۽ دهشت ڪان پڄي نڪتا آهن (يسعيان باب 21)

ڇا اچڻ واري جي آمد جي خوشي ۾ دامن سلع جي باشندن مدينہ منوره ۾ اچڻ تي طَلَعَ الْبَدَرُ عَلَيْنَا ۽ اهڙي قسم جي بين گيتن سان پهاڙن جي چوٽين نہ پئي للڪاريو دنيا جي ڪنهن بہ قوم جي حافظن ۾ اڄ ڏينهن تائين ۽ تاقيامت اهو گيت محفوظ نہ رهندو؟ ڏسو انهي للڪارن ڪي قيدار جي اولاد (قريش مڪہ، جي عظمت بدر جي ڪوه ۾ غرق تي هئي. ڇا نيڪ تاريخ جي قيد سان گڏ ۽ ظهور ڪان پهريان ۽ سوين سال صديون پهريان يسعيا بني اسرائيل ۽ عيسائين جا پيغمبر اهو چوندي رڙيون نہ ڪندا هئا.

”نيڪ هڪ سال مزدورن جي هڪ سال ۾ قيدار جي سڄي هشمت متيءَ ۾ ملي ويندي:.

آئون پيو ڇا ٻڌايان تہ انهن وفاداري جو حلف ڪٽڻ وارن ڪيتري زبردست طاقت ۽ قوت سان پنهنجو پنهنجو واعدو وفا ڪيو؟ جيتوٽيڪ انهن جو سڀ ڪجهہ برباد ڪيو ويو هو ۽ متايو ويو، پوءِ بہ ڪير ڇئي ٿو سگهي ڪنهن جي طاقت ۽ قوت انهن خاص نسخن ڪي مٽجڻ ڪان بچايو؟ ملا جي نبي سچ چيو هو.

اهو خداوند تعاليٰ جنهن جي تلاش ۾ توهان آهيو؟ قرآن ڪريم جي آيت آهي ”وَذا أخذ الله ميثاق النبين“ الله تعاليٰ صاف صاف اعلان ڪيو آهي آنحضرت محمد ﷺ جي متعلق سيني پيغمبرن ڪان وعدو ورتو ويو ۽ انهيءَ واعدي جو شاهد حق سبحان هو تعاليٰ پنهنجي پاڻ ڪي بنائي ڇڏيو. ها! واعدي واري رسول جنهن ڪان

توهان سڀ خوش آهيو اهو پنهنجي گهر ۾ ايندو. ڏسو پوءِ اهو يقينن ايندو، رب الافواج سچي قوت جو مالڪ فرمائي ٿو، پر انهيءَ جي اچڻ جي وقت ڪير سچ تي بيهي سگهندو؟ ۽ جڏهن اها شخصيت پنهنجي جا و جلال سان آب و تاب سان ظاهر ٿيندي ڪير بيهي سگهندو. (ملا جي نبي جو ڪتاب باب نمبر3)

جنهن گهر ۾ هو اوچتو آيو "آنحضرت ﷺ فتح مڪ جي موقعي تي اهڙي طرح اوچتو مڪ مڪرم پهتا جڏهن 10 هزار صحابہ جو لشڪر مڪ جي وادي ۾ رات پنهنجو ديرو ڄمايو ۽ رات جي ماني تيار ڪرڻ لاءِ باهہ ٻاري تڏهن ابو سفيان ۽ ٻين مڪي وارن کي خبر پئي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪ ۾ پهچي ويا آهن سيني کي خبر آهي تہ ڪنهن زماني ۾ انهيءَ يعني ڪم ڪائڻ پچائڻ جي بندش جو هڪ پڌرنامو قريش تيار ڪري حضور ڪريم ﷺ جن لاءِ ڪعبہ ۾ لکي ٽنگي ڇڏيو هو ۽ انهيءَ لکيل تختي کي ڪعبہ اندر اڌوهي کائي ڇڏيو هو.

اهو سڀ ڪجهہ سندس آڌو آيو جيڪو الهامي ڪتابن ۾ انهن جي پيغمبرن مٿان نازل ٿيو هو ۽ پوءِ اوهان ڏٺو تہ ڪير ان وقت ان جڳهہ تي وعدي واري ڳالهہ تي بيٺو جيڪو الله تبارڪ تعاليٰ پنهنجي بندن کي ٻڌائڻ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو.

اها سوناري جي باهہ ڌوٻي جي صابڻ وانگر آهي (ملا جي نبي جو ڪتاب باب 3) جيڪو سڙڻ وارو هو اهو سڙي ويو ۽ جيڪو ڌوپجڻ وارو هو اهو ڌوپجي ويو ۽ جيڪو چمڪڻ ۽ صاف ٿيڻ وارو هو اهو چمڪيو ۽ صاف سٿرو ٿيو، ۽ باوجود لکّ دفعہ لڪائڻ ۽ مٽائڻ جي چمڪي رهيو آهي ۽ چمڪندو رهندو، خير وڌيڪ نتا چئون صرف ڳالهہ منهنجي سامهون آهي تہ جيترا بہ اچڻ وار آيا

## حضرت عبدالمطلب جي پروش ۽ سندن وفات:-

جيڪي پنهنجي جوانيءَ جو قوتون وڃائي هڪ پوڙهي ۽ ڪمزور ديوار جي سهاري سان پنهنجي زندگي جي نمائش پوري ڪري رهيا هئا سندن پرندڙ ڏيو اجهامڻ جي ويجهو هو انهيءَ پوڙهائپ جي هٿن ۾ پنهنجي سچي آزادي واري حقيقت کي ظاهر نہ ڪري ۽ انهي پردي کي نہ هٽائي ۽ انهي تي ڪجهہ شڪ جو مونجهارو رهڻ ڏئي پر جيڪي پنهنجي دعوا جا خود دليل هئا انهي جي دليل ڪمزور ٿي ها جيڪڏهن عين وقت تي حضرت عبدالمطلب رضہ جن جو ان سهاري جو مصنوئي آسرو ظهور نہ ٿئي ها ۽ آخر اهو ظاهر ٿيو ۽ سائين جن جي بہ هن دنيا مان رحلت ٿي وئي.

## حضرت ابوطالب جي نگراني:-

حقيقت جهڙيءَ طرح انهيءَ شاندار چهري جي آب وا تاب مان بنا ماءُ ۽ پيءُ جي لاوارث بار مان چمڪي رهي هئي اها پنهنجو جلوو شايد نہ سنڀالي سگهي، جيڪڏهن سندن ڪفالت بنا دولت ۽ بنا سر و سامان جي حصي پتي جي سندن چاچي محترم جناب حضرت ابوطالب رضہ جي خدانخواستہ سندن نگراني مڪہ جي شاهوڪار عبدالعزيٰ المشهور ابولهب جي حوالي ٿئي ها پر اها حقيقت رهي آهي تہ شينهن جا ٻچا لومڙين جي ڪاهين ۾ ڪو نہ پلجندا آهن ۽ جنهن پاڻي جي قطري کي موتي ٿيڻو هوندو آهي اهو ڪڏهن بہ ڪوڏن ڏيڏرن منهن ۾ نہ ڪرندو آهي.

لطيف چوي ٿو:-

سڪو سپن ڪان سندم ريت سڪڻ جي
منگن جر مٿان اوريان ڪن نہ آسرو

ماڻهون قومي ۽ ذاتي بقا ئي نہ بلڪ منڍ کان ئي انسانيت جي بقا جي راز کان وانجيهل ۽ بيخبر آهن

ڏسو! جيڪو اهڙي ملڪ ۾ پيدا ٿيو جنهن ۾ ڪجهہ نہ هو بدحالي ۽ بک کانسواءِ، اهڙي طرح هي قدرت جي ئي طرفان ڳالهہ هئي جنهن قوم ۾ هو پيدا ٿيا انهن وٽ بہ ڪوڙن عقيدن کان سواءِ ڪجهہ نہ هو. اهو پنهنجي قوم کان ڪهڙو دماغ، ڪهڙي دل ۽ ڪهڙي قسم جي طبعيت وٺي، جيڪو ڪجهہ هنن وٽ هيو ئي ڪونہ!

۽ جيڪڏهن فرض ڪريو تہ هنن وٽ ڪجهہ هو جيڪو ڪجهہ ٻاهر جو حال هو اندر جي ڪيفيت بہ اها ئي هئي پر شايد انهن جون دليون انهن جي پهاڙن کان وڌيڪ سخت هيون انهن جا دماغ انهن جي ريگستاني ميدان ۽ صحرا وانگر بي فڪر ۽ خالي هئا انهن ۾ انهن جي صحبت ۾ رهڻ وارن جي اندر سڌاري کان وڌيڪ بگاڙ پيدا ٿيندو ٿي آيو، بهتري جي بدران هنن ۾ تڪبر ۽ آڪڙ پلجندي هئي.

۽ اهي ٿئي ماڻهون اتي جا اصل رهواسي ئي هئا ۽ اهوئي مڪہ ساڳيو هو، مجون تا ان ۾ ڪو مدرسو نہ هو ڪو بہ ڪاليج نہ هو يونيورسٽي يا ڪا سوسائٽي نہ هئي نہ ڪو پارڪ هو فيڪٽريون ۽ ڪارخانہ بہ نہ هئا، علمي ماهر نہ هئا ڪو بہ باضابطہ سياسي ادارو نہ هو پر پوءِ اهو شهر مڪہ هو ان جي شهرين جا ڪجهہ اصول هئا هڪ معبود هو جنهن جي زيارت لاءِ سيني پاسن کان مسافر ايندا هئا ڏکڻ اتر جي قافلن واري رستي تي واقع هو.

<u>ٻاراڻي وارا ڏينهن:</u>

شڪ جي هن پردي کي کولڻ لاءِ بہ غالباً اهو غيبي سامان هو جيستائين ان کان جدا بہ ڪجهہ حاصل ڪري سگهيا، هن عمر ۾

خانداني حالتن ۾ مجبورين ڪيس شهر ۾ شهريت کان جدا ڪري جهنگل تائين پهچائي ڇڏيو، بجاءِ ماڻهن جي جهرمٽ ۾ ڪيڏڻ جي سندس لاءِ جانور ۽ جابلو وڻ ۽ جيوت ساٿي ٿاهيا ويا، ڪاروبار جي اندر داخلا ٿيڻ کان پهريان تقريباً ٻاويهه سال جي عمر تائين سندن جي زندگي جو اهو نظام هلندو رهيو صبح جو گهر کان نڪرڻ ٻڪريون ۽ انن جا وڳ ساڻ ڪري پري پري تائين جابلو ريگستان ۾ هليو وڃڻ ۽ شام جو سيني جي گهرن ۾ ساري سنياري جانور ۽ مال واپس پهچائڻ، گهر واپس ورڻ تي شام يا اونداهي ٿيڻ وقت جيڪو ڪجهه کائڻ لاءِ مليو بنا ڪنهن چون چران جي کائي ڇڏڻ ۽ ٽڪل ٽنل ڏنارن وانگر سڄي انسانيت جو سيني کان وڏو ڏنار سمهي رهندو هو شهر ۾ ڇا ٿيو؟ ڪير اچي ٿو؟ ڪير وڃي ٿو شايد ئي ان جي خبر ڪا وٺندو هو، ان مان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ ڏنار واري پوري زندگي ۾ صرف هڪ دفعو جيئن حضرت عمر جو اندازو آهي تہ ڪنهن شاديءَ وهانءَ جي رسمن ۾ ريتن ڏسڻ جو خيال پيدا ٿيو. شايد ان ڏينهن ڏڻ ڪي ٿورو پهريائين هڪلي اچي سگهيا هئا شام تي ضروري ڪمن کان فارغ ٿي تقريب جي مالڪ جي جڳهہ تي پهتا شادي جون رسمون دهل ڏمامر اجان شروع نہ ٿيا هئا تہ مال چارڻ واري ٿڪاوٽ ڪيس سمهاري ڇڏيو،جڏهن اک کلي تہ سڄو تماشو ختمر ٿي چڪو هو ۽ اوير رقاص ۽ ناچو آسماني عالم تي پنهنجي پرن جي ڦهلائڻ ڏرتي رقص ڪري رهيو هو ۽ ان ناچ جي لهرن جي جنبش ڏرتي تي ڪي گرمائي رهي هئي ۽ اُس نڪري چڪي هئي.هي حال تہ ان وقت جو آهي جڏهن هو پنهنجي قوم کان ڪجهہ وٺي سگهيو ٿي پر جڏهن قدرت واري ڪي اهو

هلندو رهيو ۽ پوءِ اهڙي مقام تي پهتو جتي سيني کي حيرت ۽ تشنگي هئي تہ ڏسون تہ هاڻي ڇا ٿو ٿئي.

**نڪاح :**

توهان ڏسي چڪا آهيون تہ انهيءَ عمر ۾ دنيا جا نوجوان ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري وٺندا آهن پر پاڻ ڪجهہ حاصل نہ ڪيائون سواءِ ڏيڻ جي؟ ۽ جنهن کي وڏيڪ وقت انسانن بدران جانورن سان گذارڻو پيو، محسوس ۽ طاقتور قوتن جي غلامن جون نظرون آخر ان ۾ ڇا حاصل ڪري تي سگهيون جنهن جي هو قيمت لڳائين؟

اهو سچ آهي تہ سندس خانداني اعليٰ ۽ بنا ڪنهن شڪ جي ايترو بلند ۽ بزرگي ۽ شرافت آهي جيڪو بني آدم جي ڪنهن بہ گهراڻي کي ايتري منزلت حاصل آئي هجي ان وقت ئي نہ بلڪ انهيءَ وقت زمين جي آبادي جو تقريباً ٽيون حصو انهيءَ اعليٰ ۽ برتر جي نيڪ فرشتہ صفت جي دائري خاندان تي ناز ڪري رهيو آهي.

مسلمانن کان علاوه ٻيا سڀ اهو ڄاڻين ٿا تہ دنيا جا سڀ يهودي ۽ نصراني پنهنجي سيني بزرگين ۽ شرافتن کي ان جي ڏاڏي حضرت ابراهيم عليه سلام تي ختم ڪندا آهن؟ ۽ پوءِ ابراهيم عليه سلام جي ٻچن ۾ اهو ٻار جيڪو ڪنهن معمولي عراقي عورت جي بدن مان نہ بلڪ شهنشاهہ مصر جي صاحبزادي مان پيدا ٿيو ۽ جيڪو ابراهيم عليه سلام ۽ حاجره رضہ ٻنهين جي ڏک جي آواز جو لاهوتي جواب هو. جنهن جو نالونبي اسماعيل (الله جو ٻڌل) هئو اهو ئي هو جنهن کي ڪعبہ جي رب قبول ڪيو ۽ جنهن جي بنياد تي ابراهيم عليه سلام کي دنيا جي امامت جو منصب جليل عطا ڪيو ويو ۽ اهو ان ايندڙ جو ڏاڏوهئو جيڪو وڏي شان سان اچي رهيو هئوخاندان جي هن عالمگير برتري کان علاوه خود

عرب جي جزيره نما ۾ قريش وارن مان نسبتً متانهون هئا. ۽ قريشين ۾ بہ قصي ۽ هاشم جو گهراڻو سيني جي سامهون پنهنجي بينظير خدمتن جي صلي ۾ عزت ۽ ڪرامت جو جيڪو مقام حاصل رکندو هئو عرب ۾ ٻيو ڪير هئو جيڪو ان جي برابري ڪري تي ٿئي سگهيو جيڪو ڪلهو ملائڻ جي ڪوشش ڪري تي سگهيو، مقابلا ضرور جاري ۽ ساري هئا پر ان جي اونچي ۽ اعليٰ نصب تائين ڇا ڪو پهچي سگهيو؟

اهو سڀ ڪجهہ موجود هو پر پوءِ بہ حوس ۽ شهرت پرست جي جنهن گروهہ سان ان وقت مقابلو هو انهن جي ڪتل نظرن ۽ تنگ فهمي جي اڳيان ماضي جي هن بيمثال عظمت جي ڇا قيمت ٿي سگهي ٿي؟ جنهن ٻار جو پيءُ بہ نہ آهي يتيم ٻار ماءُ بہ ناهي ڏاڏو بہ نہ هو سرپرستن لاءِ واجهائيندڙ ڪي جيڪڏهن ڪو هڪ اڌ چاچي جو نالو مليو ٿي تہ اهو بہ معاشي بدحالين ۾ ڦاٿل ۽ گهيريل ڊگرين ۽ تعليم جو تہ خير اهو زمانو نہ هو پر سرمايو ۽ صلاحيتن جو سوال تہ هر زماني ۾ رهندو آيو آهي ۽ ان وقت بہ ضرور هو، ظاهر آهي جنهن پنهنجي پوري زندگي بيابانن ۽ صحرائن ۾ ٻڪريون چاريندي ۽ انن جي رکوالي ڪندي گذاري هجي، انهيءَ طرف هي نظرون ڪهڙي طرح وڃي ٿي سگهيون جنهن وٽ فڪر ۽ محسوسات کان علاوه ڪنهن ٻئي شيءِ جي گنجائش نہ هئي؟

اهي جيڪو اڻ ڏٺي حسن يا گمان تي ڏٺل ڪي ڪيئن تي يقين ڪرائي سگهيا، انهن جيڪڏهن هن ۾ صداقت ۽ امانت جون خوبيون لڌيون بہ هيون تہ پوءِ ڇا هو ان ۾ صداقت ۽ ان امانت تي دولت ۽ مسرت جي خواهش ڪي ڪُهڻ جي همت رکي تي سگهيا؟ جاهل غريب بت پرستن کان ڪهڙي اُميد ڪري سگهجي ٿي جڏهن

اهڙي دعويٰ ڪنهن ٻڌي؟ ۽ اهڙو دليل ڪنهن ڏنو؟ دعوا ٻڌائي وئي ۽ دليل ڏنو ويو، عالم نبوت ۽ پڪي دليل جي هڪ عجيب شي (صلاة الله عليه وسلامه) ۽ ڏسو ته انهيءَ سان گڏ هڪ روشني آهي جنهن ۾ پڙهڻ وارا چاهين ته پڙهي سگهن ٿا، ته آئينده جيڪا به جنبش ٿي اها انهن ڪان نه ٿي ته بک ڪنهن کي بيچين ڪيو ۽ افلاس ڪان ڪير تڙپيو هو.

**گوشانشيني، اڪيلائي پسندي:-**

اها حقيقت آهي ته اميري جڏهن به ايندي آهي پنهنجي اوج ۽ مستيءَ سان ايندي آهي جنهن کي محلن ۾ خوش آمديد ٿيڻ جو موقعو ڏنو ويو هجي تلاش ڪريو ته اهو ويرانن ۾ ملندو؟ مڪه جا رئيس پنهنجي ڪوٺين ۾ آهن ۽ طائف جا امير گلن ۽ ميون سان پريل باغن ۾ ۽ انهن بنگلن ۾ آهن پر جيڪو سيني ڪان وڏي عمارت جو مختيار ڪل ۽ حقيقي مالڪ آهي اهو پهاڙن جي انڌيري غارن ۾ آهي. ۽ پوءِ جيڪو سرمايو ڪيس مليو ڇا اهو ۽ ڇا اها دولت بازارن ۾ آهي؟ رشتن کي جوڙيو ويو. مهمانن کي ڪارايو ويو، نڪمن کي ڪارمند بنايو ويو. بار وارن جو بار هلڪو ڪيو ويو، نادانن کي سيکاريو ويو، مصيبت ۾ ڦاٿلن جون مصيبتون هٽايون ويون، هي حضرت خديجه رضي الله عنه جي خيرت آهي جنهن ۾ سندس دولت ڪم آئي.

پوءِ جيڪو انهن ۾ ننڍو هو اهو وڏو ٿي چڪو هو، مال ۾ وڏي چڪو هو وقار ۽ ڪردار ۾ وڏو ٿي چڪو هو ۽ پنهنجي هم عصرن، هم رازن ۽ هم اميد رکندڙن سيني ڪان وڏو ٿي چڪا هئا آخر ان ڪان به وڏي ڳالهه يا وڏائي ڪنهن کي حاصل هئي؟ ڪاري پٿر جي لاءِ جيڪا لال لهو جي ندي وهڻ واري هئي ان جي اڪيلي

هٿ ان خوني طوفان جو رخ موڙي ڇڏيو. جنهن جي گهر جو مهمان هميشہ اڪرام سان ٿي واپس ٿيو، جنهن جي دامن دولت جي هيٺان يتيمن کي پناهہ ملي جيڪي بي روزگارن کي روزگار ڏيارڻ جو ڏنڊو ڪندا هئا.

جيڪي بي هنرن کي هنر سيکارڻ جو درس ڏيندا هئا، گري وزن وارن جو وزن کڻندا هئا. هو ڏکئي وقتن ۾ رکوالو ٿيندا هئا، جيڪو ڪجهہ هنن وٽ قدر واري پهچايو هئو اهي سندس ئي راهہ ۾ لٽائي ڇڏيندا هئا.

جنهن نيڪي جي منجهيل شاخن ۾ پنهنجو سڄو سرمايو پنهنجي سڄي توانائي لڳائي ڇڏي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ان ڪانپوءِ شهريت ۽ عظمت، جاه و جلال جون بلنديون جيڪي ڪيس ميسر ٿيون اهڙي برتري اتي ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿي هئي.

مال ۽ دولت جي ديوين يا مندرن ۾ صدق ۽ امانت جهڙين صفتن جي ميجون ٿا تہ عبادت نہ ٿيندي هجي پر مان مرتبي جي هن فقيري لشڪر ۾ ڪردار جي هن قوتن کان بازي کڻڻ مشڪل هئي؟ ۽ اهو بنا ڪنهن شڪ شهبي جي صرف پنهنجي شهر ۾ ئي نہ بلڪ انهن شهرن ۾ جتي دنيا پر جا ماڻهو ايندا هئا ۽ ڪير پڌائي سگهي ٿو ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو اتي ايندا هئا زيارت جي لاءِ تجارت لاءِ انهن سيني علائقن ۾ انهن خطن يا پرڳڻن ۾ اها تہ تاريخ پڌائي ٿي تہ ملڪن تائين بہ انهن ئي رستن سان سندن نالو مٿانهون ٿي چڪو هو. مان ۽ مرتبي جي لحاظ کان جيڪو ڪجهہ ان وقت سوچي سگهجي پيو يقينن اهو سڀ ڪجهہ کين حاصل ٿي چڪو هو ۽ مالي طور مستحڪم جي جيڪا سندن حيثيت ۽ وڏائي هئي اها

حقيقت ۽ اهميت توهان سمجهي سگهو ٿا جيڪا سڄي حجاز جي اميري هاٿي سندن جي هٿن ۾ هئي.

بس جيڪا شيءِ انهن کي محلن ۾ ملي چڪي هئي. ڪيتري وڏي بي ايماني ۽ گهٽيا ۽ بي بنياد بدانديشي ٿيندي تہ اهو انهن تي بهتان مڙهيو وڃي، جڏهن پاڻ هفتا عشره ڏهاڪا غارن ۾ ڏينهن ئي نہ بلڪ ڏيڍارينڊڙ ۽ خوفناڪ راتيون بہ اتي گذاريندا هئا، نانگ بلائون وڇون، درنده صفت جانورن سان اهي پهاڙ اهي جهنگ ۽ جبل ڀريل هئا ۽ اهڙن خطرن واري جڳهين تي وڃڻ جي ڪين کهڙي ضرورت هئي، زندگي جي هر عيش بخملي ۽ ريشمي وهاڻن، اعليٰ قسم جي غاليچن، آرامده گدن ۽ طرحين طرحين قسم جي مختلف ملڪن مان شاهاڻي قسم جي عيش و عشرت جو مڪمل سامان موجود هو، جيڪڏهن چاهين ها تہ انهن سيني شين مان آرامده زندگي گذاري پئي سگهيا جيڪي ڪين حاصل ٿي چڪيون هيون. ليڪن بجاءِ ايراني بخمل، مصري پٽ، ترڪي غاليچن ۽ رومي گلمن جي بجاءِ زمين کي پنهنجو فرش ۽ ڪارا پٿر سندن وهاڻا ۽ تڪيہ هئا.

بي چارگي ۾ ۽ لاچاري ۾ ڪنهن جي وڏائي جي خبر نہ پوندي آهي پر جڏهن سڀ ڪجهہ ميسر هجي ۽ پوءِ بہ مٽيءَ جي فرش تي سمهڻ سڪون سان رهڻ تہ سمجهي سگهجي ٿو تہ زمين جي فرش جي اهميت پر ڪجهہ هوندي بہ خاڪ مٽي جي فرش ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هئو، جيڪو تخت ۽ شاهي ماحول ۾ سمهي سگهيو ٿي ۽ اهو مٽي تي سمهي پٿرن جا وهاڻا ڪري راتيون ڪٽي انهيءَ جو سون ۽ سچ خالص سچ انهيءَ ۾ ڪابہ کوٽ نہ آهي ۽ هي تہ صرف هڪ آزمائش رهي، ان امتحان جي جيڪو پاڻ کي طئہ ڪرڻو هو ۽

جنهن ۾ پاڻ کي هاڻي لاتو ويندو، هي انهيءَ جي پهرئين منزل هئي.جانچڻ وارا تحقيق وارا جاچي وٺن پرکڻ وارا پرکي وٺن ۽ جهڙي طرح جنهن جنهن امڪاني صورتن سان چاهين ۽ جيڪو ڪجهہ هنن جي اندر آهي ان کي سامهون آڻين.

پنهنجي تپاس جي معيار کي ڪٽي اچو پنهنجي ڪسوٽي کي ڪٽي ڏوڙايو ۽ هڪ هڪ زندگي جي لمحي تي گسائي پسائي معلوم ڪريو، قدرت جي هٿن مان خالص ۽ آلودگين کان پاڪ بلڪ صاف پيدا ڪيا ويا، صداقت ۽ صحيح رستي، امانت ۽ اخلاص جي سواءِ هن ۾ ڪابہ ٻي اهڙي ملاوٽ واري شيءِ نہ هئي؟

خوب ڪپگير ڦيرائي ڦيرائي ڏسو تہ هن ديڳ ۾ ڪو بہ ڪچو چانور رهيل نہ ملندو. روشني جا جيڪي ڪرڻا انهيءَ جي اندر مان ڦٽي رهيا هئا دنيا کي روشن ڪري رهيا هئا، غور سان ڏسو اکيون ڦاڙي ڦاڙي ڏسو خوردبينن کي اکين تي چاڙهي ڏسو، تاريڪي اونداهي جو هنن ۾ ڪو بہ ڏار ڏارو نظر نہ ايندو.

نبي مجڻ ڪانپوءِ ڪنهن ۾ بہ هن قدرت جي موڪليل سڳوري هستي جي امتحان وٺڻ جو ڪو انديشو ڪري ٿي سگهيو؟

اها ئي مصلحت هئي تہ هڪ مهينو، ٻہ مهينا نہ ٻہ سال بہ نہ، بلڪ توهان مان ڪير نٿو چاهي تہ مڪي زندگي جا پورا تيرنهن سال انهيءَ حال ۾ گذارڻا پيا تہ جيئن ڪير بہ ڪين ڪو نہ سچائي سگهيو؟ چو تہ اهو ڪو بہ مجڻ لاءِ تيار ڪونہ هو؟ پوءِ صرف انهن کي ئي نہ بلڪ سندن ڪشف ۽ محبت ۽ پيار تقريباً انهن ٻارنهن تيرنهن سالن جي مدت ۾ جزيرةالعرب ئي نہ بلڪ مشرق ۽ مغرب، ايشيا ۽ آفريڪا جي لکن ميلن ايراضي جي ڪروڙين انسانن سان پري چڙيو ۽ پوءِ انهن ۾ ڪو بہ انڪار ڪرڻ وارو نہ رهيو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جي پندرنهن سال دور حڪومت تائين پهچندي پهچندي ائين ٿي ويو هو جيئن حبقوق نبيءَ صديون پهريان چيو هو

آسمان ان جي شان ۽ شوڪت کان لڪي ويو ۽ زمين احمد جي حمد سان پرجي وئي، گونججي وئي، هو اٿي ٿي بيٺو تہ زمين کي لرزائي ٿي ڇڏيائين، پاڻ نگاه ڪيائون ۽ قومن کي حيران ۽ پريشان ٿي ڪري ڇڏيائين، قديم پهاڙ ريزه ريزه ٿي ويا پراڻيون پهاڙون ان جي سامهون زيرزمين ٿي ويون ۽ مديان جي زمين ( بائيبل مديان کي مڪي جي زمين ڪري سڏيو آهي) جا پردا لزري ويا هئا.

شروعاتي ڏينهن وحيءَ جي نزول وارا:-

هاڻي ڏسو اڪيلائي تنهائي جي هن زندگي ۾ هو هڪ وڏي دعويٰ کي ڪٽي اچي ٿو،نيڪ اهڙي طرح جيئن حضرت سليمان رضي الله نبيءَ چيوهو.

”هو منهنجي محبوب جو آوازہ،ڏس هو پهاڙن تان ٽپو ڏيئي جبلن جي ٽڪرين کي ڦلانگي اچي ٿو (غزل الغزلات باب نمبر1)

۽ پهاڙن کان لهي ڪري دنيا جي اڳيان هنن حيرت سان پريل ان تجربي جو اعلان ڪيو جيئن يسعياه نبيءَ چيو هو.

”اڻ پڙهيل کي ڪتاب ڏنو ويو انهيءَ کي پڙهہ ۽ هو چوندو ويو تہ آئون اڻ پڙهيل آهيان پڙهي نٿو سگهان“ سمجهڻ وارن سمجهايو نہ سمجهيو، مون کي ان سان ڪو بہ بحث يا تڪرار نہ آهي پر بخاري ۾ آهي حرا جي ڪوه ۾ ان جي سامهون پهريان حق جو جلوو نمودار ٿيو ۽ اهڙي طرح بي نقاب ٿيوجيئن پهاڙ جي اندر هڪ سبزنستان جي باهہ پڙڪي پئي هجي.

بخاريءَ جي شروع ۾ وحيءَ جي جيڪا حديث آهي ان ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ غار حرا ۾ پهريان سندن سامهون ”اوچتو حق ظاهر ٿيو“ هي جاءِ الحق جو ترجمو آهي.

۽ چيائين

”اِنَّنِي اَنَا اللّٰهُ لَااِلٰهَ اِلَّا اَنَا“

ها مان الله آهيان ڪو بہ معبود نہ آهي مون کانسواءِ!

جي سرمدي پڪار اهڙيءَ طرح گونج ڪئي جو ٻڌڻ وارو ٻڌائي نٿو سگهي، تہ ڪٿان اها پڪار گونجي، پر اها گونجي هئي ۽ اهڙي باهہ وانگر گونجي هئي، حضرت موسيٰ کي بہ ائين محسوس ٿيو هو ۽ اهوٴ تہ قرآن شريف ۾ آهي غير قرآني ياداشتن ۾ آيو آهي

پير جي وڻ جي ڇانوَ ۾ جيڪو مايوس وينو هو ۽ اوچتو ئي ٿپ ڏئي اٿيو ۽ چيائين ملي ويو، ملي ويو هاڻي توکي ڪڏهن بہ نہ وڃائيندس ۽ جيئرو ٿي ويس جيئرو ٿي ويس، هاڻي ڪڏهن بہ ڪونہ مرندس (اؤڪماقال)

خدا ئي ڄاڻي ٿو تہ گوتم ٻڌ ڇا هو؟ ڪير هو؟ ۽ ان ڇا چيو؟ ۽ ماڻهن ڇا ٻڌو پر ڪجهہ اڻ وسريل افسانن ۾ تذڪرن ۾ ذڪر هلندو ٿو اچي ۽ ڪجهہ اهڙي قسم جا لفظ هن چيا.

بهرحال حق جي هن ڳالهہ ڪئي ۽ چيائين ”ملائڪ ئي حق هو ۽ حق ئي ملائڪ هو“ جنهن کي بخاري ”فَجَاهُ الملڪ“ اوچتو فرشتو ظاهر ٿيو.

جيڪي ائين چون ٿا هاڻي انهن کي ڇا چئجي جنهن بہ چکيو انهيءَ کي ئي سوادِ لذت جي خبر هوندي اسان نہ چکيو ۽ نہ ئي ڄاڻي سگهون ٿا. اسان جي سامهون تہ هيءَ دعويٰ پيش ٿي ڏاڍي عجيب ۽ غريب دعويٰ، دل کي لوڏي ڇڏڻ واري دعويٰ جيڪي

انهي کي ڏسي نٿا سگهن انهن کي ڪيئن ڏيکاري سگهجي ٿو؟
انڌن کي ان جي سواءِ ٻيو ڪهڙو چارو!

**لطيف سرڪار چئي ٿو.**

مئي هاٿي سين مامرو اچي پيو انڌن
مناڙين هٿن سين اڪئين ڪين پسن
فل حقيقت فيل جي سڄا سڃاڻين
سندي سردارن بصيرت بينائي ٿئي!

بخت جو ماريل اهو آهي جيڪو پاڻ بہ ڏسي نٿو سگهي ۽ ڏسڻ وارن جيڪو ڏنو آهي هي بدنصيب انهيءَ جي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پنهنجي پني ۽ ڪنڌ ڦيرائي ٿا ڇڏين.

پرچائڻ ڪانسواءِ ڪير مڃي سگهي ٿو؟ جڏهن ڄاڻندو تڏهن مڃيندو ۽ جڏهن سڃاڻندو تڏهن جهڪندو، يقين جي فطري راهہ اها ئي آهي، توهان چنڊ کي نہ ڏسو اهو توهانجي وس ۾ آهي پر جيڪو سج جي سامهون بيٺو آهي جيڪڏهن هن هڪ پنبڻ بہ ٻئي پنبڻ کان جدا ڪيو تہ پوءِ هن جيَ قابو ۾ نہ آهي تہ هو سج ۽ ان چمڪ دمڪ کان گرمي ۽ روشنيءَ کي مڃڻ کان انڪار ڪري سگهي. باهہ تي ڇهڻ تي ڪابہ مجبوري نہ آهي پر ڇهڻ ڪانپوءِ گرميءَ کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو؟

بجنسہٖ ڪجهہ اهڙي طرح ڏسو حرا جي پيرن کان صدق ۽ امانت جو سج چڙهيو ۽ پنهنجي جاهہ ۽ جلال سان انسانيت جي محسوس ڪرڻ واري قوت جي سامهون اچي بيهي رهيو،جنهن مان سڄ سڃاتو ۽ ڄاتو وڃي ٿو ممڪن آهي تہ جهڙي طرح جيئن لکن ۾ ڪو هڪ اهڙو انسان بہ هوندو آهي جيڪو ڏسڻ جي فطري قوت کان محروم هجي يا ٻڌڻ جي صلاحيت بہ ختم ٿيل هجيس

جيڪڏهن ائين هجي سپ انڌا هجن سپ ٻوڙا هجن جهڙي طرح اهو ناممڪن آهي اهڙي طرح هي به محال آهي ته ماڻهو هجي ۽ ان ۾ سچ ۽ سچائي جي وجود جي قوت ئي نه هجي يا آگهي جي قوت ئي نه هجي يا ذهني روشني جي چمڪ ئي نه هجي، هي ڊاڪٽر آهي ۽ هي ڊاڪٽر ڪونه آهي، انهي فيصلي تي زندگيون حوالي ڪيو ٿيون وڃن ۽ اکين ۾ تير ٽنبيا ٿا وڃن.

انهيءَ ريل گاڏي ڪي اهي سپ ڪو نه هلائيندا آهن جيڪا بيابانن ۾ هلندي آهي چڙهاين تي چڙهندي آهي دريائن ۽ واهن جي مٿان گذرندي آهي فيصلي ڪرڻ جي اها قوت جيڪا ڊرائيور ڪيٰ غير ڊرائيور يعني مسافر کان جدا ڪري بيهاريندي آهي اسان ۾ اها اطمينان پيدا ڪندي آهي ته اسان پنهنجو سپ ڪجهه ان حوالي ڪندا آهيون پنهنجا ٻار ٻچا پنهنجو مال اسباب انهن ريل جي ڊٻن ۾ وجهي ڇڏيندا آهيون، ته هي گاڏي ڪنهن باصلاحيت ڪاريگر جي حوالي آهي جيڪڏهن سچ جو ڪوڙ کان فرق ڪرڻ جي صلاحيت اسان ۾ نه هجي ته پوءِ ڊاڪٽر ۽ ڊرائيور ڇا زندگي جي ڪنهن به شعبي جي گاڏي هڪ سيڪنڊ لاءِ به هلائي سگهي ٿو؟

۽ اهو ئي سبب آهي جو هن هستي ڪي هٿائڻ ۽ا مٽائڻ جي ڪهڙي شڪل باقي رهيل هئي جنهن معيار تي سچائي جي هن لاهوتي حقيقت ڪي نه پرکيو ويو؟ دولت ڪٺي ڊوڙيا زمين ڪٺي ڊوڙيا عورت ڪٺي ڊوڙيا جيڪو به ڪجهه سوچي سگهجي ٿو هر هڪ شيءِ سان مهٽي رڳڙي گسائي گسائي انهن جاچيو پر صدق ۽ امانت جي ان احساسن جي اها گرفت جيڪا دعويٰ کان پهريان انهن جي دلين ۾ مسلط هئي ڪنهن به حيلي بهاني سان هلڪي نه ٿي، انهي ۾ اندر ڇا هو؟ مال هو؟ مان ۽ مرتبو هو؟ يا ڪجهه ٻيو هو.

هر سوال جي ڏوري؟ ڏکي ڏوري ۾ وڌو ويو ۽ هر هڪ ڏنو ۽ بار بار ڏنو تہ سچ جي سوا انهيءَ ۾ ڪجهہ بہ هو، اخلاص جي سواءِ هن ۾ ڪجهہ بہ هو، هر آزمائش هر جانچ جو آخري نتيجو اهوئي حاصل ٿيو، جانچ جا اهي طريقا پاڻ لاءِ غيرڪارآمد ثابت ٿيا ۽ انهن ڪي انهيءَ رستي ڪجهہ حاصل نہ ٿي سگهيو.

هاڻي اهي منفي ۽ ڪوڙين تدبيرن جي متعلق پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان مشورو ڪرڻ لڳا ۽ دارالندوا جون سرگرميون ان وقت جيتريون تيز ٿيون ان جي تاريخ ۾ اهڙي گرم بازاري ان ڪي ڪڏهن نصيب نہ ٿي هئي.

هاڻي مخالفانہ سازشون انتهائيءَ پهچي چڪيون هيون تہ ڪهڙي بہ طريقي رستي تان ڪين هٽائجي ختم ۽ برباد ڪجي ۽ ان جي اندر جيڪو ڪجهہ آهي انهيءَ ڪي هر حربي سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ڳڌرو، قدرت بہ انهن ڪي ان ڪرڻ جو هڪ وسيع موقعو بغير ڪنهن مزاحمت جي وڏي فياضي سان ميسر ڪيو، ايتري درياءَ دلي سان جنهن جو مثال حق ۽ ايمانداري جي تجربي ۾ تاريخ قطئي گم ٿيل آهي حاصل ٿيو.

جيڪو چا ڪجهہ نہ پئي ڪري سگهيو ۽ جڏهن اجازت ملي وئي تہ پوءِ پاڻ چا چا نہ ڪري ڏيکاريائون ؟ اهو انهيءَ وقت مڪمل سڪون ۽ صبر مطلق جو هڪ ڪامل مجسمو ٿهي پاڻ ڪي ۽ پنهنجي ظاهر ڪي انهن مان هر هڪ جي اڳيان ڦهلايل هو.

جانچ جي انهيءَ رستي ۾ پوءِ چا پيش نہ ٿيو بجاءِ ان جي تہ هن ۾ انهيءَ درجي جو صدق هو ۽ انهيءَ درجي جي امانتداري هئي، جيڪا پهريان ئي هئي، ۽ اهو مقام نسل آدم ۾ ڪنهن ڪنهن ڪي ميسر اچي سگهيو ۽ اِن ڪي ڪير برداشت ڪري ٿي سگهيو.

## اَصَحَابہ رضِي اِللہُ جن جا ڏک:

هن جي لاوارث ۽ بي وس ساٿين تي پهريان هنن پنهنجا هٿ استعمال ڪيا ۽ پوءِ پنهنجن ڪارندن طرفان طرحين طرحين جون عقوبتون ۽ سزائون ڏياريون ويون، ٻرندڙ ڪوئلن تي زندهہ انسانن جي جسمن کي جلايو ويو، ٻرندڙ واري جي مٿان مڇي وانگر زنده انسانن کي سيڪيو ۽ پچايو ويو.

ڪتا جڏهن مري ويندا آهن انهن جي ڱنگن ۾ رسو ٻڌي ڀنگي گهلي ڪنهن ڪاهي ۾ اڇلائيندا آهن پر قريش وٽ اهڙا ڀنگي بہ هوا جيڪي ڪمزور ۽ نبل بي سهارا انسانن کي ڱلي ۾ رسي ٻڌيو مڪہ جي گهٽين ۾ هنن کي گهليندا هيا، گرم پٿر تي ننگي بدن تي ڪوڙا هٽي هٽي سچ کي ڇڏي ڪوڙ کي اڱلرائڻ جي لاءِ ماٿهو تڙپايا ويندا هئا، وڏن وڏن پٿرن سان هٿ پير ٻڌي تيز ٻراندڙ ڪوئلن جو دونهون سندن نڪن ۾ وڌو ويندو هو، جن تي اها گذري رهي هئي انهن جو جيڪو بہ امتحان هو، اهو ظاهر هو. پر واقعو اهو آهي تہ جنهن رؤف و رحيم جي فطرت طيبہ ۾ جنبش پيدا ڪرڻ جي لاءِ اهو طوفان اتاريو ويو، انهيءَ جي صبر مطلق ۽ سڪون قلب جي لاءِ هي وڏو سخت ۽ ڪڙو امتحان هو، ان ڪانسواءِ جيڪو هو پنهنجي اندر جي مانڊاڻ ٻڌائيندا هئا، ان ڪان سواءِ جيڪڏهن ڪا ادنيٰ مشابهت وارو واقعو بہ ٻڌائيندا هئا. تہ سندن نرم دل ۽ سندن ملائم رو ح جي لاءِ هي منظر ناقابل برداشت ٿي پوندو هو،

۽ پوءِ سڀ ڪجهہ زور ستم ختم ڪيوويو ۽ وڏي طاقت سان ختم ڪيو ويو، پر جيڪو سچائي جي پهاڙ تي ويهاريو هو. ڪيس صرف اڪين ۾ پاڻي آڻڻ ڪانسواءِ ڪابہ جنبش نہ هئي، پوڙهي غريب مجبور عورت جي مٿي تي ٻرندڙ ٽاندا رکيا ويا ۽ انهيءَ جي

سامهون سندس مڙس جي سيني ۾ ڀالو ٺوڪيو ويو. حضرت عمار رضہ جي والده ۽ والد جو هيءَ هانءُ ڏاريندڙ حالت ڏسي زبان ۾ بي اختيار جنبش پيدا ٿي، پر ان جنبش مان جيڪو آواز آيو اهو هي هئو،

"عمار جا گهر وارو! الله توهان تي رحم فرمائي، تنگيءَ ڪانپوءِ گهڻو پري ناهي تہ الله تعاليٰ ڪشادگي پيدا ڪري."

حبشہ ڏانهن هجرت:

ڪين جا بہ آڪيرا هوندا آهن جن ۾ ڏکئي وقت ۾ هو پناهہ وٺندا آهن. ۽ نانگن جا بہ ٻر هوندا آهن جن ۾ هو لڪي ۽ پنهنجي پيڇو ڪندڙن ڪان پنهنجي جان بچائيندا آهن، ليڪن دعويٰ جي زور ڪي توڙڻ لاءِ ظلم ۽ ستم جا جيڪي پهاڙ غريبن تي اچي ٽٽا هئا تہ هنن غريبن وٽ تہ ڪو آڪيرو، ڪو ٻر لڪڻ لاءِ نہ هو، جو هو پنهنجي جان حفاظت ۾ آڻي سگهن. انهن ۾ وڏو تعداد انهن غلامن جو هئو جن جو نہ پنهنجو گهر هو نہ پنهنجو وطن اهڙا هئا جيڪي ٻين جي سهاري زندگي بسر ڪندا هئا. جن وٽ سهارو هجي ۽ اهو سهارو ختم ٿيڻ تي اچي وڃي تہ پوءِ انهن وٽ ڪٿي پناهہ وٺڻ جي جڳهہ آهي؟ ايترو سرمايو بہ نہ هو تہ عرب جي هن علائقي کي ڇڏي خدا تعاليٰ جي ڊگهي ويڪري زمين ۾ ڪنهن ٻي جڳهہ پنهنجي سجدن جي جاءِ ناهي سگهن، اُف تہ سندن پيشانين کي خدا جي زمين تي زمين جو ايترو ٽڪرو بہ ميسر نہ هو جنهن تي هو پنهنجي پيشاني پنهنجي خدا جي سامهون رکي سگهن.

هن کي پنهنجي جڳهہ تان هٽائڻ لاءِ ۽ انهيءَ جڳهہ تان هٽائڻ لاءِ جنهن تي قدرت واري ويهڻ واري کي ويهاريو هو ٻين تي اهو دٻاءُ وڌو ويو تي آخرڪار هن کي ئي پنهنجي دل تي پٿر رکڻو پيو ۽ پنهنجي پياري صاحبزاديءَ ۽ محبوب نياڻيءَ کي راضي ڪيو تہ

جيئن بين ڏارين مظلومن کي گهر پڻ ملي سگهن ۽ حڪم تيو پنهنجي گهر جي نعمتن سان پريل دروازن کي ڇڏيو ۽ جلاوطنيءَ جا عذاب جن کان پاڻ قطعي ناواقف نوجوان گهوٽ ۽ نئين ڪنوار متو جهڪائي ۽ بي گهرن کي گهر ڏيارڻ لاءِ هي گهر وارو سمونڊ ٽپي حبشہ پهچايو ويو.

حضرت عثمان رضي الله عنه آن حضرت ﷺ جي صاحبزاديءَ رقيہ رضي الله عنہ جيڪا سندن گهرواري هئي، انهن کي ۽ مڪي جي غريبن ۽ فقيرن کي ۽ بين اهڙي قسم جي ماڻهن کي پاڻ گڏي حبشه پهتا جن جا ماءُ پيءُ ۽ عزيز اڪارب ايماندارن کي بي ايماني لاءِ مجبور ڪيو تي ويو. ۽ اهو پهريون دفعو نہ بلڪ هميشہ ڏٺو ويو آهي تہ ايمان تي ڪڏهن بہ جبر نہ ڪيو ويو آهي پر بي ايمانيءَ لاءِ مجبور ڪرڻ جا واقعات سان تہ تاريخ پري پئي آهي ۽ انهيءَ تي بہ بي ايمانن ڦهلايو تہ ايمان بہ جبر سان آندو ويو. بهرحال انهيءَ قافلي ۾ ابوطالب رضہ جو صاحبزادو حضرت جعفر طيار جن بہ شامل هئا. وڏي ڪشمڪش تي، اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ جانچ جو ڪم جن جي حوالي هو. انهن ڳولڻ ۾ ڪابہ ڪثر نہ ڇڏي، پر پرکڻ جي هن معاملي کي ان آخر تائين پهچايو.

اهو ڏيکاريو ويو تہ امتحان وٺڻ وارن جي هن جماعت سلطنتن جي بہ پرواهہ نہ ڪئي. هاتين واري بادشاهہ جي شاهي دربار جي لڪل جلال کي بہ چيري نڪرڻ جي ضرورت پيش آئي تہ اها بہ ڪري گذريا. جن جي مشقت ۽ دلچسپي جو اهوحال هجي، ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ انهن آزمائش جي سلسلي ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي هوندي؟ بادشاهتون ختم ٿي ويون، سلطنتون مٽجي چڪيون پر تاريخ جي ڊگهي عرصي ۾ دنيا جي جيڪا سلطنت اجا

تائين پنهنجي پيرن تي قائم ۽ جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ سائنس ۽ ڪيميائي هٿيارن سان هن وقت تائين ڪوشش جاري آهي، پوءِ به هن جنگ ۾ اڃا تائين گوڏا نہ ڪوڙيا آهن. انهيءَ کي حبشه جي تخت جو نجاشي پنهنجي وزيرن ۽ اميرن، پادرين جي ميڙ ۾ ويٺل آهي. ۽ جيڪي الله جي غلامن کي پنهنجو غلام بنائڻ آيا هئا. پاڻ کي آڪڙ ۾ اڇلي رهيا هئا ۽ چٽي رهيا هئا تہ اسان جي اجارين تلوارن لاءِ تازي رت جي ضرورت پوري ڪريو۽ انهن جي ڪورن لاءِ هاڻي ماڻهن جا ڪباب گهرجن

**شاهہ نجاشي جي دربار ۾ حضرت جعفر طيار رضي الله جي تاريخي تقرير:**

جيتوڻيڪ هو نوجوان انهن جي سامهون هڪ اڻ ڏٺل قوت جي سامهون اٿي ڪڙڪو ڪري ٿو.

”بڌ اي بادشاهہ! اسان ماڻهون جاهليت ۾ غوطا کائي رهيا هئاسين اسان پٿر جي ٺاهيل مورتين جي سامهون جهڪندا هئاسين، اسان حرام کائيندا هئاسين، اسان بي حيائين ۾ پريا پيا هئاسين، اسان رشتن ناتن کي ڪٽي رهيا هئاسين. اسان پنهنجي پاڙيسرين لاءِ صرف ڏک ۽ رنج بنجي چڪا هئاسين، زور ۽ طاقتور اسانجي ڪمزورن کي ڳڙڪائي رهيا هئا، تہ اوچتو اسان ۾ الله تعاليٰ پنهنجو پيغمبر کي اتاريو.

جنهن جي خانداني سلسلي کي بہ اسين سڃاڻون ٿا. جنهن جي سچائي جو، صداقت جو، امانتداري جو ۽ پارسائي جو اسان سيني کي تجربو آهي تہ انهيءَ اسان کي الله تعاليٰ جي طرف پڪاريو ۽ حڪم ڪيو تہ انهن سيني گندگين انهن سيني ڪوڙن. پٿرن جي هٿ ٺوڪين خدائن ۽ ديوتائن کان الڳ ٿي وڃون، جن سان اسان پهريان جڙيل هئاسين.

اي بادشاهہ هن اسان تي اصرار ڪيو. جنهن جي امانت هجي انهيءَ کي واپس ڪري ڇڏيو، رشتن ۽ برادرين کي جوڙيو، پاڙيسرين سان حسن سلوڪ اختيار ڪريو، الله تعاليٰ جن ڳالهين کان روڪيو آهي جن جي خون کان روڪيو آهي ان کان رڪجي وڃو، بي شرميءَ جي ڪمن بي حيائي جي ڌنڌن کي ڇڏي ڏيو، انهيءَ اسان کي منع ڪيو تہ ڪوڙيون ڳالهيون نہ ڪاهيو، يتيمن جو مال نہ کائو، پاڪ دامن عورتن تي نہ تهمت لڳايو.

۽ ٻيهر هن وري تاڪيد ڪيو ۽ حڪم ڏنو تہ اسان صرف الله کي ئي پوڄيندا رهون ۽ ڪو بہ ٻيو سندس مٽ يا شريڪ نہ ڻاهيون.

۽ هن اسان تي اهو بہ لازم ڪيو تہ اسان نماز پڙهون، زڪواة ڏيون، اسان ان جي ڳالهين کي مڃون ٿا ۽ سچو يقين رکون ٿا ۽ جيڪو ڪجهہ الله تعاليٰ جي طرف کان ڪٺي آيو آهي انهيءَ تي اسان هلون ٿا.

پوءِ پوئٽي هٽي چيائين تہ انهيءَ لاءِ اسان صرف الله کي ئي پوڄيون ٿا. انهيءَ سان ڪنهن کي شريڪ ۽ سٽ نٽا ڀانئيون، الله تعاليٰ جن شين کي حرام ڪيو آهي اسان بہ انهن کي حرام ڪيون ٿا، سمجهون ٿا جن شين کي هن حلال ڪيو آهي اسان انهن کي حلال سمجهون ٿا، بلڪل خاموشي تي وئي ۽ پوءِ پنهنجي ڌرتي جو خودسر بادشاهہ رڙ ڪري اٿي پيو ۽ روئيندو بہ تي ويو ۽ ڳالهائيندو بہ تي ويو.

”هڙن کي ڪير حوالي ڪري سگهي ٿو. هنن کي ڪيئن حوالي ڪري سگهجي ٿو“

جڏهن لوهہ گرم ٿيو هو ۽ پگهر جي هن گرميءَ جو هيٰ حال ٿيو تہ جنهن هن کي گرم ڪيو هو، ان جي حرارت کي ڪير برداشت

ڪري تي سگهيو. صرف اهي جيڪي ڇهي نہ سگهيا هئا. ۽ هو ڇهڻ ڪان بہ هٻڪي رهيا هئا؟ ۽ جن ڇهي ورتو هو. انهن کي خبر پئجي وئي تہ هن باهہ ۾ ڪيتري قوت آهي ۽ ڪئين اها وسائي ماٺار ۾ آڻي سگهجي ٿي؟ غريبن مان اميرن مان شاهي قوت جي ڦهارن سان هن گرمي هن حرارت کي ٿڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سواءِ وسائڻ جي اها وڌيڪ ڀڙڪي اٿي بجاءِ ڊپجڻ جي اڃا وڌيڪ ڀپڪي پئي، ان لاءِ تہ آئون چوان ٿو ڄاڻي ٻجهي يا نہ ڄاڻندي، ڇهڻ سان يا نہ ڇهڻ ڪري، ڏسڻ سان يا نہ ڏسڻ ڪري سيني کي اختيار هو. پر جنهن ڄاڻي ورتو، ۽ ڏسي ورتو نہ مڃڻ هاڻي ان جي وس کان ٻاهر ٿي ويو هو.

حقيقت جي پختگي ۽ پڪڙ ڪانپوءِ ئي صرف اهو آزادي ڏيکاري ٿوسگهي. جيڪو گرفتار ٿي ويندو آهي. پر ڪنهن باطني شرارت جي ڪري هو ڪوڙي دعويٰ ٿو ڪري مان آزاد آهيان هي هٺ ڌرمين جو هڪ گروهہ آهي ۽ ڏيٺن ۽ بي ايمانن جي جماعت آهي جيڪا انڪاري آهي ۽ ڪنهن لڪل حقيقت جي ڄاڻي واڻي مڃڻ کان انڪار ڪري ٿي پر هي اُهي ماڻهون نہ هئا جيڪي ڄاڻڻ کان جيءُ چورائي رهيا هجن يا ڏسڻ سان اکيون ٻوٽي رهيا هجن، بلڪ انهن ڄاڻڻ جي اختيار کي استعمال ڪيو ۽ پوءِ مڃڻ کان ڪيئن ناڪاري ٿي ٿي سگهيا؟ جنهن سچ ۽ انهن جي شعاعن کي ڏسي ورتو ڇا هاڻي پنهنجي اک جي پنڊٻي کي انهيءَ احسان کي پوري گم ڪري ٿي سگهيا؟

**لطيف چئي ٿو:**

ڪوهہ لڏين ٿي پنبڻيءَ، توتي پرين ڏريا پير،
چڏ چنيڻ هير، تہ ساجن سولا ٿي گهمن.

## ذات مبارڪ ﷺ کي تڪليف پهچائڻ جو آغاز:

بهرحال هي ته انهن ڪوڄ جي هئي جيڪا هنن کي گرمائي رهي هئي پر انهن تمام گرمين جو جيڪو حقيقي بااختيار توانائي پهچائڻ وارو هو هاڻي تائين صرف اندروني امتحان تائين ڳالهه پهتي هئي هنن ته صرف ايتري مهلت ڏني اها جانچڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندن ساٿين جون زندگيون اجڙي هن جي عزت ۽ آبرو پائمال ڪرڻ سان انهن جو جسماني ۽ روحاني آرام ڪسڻ سان انهن کان سندن جيئڻ جو حق کسي ڪري هنن آزمايو تي صداقت ۽ حقيقت ۽ امانت جي ان سڄي سرچشمي کي آزمائڻ کان هو ڪجهه هٻڪي رهيا هئا، جنهن جو اصل امتحان هو. جڏهن پاڻ انهن دنيني ڪوڙين قوتن کان انڪاري هو پر انهن آزمائڻ وارن جي نظرن ۾ ۽ تنگ نگاهن ۾ پروسو صرف اهو هو جيڪو سامهون هو بهرحال ان پروسي جو تعداد ڪيترو هئو؟ پر جيترو به هئو جڏهن انهن مان اسي پنجاسي ماڻهون نڪري ويا ته ظاهر ٿيو ته آزمائڻ وارن جو رستو گهٽو ڪجهه صاف نظر اچي ويو هو، هي به سچ آهي ته جمهوريه قريش جي فرقي اندر يا قبيلي جي اندر به قانونن جي تحت هن تي هٿ نٿي کڄي سگهيو ۽ اهو ايترو آسان ڪم نه هو جيڪو انهن غلامن، پرديسين ۽ لاچارن تي ڪٽي پئي سگهيا، چاڪاڻ ته پاڻ لاوارث نه هئا جنهن هنن ظالمن جيڪو بهادري ۽ نشاني بازي تڏي انداز ۾ ڪيڏي هئي، اها بني هاشم کان به گهبرائي دبجي ڪئي تي وئي ۽ انهن جي مددگارن کان به شرمائي تي ڪيائون چاڪاڻ ته انهن جو هن خاندان سان خانداني تعلق ۽ مراسم ۽ احترام جا رستا هئا، هاڻي اهي ان سڄي صورتحال ۾ واضع دشمني ۾ وڌيڪ صبر نه پئي ڪري سگهيا.

**ابوطالب کي ٽوڙڻ جي ڪوشش :**

هاڻي ذاتي آزمائشن جو سلسلو به شروع ٿي چڪو هئو قريش جي سردارن اهو طئه ڪري ڇڏيو انهيءَ جي لاءِ ڪنهن ڏکهي ۽ وڏي ڪوشش جي ضرورت نه آهي، بلڪ انهن جي ظاهري اکين جي سامهون هنن جي لاءِ جيڪا سڀ کان وڏي پهاڙ جيڏي رڪاوٽ هئي جيتوڻيڪ انهيءَ تي پاڻ به سهارو بنجي ته ڪونه رهيا هئا پر هو اهو ئي سمجهي رهيا هئا ۽ محسوس ڪرائي رهيا هئا ته هن جي سيني کان وڏي ٽيڪ سندن چاچا حضرت ابو طالب آهن، اهو طئه ڪيو ويو ته بس ڪهڙي به طرح ان رڪاوٽ کي ان حفاظت کي ڪنهن نموني سندن پيرن هيٺيان سرڪائي ڪڍي ڇڏجي، ۽ هنن کي يقين هو ته انهيءَ ئي وقت هُن جو دعويٰ ۽ سربسجود ٿي پوندو ۽ جيڪو ڪجهه ممڪن هو اهو هنن انهيءَ لاءِ ڪيو.

شروع شروع ۾ هنن کي ڪجهه مايوسيون ٿيون ۽ تمام گهڻيون مايوسيون ٿيون پر حقيقت ۾ اهي ڪهڙي طرح بيٺا رهيا، ان جا اکين ڏٺا شاهد ڪهڙي طرح پيدا ٿين هان جيڪڏهن ابوطالب پنهنجي چاليهه سال جي محنت ۽ محبت کي برباد ڪرڻ تي آماده نه ٿين ها؟

تاريخ هن دردناڪ واقعي جي تصوير محفوظ ڪئي، جنهن وقت پنهنجي جهولي ۾ پاليل هن يتيم يار کي گهرايل ۽ جهنجهيل آواز ۾ اکين ۾ پاڻي آڻيندي ابوطالب چئي رهيا هئا.

**لاتحملني مالا اطيق**

مون تي ايترو وزن رکو جيڪو آئون کڻي سگهان!

قريش ڪامياب ٿي ويا، اها پهاڙ جي رڪاوٽ لڏي وئي، پر قريشن نه بلڪ دنيا ڏٺو ته جنهن ڪيرائڻ لاءِ اهو ڪيو ويو جتي هو

اتي بينو رهيو ۽ هتان هڪ قدم بہ پوئتي نہ هٽيو ۽ صرف آواز اچي رهيو هئو ۽ چوڻ وارو چئي رهيو هو.

”خدا جو قسم! منهنجي سڄي هٿ ۾ سج ۽ کابي هٿ ۾ چنڊ صرف ان لاءِ رکيو وڃي تہ آئون هن ڪم کي جيڪو آئون ڪري رهيو آهيان پنهنجي هٿن مان ڇڏي ڏيان، نتو ٿي سگهي“

هي تہ صرف هنن جون روان رکيل شازشن ۾ ڪوڙي اميد ۽ لڪل ڇپيل شعلن کي آخري طور وسائڻ جي لاءِ چيو ويو. ۽ انهيءَ کي تہ اهي ڏسي بہ چڪا هئا، سج ۽ چنڊ تہ هنن وٽ هئو ئي ڪين پر جيڪو ڪجهہ بہ هو هنن وٽ سڀ ڪجهہ ڏئي .مايوس ٿي چڪا هئا. باقي هنن وٽ صرف ظاهري ايزا رسانين مهمن جو آغاز ڪيو هو.

ان جي متعلق بہ قطعي لفظن ۾ اعلان ڪري ڇڏيو هو.

”هي ڪم پورو ٿيندو يا آئون هن ۾ مري ويندس“

ڪم تہ پورو ٿيڻ وارو هئو هن ۾ شڪ جي گنجائش ئي ڪهڙي هئي؟ ليڪن ڏک ڏئي تہ توهان ڏسي چڪا آهيو هاڻي وٺي ڏسو. سني طريقي سان ڏسو انهيءَ هٿائڻ واري امتحان جي راهہ ۾ جن جي بازي لڳائي وئي ۽ اهو ئي مطلب هو.

اؤ اهْلِکَ فِيْهِ

يا تہ آئون هن ۾ مري ويندس يا ماريو ويندس.

پٿر دل ۽ ڪاري سيني وارن پوءِ هن سلسلہ ۾ ڪٿي بہ رحم ڪاڏو؟ جيڪو ڪجهہ هو ڪري سگهيا ٿي اهو ڪجهہ هو ڪري رهيا هئا پر ڪٿي سندن دل ڪا ڏکي؟ عزت تي آبرو تي جسم تي، جان تي، حملن جي ڪابہ ڪوشش باقي هئي جيڪا هنن ڇڏي؟ يقينن انهن جي ترڪش ۾ ڪو بہ اهڙو تير نہ هئو جيڪو هنن هلائڻ کان گريز ڪئي هجي.

هئي، ان جو اندازو اهو ڪري سگهي ٿو. جنهن جي دل ۾ درد هوندو جيڪو درد وارن لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪوهڙن زخمن جي سور جو اندازو رکندو هوندو پر هتي تہ لڪل ڪي ظاهر ڪري ڏيکارڻو هو ۽ ان ڳالهہ تي ڇڏيو ويو هو تہ پلي جاچڻ وارا جيتري حد تائين ممڪن ٿي سگهي تہ جاچي وٺن ، هو ڇيپائي زهيا هئا هو. پيهي رهيا هئا آگريون وجهي وجهي ڳولي رهيا هئا تہ جيڪو ڪجهہ ظاهر ڪيو پيو وڃي ڇا اندر ۾ بہ ان ڪانسواءِ يا اهڙو ئي آهي يا ڪجهہ ٻيو؟ نجربا ڪرڻ وارن جي لاءِ تجربات جا سيئي ساز ۽ سامان تمام تر اوزار پرزا ۽ آلات هڪ هڪ ڪري مهيا ڪيا ويا هئا تہ آئينده انهن ڪي ئي شاهدي ڏيڻي هئي انهن ڪي ئي دنيا جي اڳيان فرض شهادت پيش ڪرڻو هو.

**شعب ابي طالب جي تڪليفن جي قيمت واقع معراج:-**

ابوطالب جي جيل جو مرحلو بہ ختم ٿي ويو، هتي دنيا جي هر شيءِ ڪان الڳ ڪيو ويو هو ۽ جدائي جي رفتار نقصان پهچائڻ وارن پنهنجي پروپيگنڊا جي ذريعي اجا بہ وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو هو، جيڪو فطرتاً دنيا ۽ دنيا وارن ڪان ڪجهہ الڳ ئي هو جڏهن ارادتن بہ ان ڪان جدا ڪيو ويو ۽ اهڙو سخت دٻاءَ وجهي جدا ڪيو ويو جنهن ڪان وڌيڪ دٻاءُ انهيءَ جي نرم دل لاءِ ممڪن نہ هو. سمجهي سگهجي ٿو تہ ڪائنات ڪان جدائي جي هن رفتار آخر ڪنهن ٻئي رخ ۾ وڌڻ جون ڪيتريون منزلون طئہ ڪيون هيون؟

جنهن شيءِ کي هڪ طرف ڪان دٻائيندا ٻئي طرف هن طاقت جو ظاهر ٿيڻ ناممڪن آهي؟ سمجهداري ۽ خاموشيءَ سان ڪم ورتو وڃي تہ هو خود عقل جي احاطي ۾ اچي سگهي ٿو تہ هن دٻاءَ ڪنهن ٻئي طرح يا ٻئي رخ ۾ ڪيترو اپار پيدا ڪيو هوندو.

ماڻهو سوچين کو نہ ٿا، نہ تہ شعب ابي طالب مان نڪرڻ سان گڏ ئي چوڻ وارا محسوس ڪن هان تہ حرا جي واقعي ڪان بہ وڏيڪ قدرت لاچاري ۽ بيوسي جي ظهور کي ظاهر ڪيو تہ جن تي هاڻي ڏينهن جي روشني نہ ظاهر ٿي هئي جنهن ۾ هڪ اٹپڙهيل کي ڪتاب سان نوازيو ويو تہ اهي چوڻ لڳا تہ هڪ رات ۾ ايتري بلندي؟ ۽ اهو معراج ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو؟

## واقعي معراج متعلق ڪجهہ ارشادات:-

انهن پولن پالن کي ڪير چا چئي ٿي سگهيو؟ آخر جيڪي هيٺيان ڪان ئي هيسايا ويا ۽ مسلسل ايتري بيدردين ۽ دباءُ ۾ هو اجان بہ دبائيندا رهيا، ڪهڙي نہ قدرت جي عجيب ڳالهہ آهي تہ انهيءَ جي متعلق پڇن ٿا ۽ متي تائين ڪيئن پهتو ۽ ڪئينَ متي تائين چڙهندو ئي ويو؟ جن کي اها بہ خبر نہ آهي تہ هي عالم ڇا آهي؟ انسان ڇا آهي؟ ۽ ٻنهي جي ٺاهڻ وارو ڪير آهي؟ عالم انسان ۾ آهي يا انسان عالم ۾ آهي؟

جن تي اهو ئي راز نہ کليو تہ پوءِ هو هُن راز کي ڇا کولي ۽ سمجهائي ٿي سگهيا، جنهن ۾ انسان پنهنجي خالق سان وچي گڏيو آهيَ؟ خالق عرش تي آهي ۽ اهو جنهن کي خليفو يا ماڻهون چون ٿا ۽ اهو جنهن ۾ خالق جو روح ڦوڪيو ويو آهي ان جي شهہ رڳ سندن ڪنڌ وٽ آهي انهيءَ ۾ بہ عرش وارو خالق موجود آهي؟ ۽ ويجهو پڻ

جيستائين انهن ابتن قصن کي ابتو ڪري نہ سمجهائي سگهيا آهيو تہ هن قسم جي مونجهاري واري حقيقتن جي منجهيل سٽ وانگر چو ٿا الجهو جيڪي نہ روح کي ٿا سڃاڻين ۽ وري نہ ئي جسم کي؟ جسم سان جيڪڏهن ڪجهہ ٿيو تہ ڇا؟ جيڪڏهن روح

سان ڪجهہ پيش آيو تہ ڇا؟ جنهن جي سمجهہ ۾ پنهي رخن مان ڪو بہ هڪ پهلو بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي هو انهن پنهي شقن مان هڪ جو تعين آخر ڪهڙي ڳالهہ جي بنياد تي ڪري سگهندا؟ هستي جو جيڪو قدآور وڻ توهان جي سامهون بيٺو آهي جنهن جي مختلف حصن جا نالا مٽي ۽ پاڻي، باهہ ۽ هوا، پستي ۽ اعليٰ زمين ۽ آسمان، ظاهر ۽ باطن اهو ئي جنهن توهان جي سامهون فرات ۽ نيل "معراج وقت پاڻ ڪريمن سدرة المنتهيٰ جي هيٺيان جنت جي نهرن کي وهندي ڏٺو ۽ فرات ۽ نيل انهن مان ئي ڦٽندي لڌو"

سندن انهي بيان مان سمجهي سگهجي ٿو سدرة المنتهيٰ ڪا اهڙي حقيقت آهي جيڪا محسوس ۽ نامحسوس جي عالمن ۾ مشترڪ آهي "يا گنگا جمنا جون موجون بہ اٿلن ٿيون ۽ پوءِ انهيءَ سان انهن عالمن ۾ جتي توهانجي ۽ توهان جي نظرن جي پهچ نٿي پهچي سگهي تسنيم ۽ حوض ڪوثر جون نهرون ٻہ ڦٽن ٿيون، توهان کي ڇا معلوم تہ انهيءَ وڻ جي پاڙ ڪٿي آهي ۽ هن ميوي جون شاخون ڪهڙي شڪل ۾ ختم ٿين ٿيون؟ نہ ڏسڻ وارا ڇو منهن کي تڪي رهيا آهن جڏهن ڏسڻ واري چيو تہ سدرت المنتهيٰ آهي؟

مٽي ئي ڪٽڪ آهي ۽ ڪٽڪ ئي ماني آهي ۽ ماني ئي خون آهي ۽ خون ئي گوشت آهي ۽ گوشت ئي ڪٿي اک آهي ڪٿي جيرو آهي ڪٿي هڏي آهي ۽ ڪڏهن نہ آهي، هڪ ئي وجود توهان کي مختلف لباسن ۾ ڇا ڇا نظر آيو، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ان شجر وجود جي اندر نيل ۽ فرات کي بہ تسنيم ۽ سل سبيل کي بہ ڦٽندو ڏٺو تہ ڇا غلط ڏٺو؟ ۽ جڏهن کير پياريو تہ أصبت الفطرة جي آواز آئي هڪ صفت جيڪڏهن بئي عالم ۾ کير جي رنگ جهڙي ڏني وئي تہ پوءِ ڪوڙ جي شڪل بي دنيا ۾ جيڪڏهن پٽر بنجي وڃي،

حسد جي شڪل وچونءِ جهڙي ٿي وڃي، حرص جي شڪل ڪوئي وانگر ٿي ڊوڙندي نظر اچي ته هن ۾ حيرت ڪهڙي آهي؟ يقينن انسان ۾ ٻئي خواهشون گڏ آهن، حيواني ۽ ملڪوتي ملائڪن واريون، پوءِ حيواني خواهشون قابو ڪرڻ وارن کي پنهنجي ئي خواهش ڪنهن حيوان جي روپ ۾ ئي نظر اچي ته ان ۾ حيرت ڪهڙي آهي؟

هو اچو هجي، براق هجي، بجلي جي رفتار وارو هجي ۽ ايترو تيز جو جتي هن جي نظر جتي پهچندي هجي اتي سندس قدم هجن، هو گهوڙن جهڙو بي ڊولو ۽ ڊگهو نه هجي گڏهن جهڙو بيڪار ۽ سست نه هجي، معتدل هجي، موزون قد وارو هجي، سڀ ڪجهه هجي پر هوندو ته اهو ئي حيوان نه، ڇا ڪري ٿو سگهجي وڏيون نشانيون يا آيت ڪبريٰ "قرآن ڪريم ۾ جنهن آيت ۾ اسراءِ يعني معراج جو ذڪر آيو آهي ۽ ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي بندي کي انهيءَ لاءِ مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ جي طرف رات جو وٺي ويو آهي ته جيئن پنهنجون سڀ نشانيون ان کي ڏيکاري سگهي ۽ ٻي جڳهه تي آية ڪبرہٰ يعني وڏيون نشانيون ڪرار ڏنو آهن جو ننڍيون نشانيون يا صغريٰ آيت جي اندر رهڻ وارن کي ڪهڙي طرح سمجهائي ته هو ڪٿي ڪٿي ويو؟ ڪڏهن ويو ۽ ڪهڙي طرح ويو؟

انهيءَ خوش نصيب جنهن نور جي عالم جو سير ڪري چڪو هو، جڏهن آواز جي هن دنيا ۾ هلڻ لاءِ چيو ويو جيڪو مورن جي جهنڪار، شينهن جي اوڳر، پکين جي چڻ پڻ، چڪورن جي سريلي آوازن تي معمور هئي ته ان پڇيو ته آواز جي دنيا ڪيتري پري آهي، جنهن تي ڪيتري دير ۾ پهچي سگهجي ٿو؟ حالانڪ ڪن جو

پردو کنيو ۽ اهي سڀ سوالات ڪافور ٿي ويا. جنهن ۾ مير مجلس ڪولي بيان ڪيو، جنهن جو سينو ڪوليو ويو، جنهن جي ظاهري حواسن سان گڏ لڪل احساسات به جاڳايا ويا، ماڻهون هتن ڪي ظاهر ڪري پريشان ٿيندا هئا! حالانڪ جن جيْ قولن جا راز صاف ظاهر آهن، ۽ انهن جي ٻولن ڪي ته تقريباً هر شخص پروڙي ٿي سگهيو، انهن ڪان جيڪڏهن پڇيو وڃي ته هو انهيءَ جي تصديق ڪن ها.

۽ ڪا ڳالهه ته آهي جيڪو ڪجهه ڏيکارڻ لاءِ نيو پئي ويو ڇا ٿي پوي ها جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن اڳي ئي ڏيکاريو وڃي ها؟ هزارها پيغمبرن ۾ به صرف اَنَ پيغمبر ۽ انهن ۾ به حضرت آدم عليه سلام ڪان شروعات ڪري معمار ڪعبه حضرت ابراهيم عليه سلام جي زيارت تائين انهيءَ مهربان جي ملاقات ڇو ختم ٿي جيڪو حضرت آدم وانگر پنهنجي وطن ڪان هجرت ڪري مديني منوره پهتو هو ۽ جڏهن مڪو فتح ٿي ويو ۽ ان جو ڪم به پورو ٿي ويو.

جنهن ڏنو ۽ جنهن ڪي ڏنو ويو ٻنهي جي زندگين تي غور ڪريو ته نظر ايندو ته جيڪو ٿيڻ وارو هو اهو ڪنهن رنگ ۾ انهيءَ وقت ٿي رهيو هو ” يعني پهرين آسمان تي حضرت آدم عليه سلام ٻئي تي حضرت عيسيٰ عليه سلام ٽئين تي حضرت ادريس عليه سلام چوٿين تي حضرت هارون عليه سلام پنجين آسمان تي حضرت يوسف عليه سلام، ڇهين آسمان تي حضرت موسيٰ عليه سلام، ستين آسمان تي حضرت ابراهيم عليه سلام ڪي ڏيکاريو ويو.

آدم عليه سلام جهڙي طرح پنهنجي وطن جنت ڪان ڪڍيو ويو ۽ دنيا جي هجرت ڪرائي وئي آنحضرت ﷺ مڪه ڪان نڪري مدينه منوره پهتا، مدينه ۾ يهودي فتني ڪين اهڙي طرح گهيريو

جهڙي طرح حضرت عيسيٰ عليه سلام ۽ حضرت يحيٰ عليه سلام کي گهيريو ويو، ادريس عليه سلام لکڻ جا موجد هئا، جنگ بدر کان پوءِ آنحضرت ﷺ جن لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ جيڪي جنگي قيدي هئا انهن تي 10 ٻار يا ماڻهو پڙهائڻ کانپوءِ کين آزادي ۽ معافي هئي ۽ تعليم جو سلسلو شروع ٿيو، حضرت ادريس عليه سلام جي ملاقات کان پوءِ پاڻ ڪريمن مختلف سلطنتن ڏانهن خط لکڻ شروع ڪيا ۽ روانا ڪيا، اڳتي حضرت هارون عليه سلام جهڙي طرح بني اسرائيلن ۾ هر دلعزيز هئا ۽ پاڻ ڪريم جن به صحابه ڪرامن ۾ ايترائي هر دلعزيز هئا، پوءِ حضرت يوسف عليه سلام کي پنهنجي وطن يا ملڪ جو اقتدار مليو اهو ئي حضور اقدس عليه سلام کي پنهنجي هجرت مدينه طيبه ۾ چند سالن کان پوءِ حاصل ٿيو ۽ جهڙي طرح حضرت موسيٰ عليه سلام وطن فلسطين تي مصر کان حملو ڪيو ۽ آنحضرت ﷺ مڪه تي حمله آور ٿيا ۽ مشرڪن جي اقتدار کان آزاد ڪرايو، حضرت ابراهيم عليه سلام باني ڪعبه هئا ڪعبه تي قبضو ڪري پوءِ ان کي حضرت ابراهيم عليه سلام جي مسجد ٺاهي ۽ انهيءَ تي زندگي پوري ٿي.

حالانڪه انهن ئي واقعن جي سلسلي ۾ جڏهن صرف زندگي ئي نه هئي ته امانت ڪبريا جي زندگي مسجد اقصيٰ ۾ ڏيکاري وئي ته ان وقت صرف اڪ ئي نه هئا بلڪه دنيا جا سڀ پيغمبر انهيءَ امام جي پويان نماز ادا ڪندي نظر آيا جيڪي بني انسان جو سيني کان وڏو امام آهن الهم صلي عليه وسلم.

۽ سچ هي آهي جنهن کي سچو مڃيو ويو انهيءَ جي هرهڪ سچ تي دلين تي شڪ جو اپار يقين ڪريو ان مڃڻ کان قطئي

ڪعبہ جي عظمت جنھن جي نظر ۾ انھن بتن سان گڏ ايڏي اهميت واري هئي جيڪي مختلف قبيلن جي خدائي نالن سان هتي رکيل هئا ۽ هن جي خيال ۾ انهن بتن جي ڪري سڄي عرب کي ڪعبہ سان وابستگي ۽ لڳاءُ هو انهيءَ پنھنجو هي سياسي نظريو پيش ڪيو.

”تون جيڪڏهن رسول آهين تہ آئون ان جو ڪڏهن بہ حقدار نہ آهيان تہ توسان ڳالهايان ۽ جيڪڏهن تو رسول ناهين تہ پوءِ منھنجي اها عزت ناهي تہ آئون ڪنهن معمولي غير وابسط ماڻهو سان ڳالهايان“

هي انهن مان ڪنهن ٽئي جو منطق هو، جيڪو سيني مسڪينن لاءِ هو ۽ سيني جي لاءِ آهي ۽ قيامت تائين رهندو، ڪيڏو نہ دردناڪ نظارو آهي، انهيءَ هستيءَ کي سڀ واپس ڪري رهيا هئا؟ ڳالهہ اتي ختم نہ ٿي ٿئي تہ جيڪو ڪجهہ انهن پيش ڪيو اهو سڀ ڪجهہ رد ڪيو ويو، بلڪ باهہ ۾ ڪرندڙن کي جيڪو چيلهہ کان پڪڙي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو صحيح بخاري جي هڪ حديث آهي ومثلي ومثلڪم انا أخذ بحجزڪم عن النار“ معنيٰ منهنجي مثال توهان لاءِ ائين آهي تہ آئون توهان ماڻهن آهيان چيلهہ مان ڇڪي ڪري باهہ جي آڙاهہ مان بچائي رهيو آهيان.

ان کي چيلهہ جي پر ڪيرايو ويو، پٿر هڻي ڪيرايو ويو ٿي، گوڏا سور کان چور ٿي چڪا هئا بڪيون زخمي ٿي پيون هيون ۽ ڪپڙا رت ۾ ڳاڙها ٿي چڪا هئا، ۽ جسم رت سان لت پت ٿي چڪو هو، ننڍي عمر واري رفيق جڏهن ڪيس روڊ جي ڪناري تي بي هوشيءَ جي عالم ۾ ڏٺو ۽ ڪيس ڪٽي پاٽي جي ڪنهن ڪنڌي جي ڪناري پهتو تہ هن سندس چپلون لاهڻ تي چاهيون تہ اهي رت جي

ڏڳن سان پير جي ترڍ سان چنيڙي ويون هيون جو انهن کي پير جي ترڍ کان الڳ ڪرڻ ئي مشڪل ٿي پيو هو.

۽ پوءِ ڇا ڇا ٿي گذريو ڪيستائين هن جو تفصيل ڪٿي وڃجي؟ بحرڪيف طائف ۾ اهو ڪجهه پيش آيو جيڪو ان کان اڳ ۾ ڪڏهن به درپيش ڪو نه ٿيو؟

”مٿي ذڪر ڪري چڪا آهيون ته طائف مڪي جي اميرن جو گرمين گذارڻ وارو ٿڌو علائقو آهي ان ۾ انهن جا باغ ۽ باغن جي اندر بنگلا نهيل آهن واپسي جي وقت آنحضرت ﷺ جن جنهن باغ ۾ پهتا هئا اهو باغ عتبه ۽ ربيع قريش جي ٻن رئيسن جو باغ هو، بنگلي مان جڏهن انهن جي نظر آنحضرت ﷺ جن تي پئي جيتوڻيڪ دشمن هئا پر عرب ۽ قريش هئا ۽ ڪهل ڪري عيسائي غلام عداس جي هٿان هڪ پليٽ ۾ انگورن جا چند ڇڳا انهن حضورﷺ ڏانهن موڪلي ڏنا، پاڻ قبول ڪيائون ۽ بسم الله پڙهي کاڌا ويا، عداس رضي الله عنه کي پاڻ ڪريمن جي بسم الله پڙهڻ تي ڏاڍي حيرت ورتو ۽ پڇڻ لڳو ته توهان ڪير آهيو ۽ آنحضرت ﷺ جن فرمايو ته آئون الله جو رسول آهيان عداس رضي الله عنه اهو ٻڌي قدمن تي ڪري پيو ۽ چميون ڏيڻ لڳو.

پر طائف جي ڳالهه صرف ايتري تي ختم نه ٿي، رستو مڙي رهيو هو پر ماڻهن جي هجوم رستو بند ڪري بيٺا رهيا ۽ سڏائي ۾ هلڻ تي مجبور ڪيو ويو چوراهي تي بيٺلن مان ڪنهن به بيهڻ نه ڏنو.

بخاري شريف ۾ سيني کان وڏي مصيبت جي سوال تي هي ذاتي اقرار موجود آهي

ڪان اشد مالقيت منهم يوم العقبة

سيني کان وڏيڪ عزت انهن کان مون کي ان جبل جي لڪ طائف واري ڏينهن ۾ پهتي هئي.
اذ عرضت نفسي علي ابن عبد ياليل
جنهن ڏينهن مون عبد ۽ ليل جي پٽ کي پاڻ لاءِ پيش ڪيو هو.
تہ ماڻهن اُحد ۽ اُحد جي پهاڙن کي ڇو ياد ڪيو؟ پر جيڪي احد جي مقابلي ۾ طائف کي ياد ڪندا تہ ان کي سڀ وساري ڇڏيندا ۽ ڇا پڇيو هئو؟
ڇا توهان تي اُحد جي سخت ڏينهن کان بہ وڏيڪ ڪو ڏينهن آيو؟
ان جي جواب ۾ جنهن تان گذري انهن طائف کي پيش ڪيو ۽ جن تي اهو نہ گذريو انهن کان ڇا پڇجي؟
۽ واقعو بہ ائين آهي جيئن نيڪ اهڙي طرح ابي طالب جي جيل ۾ جيڪو هڪ طرف کان دٻايو ويو ۽ ٻئي پاسي پاڻ بلند ۽ اعليٰ فضيلت ماڻيائون تہ جيئن زمين ۽ آسمان حاصلات ۽ لاحاصلات، ظاهر ۽ باطن ۽ ايتري تائين جو جتي سڀ ڪجهہ ختم ٿئي ٿو يعني منتهيٰ يا سدره بہ ان جي سائي هينان اچي چڪو.
ساڳئي نموني طائف جي هن لڪ ۾ بہ اهڙي طرح موڪليو ويو جو جنهن سان مليا اهو فاتو ٿئي جنهن جي بہ ويجهو ويا اهو سوڙهو ٿيو ۽ جنهن کي بہ سڏيائون اهوئي ڊپ ۾ ڪنبڻ لڳو جنهن کي بہ جوڙيائون تي انهي ئي ڇنايو تي انڪار جي هي آخري حد هئي، ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ ڪائنات جو ذرو ذري سان ٽڪرائجي رهيو هو ۽ ڪجهہ هئو اهو انڪاري ڪري رهيو هو.
جيڪو ڪجهہ هي ٿي رهيو هو ڏينهن جي روشني ۾ ٿي رهيو هو تہ پوءِ ڇو نہ سمجهيو وڃي تہ جنهن قدرت جي هر منفي قانون جي انتها مثبت تي هوندي آهي جنهن هر عمل جو ورلاپ ردِعمل

تي موٽندو آهي، عمل ۽ ردِ عمل جي مونجهاري ۾ هن منجهيل دنيا ۾ جڏهن هي واقعو ائين ئي ٿي رهيو هو ته پوءِ بنا ڪنهن شڪ جي صفا جي پاڙ کان جنهن انڪار جي ابتدا ٿي هئي طائف جي هن لڪ ۾ ان جي انتها ٿي چڪي.

جيڪو رد ڪيو ويو قبول ڪيو ويندو جيڪو ڌڪاريو ويو اهو وري قبول ڪيو ويندو، جيڪو ڪيرايو ويو اهو وري اٿاريو ويندو عقل جي تقاضا هئي ته شايد ائين ٿيندو پر هن دنيا جي ريت ائين ئي آهي مسبب هميشه سبب جي رنگ ۾ ايندو آهي ۽ اصل نقل جي روپ ۾ ويس مٽائي اچي ٿو، ڪهڙو نه عجيب آهي هي امتحان ته آزمائش جي طويل مڪي زندگي ۾ ”مصيبتون آيون پئي ۽ برداشت ٿيون پئي“ هن نظاري ڪانسواءِ ڪو بيو تماشو ڪڏهن به پيش نه آيو ۽ مڪي جي انهن ئي واقعن جو ضميمو يا آخر جڏهن طائف ۾ ٿئي ٿو ته ڏسڻ وارن ڏٺو ته جيڪو شروع ٿيو پنهنجي انتهائي نقطي تي پهچي ختم ٿي ويو.

<u>طائف کان واپسي:</u>

حضرت زيد رضي الله عنه شهر کان ٻاهر نڪري ڪري خون سان لت پت ٿيل جسم ڌوتو ۽ صاف ڪيو، سامهون ڪنهن باغ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ پهچايو، جتي زخمن کان چور جسم ۽ بي جان، بک ۽ اڃ کان بي حال پرديسي مسافر جي مهمان نوازي انگورن جي ڪجهه ڇڳن سان ٿي جنهن دل کي ڪجهه آرام ته مليو پر اها صلاحيت پيدا ٿي پئي ته ڪجهه قدم ڪٽي سگهجن پر قرن الثعلب جي موڙ تائين مس پهتا ته جسم چرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو ۽ مٽي تي هٿ ڏئي ويهي رهيا ۽ اهو ئي جيڪو انڪار جي عمل کي آخري حد تائين پهچائي هاڻي ردعمل جي شروعات ڪرڻ وارو

**جبرئيل امين عرض ڪيو**

**قد بعث اِلِيکَ مَلَکَ الّجِبَال**

الله تعاليٰ توهان وٽ پهاڙن جبلن نہ بلڪ پهاڙن جي فرشتي کي موڪليو آهي جنهن کان سڀ ورتو ويو هو هاڻي ان کي سڀ ڏنو تي ويو ۽ ڪهڙي نہ ترتيب سان ڏنو تي ويو غيب ۾ بہ ملاءِ اعليٰ ادنيٰ عالم غيب جي هيناهين طبقي کي متحتاني چون ٿا.

ان کان پهريان ملاءِ اعليٰ جو سڳورو وجود جيڪو روحانين جو سردار آهي جيڪو شايد ملڪوت جي احاطي جي مرڪزي جڳهہ ڏني وڃي ٿي. ان کان پوءِ ملاءِ ادنيٰ جا فرشتا ملڪ الجبال جي تابع ڪرڻ جي خبر ٻڌائي وڃي ٿي ۽ اها خبر ڪيڻ جبرائيل امين ٻڌائين ٿا.

”هي پهاڙ جو فرشتو آهي توهان جيڪو حڪم ڏيو هي پورو ڪندو“

پهاڙ جو فرشتو حوالي ڪيو ويو جنهن جي سلام جي جواب ۾ بازار طائف جي ڇڇوري تائين پٿر هٽي رهيا هئا ردِ عمل جي پوري قوت جو اندازو ڪريون

پاڻ ٻڌائين ٿا

”ان پهاڙ جي فرشتي مونکي سلام ڪيو“

سلام عرض ڪري جنهن کي حڪم تيل هو فرمان طلب ڪري ٿو

**يا محمد! ذالک لک**

اي محمد ﷺ توهان کي پورو پورو اختيار آهي.

ڪهڙي حڪم جو اختيار آهي؟ اف جن پٿرن سان رتورت ڪيو هو. پهاڙ جو فرشتو اجازت طلب ڪري ٿو تہ هنن طائف جي پٿر هٽڻ وارن تي جيڪي ٻن پهاڙن جي وچ ۾ رهن ٿا ٻنهي پهاڙن کي ملائي هنن کي پيڙي ڪري ختم ڪري ڇڏيان؟

آهن اهي ماڻهو توهان کي ڇا مليو جيڪو توهان کان پهرين کي ملي چڪو؟ ۽ جيڪو چاهي ته هاڻي به ان کي ملي سگهي ٿو ۽ هميشه ملندو ئي رهندو، پر توهان جيڪو ڪيو ۽ جيڪو ڪري رهيا آهيون انهي کي دنيا ڏسي رهي آهي.

هاڻي ڏسو! جنهن کي جبل مليا ۽ جبلن جو ملائڪ مليو هو پنهنجي هن قوت کان ڪهڙو ڪم ورتي ٿو؟ جن ڪين هلڪو ڪيو هو ڇا انهن جي زندگي انهن تي ڳري ثابت ڪندو؟ چاهي ها ته هي ڪري پي سگهيو ۽ ان کي اهو حق پڻ هو جن ڪين تي پٿراءُ ڪيو هئو انهن کي سنگسار ڪري سگهيو ٿي، پاڻ طائف کان نڪري جيڪو ڪجهه چيو آسمان ڏانهن هٿ مٿي ڪري چيو هو پر جن به ڪين ساڻ جيڪو ڪجهه ڪيو هو انهيءَ کان ڪيترو وڌيڪ هنن سان ڪري سگهيا ٿي. شايد! توهان غور ڪونه ڪيو ته هن دعا ۾ جيڪو ڪجهه آهي اهو پنهنجي لاءِ نه چيو هئائون.

پوءِ غور ڪرڻ جي ضرورت آهي هنن متعلق پاڻ ڪجهه به چيائون جيتري قدر هو ويجهو هئو ايتري ويجهڙائي بين کي حاصل نه هئي، جڏهن انهن جي خواهش نوح جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو انهن ۾ جيڪو سيني کان مٿي هو سمجهي سگهو ٿا ته ڇا ڪجهه نه برپا ڪري ٿي سگهيو؟ ۽ هاڻي ڪهڙي ڳالهه جي گهٽائي هئي؟ جيڪو ڪجهه چاهي ها اهو ڪري ٿي سگهيو؟ پر انهيءَ تاريخ جنهن نوح جي طوفان، عاد جي آندهي، ثمود جو زلزلو، شعيب جو رجفه، موسيٰ جي درياءَ جي واقعي کي محفوظ ڪرڻ ڇا فرمايائون پهاڙ جي فرشتي کي؟

” آئون مايوس نه آهيان ته هنن جي پويان اهڙيون ئي نسلون نڪرنديون پر الله جي پوڄا ڪنديون ۽ ان سان ڪنهن کي به.

**فَآمَنَّا بِهِ**

اسان ان کي مڃي ڇڏيو

۽ ان کان پهريان نظرن وارن جي طرف تبليغي مهم رواني ٿئي ناديده جيڪي نظر نٿي آيا نامحسوس علائقن طرف تبليغي مهم جو پهريون دستو روانو ٿي ويو. بهرحال مونکي ته ان ئي وقت هي چوٽو هو عمل بعد ردعمل جو هي سلسلو ڪهڙي ته محڪم ترتيب سان گڏ اڳتي وڌي رهيو آهي ڪجيءَ جي جنن جو واقعو جيڪڏهن ويچارا محدثين اسان تائين نه پهچائين ها، انهيءَ ئي خوف کان نه پهچائين ها ڪٿي ته جنن مان ئي هڪ جن ابليس به هو جنهن لاءِ قرآن چئي ٿو"ڪان من الجن""اهو جنن مان ئي هڪ جن هو" انڪار جو جُنون پيدا ڪري ٿو. ته خيال ڪري سگهوٿا ته ملاءِ اعليٰ، ڪان ملاءِ ادنيٰ تي اچي ڪري اسان غيب وجود جي هڪ طبقي ڪان چلانگ ڏئي شهادت ۽ عالم محسوس ۾ ڪهڙي طرح اچي پهتاسين؟ واقعو نه به هجي ها ته عقل جي تقاضا هئي ته هن ڪي ٿيڻو هو.

ارتقا جي زنجير ۾ جيڪڏهن ڪابه ڪڙي نه به ملي ها تڏهن به ايمان آڻجي هان ته اها هوندي، بي خبر ٿي به مڃي ونجي ها ته اها ڪڙي هوندي ۽ ضرور هوندي پر پوءِ جيڪڏهن اسان ان کي ڄاڻي ٻجهي ۽ قرآن جي قطعي روشني، حديث جي صحيح رهنمائي ۾ مڃي ورتوسين پوءِ ديوانن کي اڪسائي ۽ سادن ماڻهن جو گروهه اسان تي چو ٿو کلي؟

<u>مديني وارن سان پهرين ملاقات</u>

اُجين جي هن باغ ۾ غيب جي آخري حد به ختم ٿي وئي، هاڻي شهادت ۽ محسوسات جي سرحد شروع ٿئي ٿي.

مڪ معظم کان هي ڳوٺ هڪ رات جي پنڌ جي فاصلي تي آهي هاڻي صبح تي چڪي هئي ڏينهن ٿيندي ئي مڪ جي طرف روانا ٿي ويا جنهن وقت مڪي جي ويجهو منيٰ جي ميدان ۾ پهتا هئا قدرت پنهنجي عجيب ڪارفرمايئن سان گڏ ظاهر ٿئي ٿي. اها ئي منيٰ هئي اهي حج جاڏينهن هئا ڪيترا موسم آيا ۽ ڪيترا موسم ويا. جڏهن کان اعلان پڪار جو حڪم ٿيو هو ان ڏينهن کان شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن ڪا اهڙي موسم گذري هجي جنهن ۾ ماڻهن جي قبيلن جي خيمن جي اڳيان.

**يا ايهاالناس! قولو لااله اِلاالله تفلحو**

اي ماڻهو! چئو الله کانسواءِ ڪو به ٻيو معبود ناهي بامراد ٿي ويندو پڪارڻ واري پڪاريندي نہ ڏٺوهو ۽ جتي هي ڏسندا هئا اتي سيني جي سامهون هي به ٿي رهيو هو تہ جنهن جي طرف هي چشڪو آيو ٿي اهوپاڻ ئي پڳو آيو ٿي، ۽ جنهن کي سڏيو ويو ٿي اهو انهن کان الڳ ٿي ويو ۽ صرف اهو ئي نہ بلڪ أنَ منفي عمل جو هي حال هو جو جنهن کي به پاڻ ڳنڍيو ويو ٿي اهو خود به خود ٽٽي ۽ ٻين کي به پوريءَ قوت سان ٽوڙي آيو ٿي. هڪ دفعو نہ بلڪ شايد هر بار جڏهن پڪار بلند ٿي ۽ جنهن جو ذڪر ٿيو تہ انهي سان گڏ ٿيو.

يا ايهناالناس! لاتسمعوامنه فانما يدعوڪم ان تسلخواللات والعزا من اعناقڪم وحلفائڪم من الجن

اي انسانو! هن جي نہ ٻڌو هي توهان کي اوڏانهن سڏيٿو تہ لات ۽ غزا ۽ انهن بتن جي اطاعت جو طوق پنهنجي گردن مان چني اڇلايو جيڪي توهان جا دوست آهن اهڙيون رڙيون ڪندي ابولهب پٿر سان ماريندو هيو ايترو ماريندو هيو

**حتي اد منيٰ كعبيه**
**پيڏيون خون سان تر ٿي وينديون هيون**

پر هي منفي عمل جون گهڙيون پنهنجو تماشو پورو ڪري چڪيون هيون هاڻي عمل جو ردِ عمل مثبت شڪل ۾ شروع ٿي چڪو هو غيب ۽ ان جا سيئي درجا ناقابل تسخير قوت جي اڳيان جهڪي چڪا هئا، ۽ هاڻي محسوسات شاهدات جي حد شروع ٿئي ٿي. پوءِ ڏسو غيب ۾ جهڙي طرح پهريان ڏٺوويو هو جيڪو سيني ڪان وڏو هو. شهادت ۾ ٻه ان جي قدمن سيني ڪان پهريان جيڪي ڪريا يا ڪيرايا ويا انهن جو تعلق معدنيات، نباتات ۽ حيوانات سان نه هو. بلڪ انهن سان جيڪي انهن سيني ڪان وڏوهو.

**انصار مدينه جي پهرين ملاقات**

رات جو وقت آهي چنڊ جي روشني ۾ انن جي وچ ۾ قبائلي ماڻهن جا خيما چمڪي رهيا هئا پوئين سال انهي موسم ۾ تقريباً انهن مان هرهڪ هن جي ڳالهين ٻڌڻ کي رد ڪيو هو ۽ هاڻي انهيءَ ردِعمل سان هنن سان مليو ٿي.
ڪنهن هڪ ٽولي تي جيئن نظر پوي ٿي ۽ پڇن ٿا ويجهو اچي.
**من انتم؟**
توهان ڪير ماڻهو آهيو؟
ٽولي وارن مان هڪ جواب ڏئي ٿو.
من الخزرج
اسان خزرج قبيلي جا ماڻهو آهيون
ڇا توهان ويهي سگهو ٿا آئون توهان سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو؟
جواب ڏنائون ته ها ڇو ڪونه

بهرحال جيڪا حرڪت غيب ۾ پيدا ٿي هئي اڄ شاهدي ۾ اچي چڪي هاڻي وڌندي، چڙهندي ۽ مٿي وڌندي ئي ويندي، انهي جي اندر انسان به ايندا، حيوان به ايندا معدنيات به ايندي، جيڪي ڪجهه اچي سگهن ٿا هن جي اندر ۾ ايندا ۽ جيڪي اڳيان هئا هاڻي پوئتي ٿيندا ۽ جيڪي پوئتي آهن اهي اڳيان ايندا صرف ان صفت جي ترتيب قائم ٿيڻ ڏيو پوءِ جيڪو ڪجهه ڏيکاريو وڃي ڏسجو ۽ جو ڪجهه ٻڌرايو وڃي ٻڌجو.

هاڻي مڃڻ کان انڪار نه هو جنهن سمجهي ورتو، جنهن هوا ۾ خوشبوءِ رچي چڪي آهي ان جي سنگهڻ ڪانپوءِ ڪوبه انڪار ڪري سگهي ٿو ان خوشبوءِ کان؟ اها الڳ ڳالهه آهي ته ڪنهن ۾ خوشبوءِ سنگهڻ جي صلاحيت ئي نه هجي سواءِ انهن جي ته هن هوا ۾ خوشبوءِ ناهي يا بدبوءِ ناهي؟

پوءِ جنهن ۾ سچائي جي احساس کي محسوس ڪرڻ جي قوت موجود هجيءِ جڏهن هن جي قوت ٻُڙڪائي چڪي هجي ۽ ان کان پوءِ ان جي سچ چوڻ جي صلاحيت جي صورتحال ڇا هوندي؟ جيڪو پنهنجي اندر ٻڪ کي پچائي چڪو ڇا ممڪن آهي ته ان کي اها صورتحال ڪوڙي لڳي؟ زبان سان ممڪن آهي بلڪ دل سان ڪيئن ٿو ڦري سگهي؟

پوءِ جڏهن مڪي وارن جنهن کي ڏٺو اهو انهن جي ئي سامهون بغير پيءُ جي ۽ بغير ماءُ جي ڏٺو، انهن هن کي ڄاتو ۽ سڃاتو جڏهن شهر جو مال بيابانن ۾ صبح جو چوڙي ويندو هو ۽ شام جو سنڀالي گهر ۾ واپس ڪندو هو، انهيءَ جو به هنن تجربو ڪيو جڏهن هو اندر کان صرف امانت جون شعائون ۽ صداقت جا ڪرڻا ظاهر ٿي رهيا هئا، هن عجيب نظاري جا اهي ئي شاهد هئا ”قيصر

۽ دولت جي هن آئيني ۾ بدمستن جا تماشا ڪري رهيا هئا. هنن سيني شاهدين ڪانپوءِ هنن خدا جي دعويٰ جانچڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهيو ڪندا رهيا، بغير ڪنهن وقفي جي ڏهه يارنهن سالن تائين ڪندا رهيا انهن ڏٺي ڪري ڏٺو، وٺي ڪري ڏٺو سيني صورتن ۾ چيڪ ڪندا رهيا، رڳ رڳ کي الڳ ڪري ڏٺو ريشو ريشو جدا ڪري ڏٺو هن پنهنجي اندر کي ٻاهر ڪڍي سيني جي سامهون ڪري ڏيکاريو هو ان کي جاچيندا رهيا تجربي جي هن طويل ۽ عريض سلسلي کان پوءِ به انهن مان هرهڪ کي انهن جي باطن ۾ ڇا هميشه اهو ئي نه مليو جيڪو هو ظاهرڪندو هئو؟ برابر ڪيس جڏهن ڏٺو ويو تڏهن به اهو سچ هو ۽ جڏهن ورتو ويو ته اهو به سچ ئي هو

يقينن ان کان وڌيڪ ڇانڇجي نٿي سگهيو؟

سمجهه ۾ اهو نٿو اچي ته جن بعد ۾ مڃيو پوءِ ان انهن ڇو ڪونه ٿي مڃيو؟

انسان جي دل جي فطرت اها ئي رهي آهي ۽ هميشه اها ئي رهندي، اگر شايد ان تي غور نه ڪيو ويو جيڪو ڄاڻندو آهي اهو ئي مڃيندو آهي ۽ پوءِ جنهن نه ڄاتو ان نه مڃيو ته پوءِ هن ڪنهن جو انڪار ڪيو؟ بلاشڪ انهن جي دلين اهو ڄاتو هو پوءِ جيڪڏهن زبانن نه مڃيو ته اها ڪهڙي سمجهه ٿيندي ته هنن جي دلين به ڄاتو هئو.

ڇا زبان دل آهي يا دل زبان آهي؟ ڪاش ائين ٿئي ها پر دنيا ۾ پوءِ ڪوڙ جو گهر ڪٿي نهي ها؟

ڏسو ابوجهل جو مشهور تاريخي اقرار ڇا هن جو اقرار ناهي ته پنهنجي جاهليت ۽ هٺ ڌرمي نه آهي وڏائي ۽ تڪبر جي هن نشي کان سواءِ پاڻ به ڪجهه حاصل نه ڪندو هو ۽ جتي پين ۾ هي به هو اتي اهڙا به هئا جن ۾ ڄاڻڻ ڪانپوءِ وهمن ۽ وسوسن جا ڦوهارا اٿي ٿي پيا ۽ ڪين مڃڻ کان روڪي ٿي ڇڏيو.

آخرڪار سادن ماڻهن جو اهو گروهه جن کي ڪوڙو ڄاڻائڻ وارن جي هي تصديق وڏي خوشي سان ٻڌائيندا هئا جنهن کي اسان مڃو ٿا انهن جي متعلق "ڪار لائل" يورپ جو مفڪر به اهو ڄاڻي ٿو ۽ ڇئي ٿو ته هو زندگي جو چمڪندڙ نور هئا جنهن کي قدرت واري پنهنجي سيني مان ڪاڙي ڪيي دنيا کي روشن ڪرڻ لاءِ چمڪايو هو، اهو جيڪو جهان جي پيدا ڪرڻ واري جي حڪم سان جهان کي روشن ڪرڻ لاءِ آيو هو موجودات جو عظيم مينار هيبت ناڪ پر تابناڪ راز ان جي اکين جي سامهون چمڪي اٿيو هئو، ان جي پنهنجي روح جيڪا خدا جي الهامي قوت ان جي اندر موجود هئي ان جو هن جواب ڏنو.

"محمد ﷺ صاحب اونهين کان اونهين معناعن ۾ هر زماني جي لاءِ هر حيثيت سان سچي کان سچا وڌ کان وڌ صداقت رکڻ واري روح مان هئا، هو صرف عظيم ۽ اعليٰ انسان ئي نه بلڪ پوري ڪائنات جي انسانن ۾ وڏي کان وڏا ۽ سچي کان سچا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن انهن مان هڪ هئا.

ايتري ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ ڪانپوءِ پاڻ ئي ٻڌايو ته انهن هنن کي مڃيوچو ڪونه جيڪو هنن جي مڃڻ ڪاڻ آيو هو جهڙي طرح پين جو مڃڻ ان کي هنن لاءِ ضروري هو؟

پر ائين نہ آهي جهڙي قدر انهن ڄاتو هو جيڪڏهن انهي تي قائم رهن هان تہ پوءِ هو بي چين ٿي وڃن هان، جهڙي طرح مڇڻ وارا بي چين ٿي ويندا آهن. پر اهي علم جي نشانن جي حدن تي نہ ترسيا علم سان گڏ هنن وهم کي بہ شريڪ ڪيو، ۽ وهم هنن کي ظلم جي ڪناري اچي ٽڪائي ڇڏيو ڏسو محرومي جي هنن ڪڏن ۾ منهن جي پر ڪريل، انهن وسوسا پچايا ۽ چوڻ لڳا ڇا ضروري آهي جنهن جي دل اهڙي آهي تہ هن جو دماغ بہ اهڙوئي هجي.

جنهن جي سامهون مڪو بہ گذري چڪو ۽ مڪي ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو بہ گذري چڪو مدينو بہ گذري چڪو ۽ مديني ۾ جو ڪجهہ ٿيو اهو بہ گذري چڪو، جڏهن انهن ۾ شڪ جو بخار ٿيو ۽ ان وقت تائين وڌندو رهيو جو اچا مڪي ۾ ئي هئا مدينو انهن جي نظرن کان پري هو، چو اچرج ٿئي ٿو جيڪڏهن وهم جي اونداهين ۾ ڦاسي انهن نوڪرون ڪائڻ جي باوجود ڄاڻڻ جا تجربات ۽ مشاهدات جي هن تيز روشني ۾ سچائي جي مڇڻ کان هڇڇائي رهندا هئا؟ انهن جي علم ۾ بہ ظلم جي ظلمت شريڪ ٿي ۽ جيڪا شي سامهون اچي چڪي هئي وري ان تي پردو اچي ويو.

**دارالندوه جو آخري فيصلو ۽ هجرت:**

حالانڪہ عمل جو ردعمل شروع ٿي چڪو هئو ان جو طوفاني غيب سان سينو تار تار هو شاهدي جي هن ڪناري سان ٽڪرائي رهيو هئو. پر انهن هن جو اندازو نہ ڪيو ۽ جهڙي طرح هاڻي تائين ان سان ٽڪرائي رهيا هئا وري ٽڪر ڪائڻ لاءِ آماده هئا.

منيٰ جي ميدان ۾ تسخيري قوت جو جيڪو مظاهرو ٿي چڪو هو ان انهن ۾ هڪ هلچل پيدا ڪري ڇڏي هنن کي پنهنجي وڏائي جي بربادي جو انديشو ٿيڻ لڳو، پنهنجي ضمير جي صادق احساس تي

انهي قسم جي وهمن جي اکين تي پٽي ٻڌي ڪري هوانڌائي رهيا ۽ ڪنڌ ۾ ڦٽو ڪيل پٽر زبور جي هن پيشگوئي طرف اشارو آهي جنهن ۾ آنحضرت ﷺ کي ڪنڌ جو منڍ وارو پٽر قردار ڏنل آهي ۽ انهي جي پيشنگوئي ڪئي وئي آهي جيڪو انهي تان گذرندو اهو ڀ جهرندو ۽ جنهن تي ڀ هي ڪرندو انهي کي ڀ چڪنا چور ڪري ڇڏيندو.

انهي لاءِ پهرين تعجب ڪاڏو جنهن تي هو ڪرندو هو ڀ فنا تي ويندو ۽ جنهن تي ڀ ڪيرايو ويندو اهي ڀ چڪنا چور تي ويندا ۽ جيڪو هن تي ڪرندو اهو ڀ بچي نہ سگهندو، سيئي ملي ڪري آخري دفعو ٽني ڪري پيا:

جمهوريہ قريش جو مشهور ۽ منحوس ريزوليشن پاس ٿيو جيڪو هي هئو" جمهوريہ جي هر پارٽي يعني"قبيلو" مان هڪ ماڻهو هن مجمع ۾ شريڪ ٿئي جيڪو اونداهي ۾ هڪ دفعو ملي ڪري آنحضرت ﷺ جو ڪم (نعوذ با الله ) تمام ڪري ڇڏي تہ جيئن اهو ڏوهہ ڪنهن ڀ هڪ قبيلي تي عائد نہ ٿئي.

ڪهڙي طرح اها ڳالهہ ڀ عجيب آهي جيڪو شعب ابي طالب ۾ پاڻي ڀ بند ڪري سگهيا ٿي جنهن جي ڪاڻ پيئڻ کي ڀ روڪي ٿي سگهيا ان وقت تائين اجازت نہ هئي ڇو جو.اهو صرف عمل جو زمانو هو رد عمل جو نہ ، پر اڄ ڏسو ! هو بيٺا آهن، مڪي جي هر گهر جو سورمو بيٺو آهي تلوار ننگي ڪيو بيٺو آهي پر مڪي کان ٻاهر ميل ٻن تي ڪوبہ پهرو نہ هو جتي پهچڻ جا ڪوڙ ساردر هئا ۽ رستا هئا، پر هڪ مختصر گهر ۽ ان جي گهٽي ۾ بيٺا هئا جنهن جي پاڻي کي ۽ خادمن جي ڪاڏي کي مختلف رستن تي روڪي سگهيا ٿي اڄ انهي هستي کي روڪڻ ۾ ناڪام رهيا، جاڳندائي

رهيا پر ستل هئا ڏسي رهيا هئا پر سمجهہ ۾ نٿي آين. جنهن کي خاص سڀ ڪجهہ ڏنو ويو هئو ان جي جان تہ نهيو بلڪ ان جي پيرن جي خاڪ پنهنجي هٿن سان پنهنجي مٿي تي نٿي هاري سگهيا جڏهن تہ اهي ٿي نہ مليا؟ ۽ سائين جن حضرت علي رضہ کي پهچي بستري تي سمهاري جڏهن گهر کان ٻاهر ٿي نڪتا تہ ڪافرن جو جيڪو ٽولو ٻاهر پهري تي هئو انهن جي منهن تي مٽي وجهندا نڪري هليا ويا.

**سفر هجرت جو آغاز ۽ ان جا واقعا:**

جنهن اڳيان غيب پهچي چڪو هئو شهادت جهڪي چڪي هئي ملاءِ اعليٰ ۽ ملاءِ ادنيٰ جهڪي چڪا هئا جن جهڪي چڪا هئا، انسان جهڪي چڪا هئا دل چوي ٿي تہ ان جي اڳيان معدنيات بہ جهڪي ۽ وڻ ٽڻ ٻوٽا بہ جهڪيا حيوان بہ جهڪيا درندہ پرندہ بہ جهڪيا، معنيٰ تہ جيڪا بہ مخلوقات ۽ تخليق ڪائنات ۽ اسرار ڪائنات رمز ۽ رموز ڪائنات جهڪڻي آهي اهي سڀ جهڪيا. ۽ چا هي صرف عقل جو ٿي تقاظو آهي جنهن جنهن جا ڪن آهن جنهن جنهن ۾ ٻڌڻ جي صلاحيت آهي ان ٻڌو

**اِليّ يا رسول الله**

منهنجي طرف تشريف وٺي اچو يا رسول الله ،

حرا جا پٿر ۽ پهاڙ پڪاري رهيا هئا ، ثور جا پهاڙ بہ اهو ئي پڪاري رهيا هئا آخر اهو ئي خوشقسمت ٿيو، جيڪو محروم هئو حرا ۾ نہ جتي رهي چڪا هئا ثور کي هيءَ سعادت نصيب ٿي ۽ چا صرف اهو ئي ٻڌايو ويو؟ چا انهي سان گڏ اهو بہ ڏنو ويو تہ انهي غار جي منهن تي جنهن ۾ ملائڪ موجود هئا، قدرت جو مقصود هئو، ٻہ سبز وڻن جون ٽاريون سجدي ۾ جهڪيل هيون انهي

نباتات جي وجود کان علاوه حيواناتي قوتون خونخوار شڪلين ۾ ۽ پکين جي شڪلين ۾ بہ محوئي نياز ۽ نوڙت جي اسرار ۾ ڏئيون ويون.

جليل اصحابي رضي الله تعاليٰ عنها زيد بن ارقم مغيره بن شعبہ انس بن مالڪ رضي الله عنہ سڀ ان جا راوي آهن انهيءَ غار ۾ سليمان عليہ سلام جو ماڪوڙين وانگر غريب ڪوريئڙن حضرت سليمان عليہ السلام جي محبوب محمد ڪريم ﷺ جي پناهہ لاءِ اهڙو گهر پيش ڪيو جيڪو دنيا جي تمام گهرن ۾ سيني کان وڌيڪ ڪمزور هئو، پر اچ دنيا جو اهو گهر " اوهن البيوت" تنندڙ ۽ پرندڙ گهر خدا ڄاڻي تو تہ ڪيترن سنگين قلعن جو بنياد قرار ٿيو، ۽ انڪانپوءِ دهلي ۾ آگره ۾ دره دانيال ۾ اتر ۾ ڏکڻ ۾ جيڪي بہ ڳاڙها پيلا اڇا ۽ ساوا قلعا نهيا ۽ انشاءَ الله نهندا ئي رهندا انهن سيني قلعن ۾ سيني کان پهريون قلعو ڇا ڪمزور ڪوريئڙن جي هي ڪمزور ڇار نہ هو؟

ڪير چئي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن اهو ان وقت نہ هجي ها تہ پوءِ جيڪو ڪجهہ تي سگهيو ٿي سڀ ڄاڻو ٿا؟ ننڍي ڪي وڏو بنائڻ وارو ۽ وڏي ڪي ننڍو ناهڻ وارو هميشہ اُئين ئي ڪندو رهي ٿو "في سبحان الله جلت عظمتہ"

۽ ڪير چئي سگهي ٿو تہ جن ڪبوترن جي حمايت ۾ دنيا جي اسلامي طاقتن جو اڄ متفقہ فيصلو آهي حرم ڪعبہ جا هي ڪبوتر انهي جوڙي جي نسل مان ناهن جن انهن طاقتن کي پيدا ڪرڻ واري جي ڪڏهن حمايت نہ ڪئي هئي.

جيڪي ڄاڻن ٿا " امام زرقاني ان ڳالهہ تي بحث ڪئي آهي تہ غار ثور جي منهن تي ڪبوترن جي جنهن جوڙ ي پنهنجا بيدا ڏئي

انھن تي آرو ڪرڻ شروع ڪيو حرم جا لکين ڪبوتر ان نسل جا ئي آهن"

اهي اهو چون ٿا ۽ آءُ انھن کان ڇا پڇان جيڪي نٽا ڄاڻن ؟ ۽ سچ اهو ئي آهي جيڪو سيني جي لاءِ هو ۽ آهي عالمين جي هن رحمت جي لاءِ جيڪڏهن هي ٿي رهيو آهي، نانگ ۽ نانگ جي زهر ان جي چپن ۽ ڏندن جي جنبش سان ٽڙڪن ٿا ، حضرت صديق رضي الله تعاليٰ عنه غار جا سڀ سوراخ پنھنجي ڪپڙن مان اگڙيون ڦاڙي بند ڪيا، هڪ رهيل سوراخ تي پنھنجي پير جو آڱوٺو رکي اطمينان ڪيو ته هاڻي ڪابه شيءِ زهريلي يا غير زهريلي اندر نه اچي سگهندي جيڪا محبوب سرڪار کي خدانخواسته تقصان رسائي ۽ انهي سوراخ ۾ نانگ ويٺو هئو ۽ انهي ڏنگ هڻي ڪڍيو ۽ آنحضرت ﷺ پنھنجي پڪا مبارڪ ان زخم تي رکي ۽ تڪليف ختم ٿي وئي ۽ اڄ ڏينهن تائين صديقي خاندان ۾ اهو نشان جيڪو آڱوٺي ۾ زخم آيو ايندو رهي ٿو، ان جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، اهڙي طرح قريشن ۾ انعام اعلان ٿيو ۽ انعل م جي لالچ ۾ سراقه بن جعشم بدو آنحضرت ﷺ جو پيرو ڪڻڻ تي آماده ڪيو ويو جيڪو ان علائقي جو مشهور پيري هيو ان کي ساڻ ڪري ان جو گهوڙو ٽي دفعه ذمين اندر هليو وڃي ۽ وري امان ، امان پڪاري بچيو وڃي، ام معبد جي خيمي ۾ هڪ پوڙهي ٻڪري ٻڌل هئي ام معبدي جي اجازت سان ان جو کير ڏڌو ويو جيڪو سفري بک سبب هن ڪانگهاري ٻڪري جو کير ڏهڻ جومعجزو هئو جيڪو سائين جن پيتو ۽ پنھنجي رفيق کي به پياريو ۽ ان گهر وارن کي به ڏنو ويو".

ائين زمين ان جي اشاري سان سراقہ جي گھوڙي جو ٽنگون ڇڪي ٿي ام معبد جي خيمي ۾ هڪ ڪانگھاري ٻڪري جا ٿڻ هٿ لڳائڻ سان کير ۾ پرجي وڃن ٿا، جتي لهٽو هئو ۽ جتان وري چڙهي لهڻ ڪانپوءِ حشر ۾ اٿٽو هئو ان جي بيزبان ڏاچي پهچائي ٿي تہ ٻڌايو تہ آخر عقل ان کان سواءِ ٻيو ڇا سوچي سگھي ٿو؟

اِن الله معنا جڏهن پهرين کي آخري چيو" غار ثور ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ سان گڏ حضور اڪرم ﷺ جڏهن روپوشي واري حالت ۾ هئا تہ قريش جا ماڻهو ڳوليندا ڳوليندا اچي غار ثور جي منهن تي پهتا ان وقت حضرت ابو بڪر رضہ گھبرائجي ويا ۽ اکين مان ڳوڙها ڪرڻ شروع ٿيا پر حضور اڪرم ﷺ جن چيو تہ گھبرايو نہ الله اسان سان گڏ آهي هي لفظ فرمائي انهن کي تسلي ڏني ۽ قرآن ان قصي جو بيان فرمايو ۽ انهي آيت ۾ حضرت ابوبڪر رضہ کي ثاني اثنين ٻن مان ٻيو فرمايو ويو انهي واقعي طرف اشارو آهي.

انهي ثاني کي چيو جيڪو زندگي جي هر ڳالهہ ۾ ثاني هئو مرڻ ڪانپوءِ بہ ثاني هئو،

ڇا هي حقيقت نہ اهي ڇا صرف ٻارن کي ريجهائڻ وارو قصو ڪهاڻي ٻڌائي وئي؟

حالانڪہ جنهن چيو تہ اهو ٻارن هئو ۽ جنهن کي چيو ويو اهو بہ ٻار نہ هئو.

**اللهم صلي عليہ وسلم والعرض عن صاحبه**

جڏهن اهو ٿيو جيڪو ٿيڻو هئو تہ پاڻ ئي حيران ٿيو ، ڇا توهان چاهيو ٿا تہ اهو ٿئي جنهن کي نہ ٿيڻ گھرجي يا نہ ٿيڻو هئو، توهانکي ڪنهن غريب ٻڪري ۽ مسڪين ڏاچي تي حيرائي آهي

پوءِ مٿو ڇو پٽيندا ڇو پنھنجا وار پٽيندا جڏهن هن جي قدمن ۾ ان جي خادمن ۽ ادنيٰ خادم جي حياتين تي عرب قربان ٿيندا کسريٰ ڪرندو ۽ قيصر جهڪندو؟

۽ ڏسو اهو سڀ ته ٿي چڪو ۽ جيڪو به ٿيڻو آهي اهو به ٿي رهندو هتي به اهو ئي ٿيندو اتي به اهو ئي ٿيندو ضحيح بخاري ۾ آهي.

آدم ومن دونہ تحت لوائي يوم القيامتہ (صحاح)

آدم ۽ آدم کان پوءِ سڀ قيامت جي ڏينهن منهنجي جهنڊي جي هيٺيان هوندا. ٻيا پوءِ هن صحيح روايت ۾ به ناهي

لايبقيٰ علي ظهر الارض بيت مدر ولا وبر ، الا ادخله الله السلام بعز عزيز أوذل ذليل (مسند احمد)

روءِ زمين تي ڪو به گهر يا ڪوبہ خيمو باقي نہ رهندو جنهن ۾ اسلام داخل نہ ٿيندو يا نہ ٿي رهندو جيڪو عزت سان چاهيندو اهو عزت وارو ٿي جيڪو ذلت سان چاهيندو اهو ذليل ٿي ڪري جنهن جو ذڪر بلند ڪيو ويو آهي بلند ڪرڻ وارو پنهنجي هن نور جي روشني پوري آب ۽ تاب سان هر هنڌ پهچائيندو.

**ولوڪره الڪافرين**

ان جو ذڪر هن آيت ڪريم آيل آهي" ورفعناللڪ ذڪرلڪ" اسان تنهنجي ذڪر کي بلند ڪري ڇڏيو .

**والله متم نوره ولوڪره الڪٰفرون**

الله پنهنجي واعدي کي پورو ڪري رهندو نہ مڃڻ وارا ڀلي جيترو بہ ان کي نا پسند ڪن.

**سفر حجرت ۾ سراقہ سان ڳالهہ ٻولهہ**

پوءِ ائين نہ ٿيو جيڪو ڪجهہ ڏٺو ويو ٿيڻ ڪانپوءِ ڏٺو ويو حالانڪہ اهو ئي پٿريلو ميدان آهي جتي ڏسڻ تہ ٻيا سوچي بہ نٿو

پورا ٿي ويا وڏي سڪون سان انتهائي ثابتين ، ڪامل استقامت سان پورويون ٿيون.

۽ ڏسو ان زندگي جي ختم ٿيڻ سان گڏ جيئن مون اڳي عرض ڪيو جيڪي اڳيان هئا اهي پويان ٿي ويا ۽ جيڪي پويان هئا اهي اڳيان اچي ويا. مدينو منوره ايمان سان پرجي ويو حالانڪ اتان جا ماڻهو بعد ۾ آيا پر جن ۾ هو خود آيو هئو انهن بدبختن کي ڏسو انهن ۾ اڪثر کي اجا تائين هوش نہ آيو هئو هو وڏائي جي نشي ۾ محو هئا ۽ شڪن جي چادر پنهنجي ايمان جي احساس تي وجهي ڇڏي هئائون دل جي متعلق بلڪل اطمينان هئڻ بلڪ دماغ مان هنن گهٽ نظرن وارن جو دماغ بند هئو.

بِسم الله الرحمٰن الرحيم

## مدني زندگي

جن اکين جي انڌن دل جو اقرار ڪيو هئو پر دماغ تي انهن کي اجا بہ شڪ هئو هاڻي انهن جي تنگ نظرن جي لاءِ ٻي زندگي جي رخ جو آغاز ٿئي ٿو جنهن ۾ دل کان وڌيڪ دماغ جي ئي نمائش ٿئي ٿي تہ جيئن اهو وهمي شو شو ڇڏيل بہ ختم ٿي وڃي جنهن جي آڙ وٺي ڄاڻ کي اٽڃاٽائي ۾ ڪانئر لڪائي رهيا هئا.

۽ ڏسو تہ دماغي تجربات ڏسندڙن جي ڪشمڪش مان اها سخت ڪلامي بہ نچوڙجي ويندي جنهن سان هنن معذورن جو نشو بہ لاٿو ويندو. جنهن جا پير وڏائي ۽ آڪڙ جي خمار ۾ ڄاڻ جي بعد مڃڻ کان اجا تائين انڪاري هئا تہ جيئن حجت پوري ٿئي.

**ليهلڪ من هللڪ عن بينة ويحيٰ من حَيّ عن بينه**

جيڪو مرڻ چاهي اهو سرعام ماڻهن ۾ سڀ ڪجهہ ڏسي پوءِ مري ۽ جيڪو جيئڻ چاهي اهو بہ سيني کي ڏسي سيني جي سامهون جيئي.

طائف واري مدني زندگيءَ جي شروع ۾ جيڪو ڏيکاريو ويو تہ هو "اني علي الناس" طائف واري دعا جو اهو ٽڪرو جنهن ۾ آنحضرت ﷺ جن پنهنجي سڏڪن متعلق فرمايو هئو.

جي ساڳي فرياد کي الناس ۽ ناس سان گڏ جيڪو ڪجهہ آهي ان کي وزن بخشيو ٿي ويو يا طائف جي گهٽين ۾ جو رد ڪيو ٿي ويو سلع پهاڙ جي جهولي ۾ سڀ اتي رد ڪيا ٿي ويا، ٻڪين جي لاءِ ماني کٽي ڊوڙندا آيا، اجن کي پاڻي پيارڻ لاءِ ڊوڙندا ٿي آيا، ڳاياٿون ٿي وڄاياٿون ٿي ۽ هڪ ٻئي کي پڪارياٿون ٿي ، هاڻي هاڻي جنهن جي پنڌ پهڻ جبل هلم الي يا رسول الله سان پڪاري

رهيا آهن ، انهي كي انساني زبانون اڳيان اڳيان پڙهي ڪري ٺيڪ اهڙي طرح "يارسول الله هلم الي القوة المعنة" اي الله جا رسول زور ۾ حفاظت جي طرف اچ " عرض ڪندي جان حاضر ڪن ٿا،ته مديني جو نه بلڪ قرن الثعلب جي موڙ تي طائف کان نڪرندي جنهن عمل جو رد عمل ملاءِ اعليٰ کان شروع ٿيو هو هي انهي تسخيري قوت جو ظهور آهي جيڪو مڪي ۾ ظاهر ٿيو ثور ۾ به ظاهر ٿيو ، ثور کان ٻاهر نڪرندي رستي ۾ ظاهر ٿيو، قبا جي مقام تي پهچڻ وقت به ظاهر ٿيو ، جتان خالق جو جيڪو دروازو مخلوق جي لاءِ بند هئو صدين کانپوءِ پهريون پيرو قبا جي مسجد ٺاهي ڪري کوليو ويو ، هي دين جي پهرين مسجد سائين جن پنهنجي هٿن سان ٺاهي " ته جيئن جنهن کي به جتي به زمين تي قائم رکيو وڃي پهريون ڪم اهو ڪري."

۽ هاڻي مديني ۾ به ان رد عمل جو ظهور ٿي رهيو هئو ۽ آئينده ٿيندو رهندو انهي جو ظهور ڪوفي ۾ به ٿيو ۽ ٿيندو ، دمشق ۾ به ٿيندو بغداد ۾به ٿيندو،

غرناط ۽ قرطبه ۾ ٿيندو ، قاهره ۾ ٿيندو ، غزني ۾ ٿيندو ، دهلي ۾ به ٿيندو ۽ ڇا ڇئجي ته ڪٿي ڪٿي ٿيندو؟ ڪيتري تائين ٿيندو؟ بلڪ سچ اهو آهي ته اڄ تائين هاڻي ته صرف انهي جو ظهور آهي ،انهي جو نشان آهي ، انهي جي لاءِ مدني زندگي جي اصلي عناصر ۽ واقعا نه آهن، بلڪ هي ته مڪي جا ئي آثار آهن، جن کي توهان هاڻي مديني ۾ ڏسي رهيا آهيو، بلڪ مدني زندگي ۾ اهي ڳالهيون تلاش ڪرڻ گهرجن جن ۾ دل کان وڌيڪ دماغ جو، اخلاق کان وڌيڪ عقل جو تجربو آهي.

مڪي ۾ جهڙي طرح ڏنو ويو هئو تہ هن جي دل ڪان بهتر ڪابہ دل نہ آهي اهڙي طرح انهن ڳالهين جو مطالعو مديني ۾ ڪيو وڃي ۽ جن کي ڏسي ڪري چيو وڃي تہ هن دماغ کان بهتر ڪوبہ دماغ ڪونهي.

## مسجد نبوي جو ناهڻ ۽ صفہ جو تيارڪرڻ

ظاهر آهي تہ مديني ۾ سڀ کان پهرين مسجد نبوي کي ناهڻ جو ڪم ڪيو ويو ۽ انهي سان گڏ اصحابہ صفہ جو هڪ چبوترو ٺلهو ناهيو ويو جتي ٻاهر جا غريب ٻين ملڪن کان نوان مسلمان اچي پنهنجو بسيرو ڪندا هئا، ان ۾ هي ماڻهو قرآن ۽ سنت جي تعليم حاصل ڪندا هئا ڪاڻ پيٽ جو بندوبست عام ماڻهون اتان جا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪرڻ فرمائيندا هئا، طالبن جي تعداد سون تائين پهچي چڪي هئي.

هي هڪ قسم جو مدرسو ناهيو ويو هئو ۽ چا صرف مسجد ناهي وئي ۽ مدرسو ناهيو ويو باوجود طاقت ۽ سگهہ جي پڪين سرن ۽ پٿر سان نہ بلڪ ڪچي مٽي ۽ ڪجور جا ڦرها ۽ ٽڙن سان ناهي وئي ، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ مسلمان جنهن آبادي ۾ پهتا سڀ کان پهريان پنهنجي گهر ڪان بہ پهريان خدا جي عبادت لاءِ مسجد جا بنياد رکيائون چو تہ مسجد ئي اسلام جي تبليغ آهي ، اسلامي آبادي ناهيندي سڀ کان پهريان منسجد جو بنياد چاهي وقت جو نہ هجڻ نموني طور تعميرات جون تڪليفون يا مالي مشڪلاتون هجن ان جو نمونو مسجد نبوي جو سادو ناهڻ رکيو ويو جيڪو هر شخص هر حال ۾ بنياد رکي سگهي ٿو، ۽ ڪٿي بہ رکي سگهي ٿو ، آخر تعميري لحاظ کان جيڪا مسجد بہ هوندي ان کان چا گهٽ هوندي جيڪا مسلمانن جي سيني ڪان پهرين مسجد نهي؟ ۽ هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هر مسجد مدرسي سان گڏ هجي ،

بيت المقدس کي قبلو ٺاهي عرب کان عرب جي باشندن کي الگ ڪيو ويو، پر هاڻي تہ عرب ئي نہ بلڪ غير عرب خدا جي سڄي زمين کان هن عرب ۽ غير عرب جو قصو ئي هميشہ جي لاٰ ختم ڪري ڇڏيو، سترنهن مهينن کانپوءِ قبلو بدلجي ٿو ۽ بجاءِ سليمان جي هيڪل جي سليمان عليہ ، داؤد عليہ، اسحاق عليہ ۽ اسماعيل عليہ جي پيءُ حضرت ابراهيم عليہ سلام جو ٺاهيل ڪعبي کي قبلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

"ومن حيث خرجت فول وجهرڪ شطرالمسجد الحرام وحيث ما كنتم فولوا وجوهكم شطره"

۽ جتان کان توهان نڪرو انهي جڳهہ کان پنهنجا منهن مسجد حرام طرف موڙيو ۽ جتي ڪٿي! اي مسلمانو توهان آهيو پنهنجن منهن کي هن طرف موڙي ڇڏيو، ڇا مقصد آهي هن جو؟ يعني جيڪي ڪعبہ کان ٻاهر ڪيا ويا آهن اهي بہ ڪعبہ جي اندر آهن ۽ جيڪي ڪعبہ کان ٻاهر هئا پاڻ کي ڪعبہ جي اندر سمجهن.

پهريان غير عرب کي عرب جو قبلو ٺاهيو ويو ۽ جڏهن هي ٿي چڪو تہ پوءِ عرب ۽ غير عرب سيني کي ملائي هڪ ڪيو ويو ، نہ عرب رهيو نہ غير عرب ئي رهيو . بلڪ خدا جي جيڪا هڪ دنيا هئي اها هڪ ئي دنيا جي شڪل ۾ واپس اچي وئي. ڪعبو دنيا جي مسجد جي ديوار ٺاهيوويو ۽ ڪشادي زمين ان ديوار جو اڳڻ قرار ڏنو ويو، اهو ئي هر مسلمان سمجهي ٿو ۽ انهي جي مطابق عمل ڪري ٿو، هو آفريڪا کي بہ ڪعبي ۾ سمجهي ٿو ۽ آمريڪا کي بہ ڪعبي ۾ بسمجهي.ٿو. ۽ هن جي صحن جو هڪ حصو قرار ڏنل آهي ايشيا بہ ان ڪعبي جي ديوار جي هيٺيان آهي يورپ ۾ بہ جڏهن نماز جي ضرورت پويس ٿي تہ ڪعبي جي اڳڻ

قريش کي پنهنجي نسل تي ۽ پنهنجي حسب تي وڏو ناز هئو، نسل جي فخر جو هنن ۾ هڪ خدا جهڙو بت هئو جيڪو صدين کان پوڄيو ٿي ويو ته ائين ئي قريشي ٻين عربن سان حج ڪرڻ به توهين سمجهندا هئا، قريش انهي قبرستان ۾ به دفن ٿيڻ کي عيب سمجهندا هئا جن ۾ غير قريش دفن ٿيل هوندا هئا. اڇا ڪارن سان گڏ دعا گهرڻ به ڏوهه جو ڪم سمجهندا هئا ۽ پنهنجي عزت ۽ وڏائي کان ڊڄندا هئا ، جهڙي طرح اڄ به شودرن جي ڇهيل شي کي ناپاڪ ۽ اڇوت سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان کي اڇلائي ٽا ڇڏين.

هي ڀائيچاري جو ئي سلو هئو جنهن انا جي ايڏي وڏي بت کي ڊاهي پورا پورا ڪري ڇڏيو.

قريش سردار انصار ڪڙميءَ جي اڳيان جهڪيل هئو، هو ان جا هٿ چمندو هئو ۽ هي ان جا قدم وٺندو هئو، هنن پنهنجو سڀ ڪجهه بلڪ توهان پڌو هوندو ته طلاق ڏئي پنهنجن گهر وارين کي به ڏيڻ لاءِ تيار هوندا هئا ۽ هو شڪرئي سان گڏ انڪار ڪندا هئا ۽ هيئن ئي مخلوقات بلڪ پنهنجي خود ساخته مخلوقات جي چنبن کان آزاد ٿي ڪري مديني وارن پنهنجي وچڙيل رب قيوم کي حاصل ڪيو ، ان ڪانپوءِ اعلان ڪرايو ويو ته هاڻي دنيا هڪ آهي سيني جو معبود هڪ آهي. سيني جو رسول هڪ آهي ، سيني جو ڪتاب هڪ آهي ۽ سيني جو ڪعبو هڪ آهي.

آذان جي شروعات

۽ ڏسو ته ڏينهن ۾ پنج وقت ڪڙڪي ۽ گونج سان وڏن مينارن تان سڏڻ وارو اوير ۽ اولهه زمين جي آخري ڪناري تائين اها ئي پڪار اتر ۽ ڏکڻ تائين سڄي دنيا ۾ اها پڪار هلي ۽ هلندي رهندي قيامت تائين، ڇا سنک سان سگ سان طبل سان گهنڊ سان،

انهن کي مجنون چوڻ وارا ڇا پاڻ چريا نہ آهن؟ جنهن جي عقل جنهن جي فهم جو هي ڪرشمو آهي انهن جي عقلي توازن ۾ نقص ڪڍڻ وارا ڇا اهڙا بدبخت خود عقلي توازن کان محروم نہ آهن.

**رستن جون مشڪلاتون:-**

رستو جيڪڏهن صاف هجي ها تہ جيڪو ان وقت حقيقي طور تي ڏيکارڻو هئو ڏيکاري نہ سگهجي ها پر ڏسو تہ رستي ۾ ڪنڊن جا گهاٽا جهنگل سدا ۽ ور وڪڙ هيٺان ۽ مٿان هر طرف کان گهيري ويٺا هئا پر اهو مقصد انهن ئي منجهان نڪرڻو هئو ۽ ڪهڙي نہ شاندار طريقي سان اتان نڪتو، بيابانن جي ڪجين جي هن جهڳٽي واري ڳوٺن ۽ انهن هارين ۽ مسڪين آبادين مان هيءَ تحريڪ پوري عالم تي يغار ڪندي انهن يهودي شاهوڪارن جنهن جي وياج مٿان وياج جي قرض ۾ دٻيل انسان مٿن ڌاڙو ۽ حملو ڪن ٿا. انهن زمين ۾ پيدا ئي ڇا ٿو ٿئي پر جيڪو ڪجهہ بہ پيدا ٿئي ٿو پيدا ٿيڻ شرط يهودين وياجين جي گهر پهچي ٿو ، گهٽا ڏينهن ڪو نہ گذريا تہ هن ڳوٺ جي آباديءَ جا بہ خاندان پهچي خانہ جنگي ۾ رهيل سهيل نوجوان ۽ سربراهن ڪي بہ وڃائي ويٺا هئا ۽ انهن سان گڏ پنهنجي دولت ۽ پنهنجي وطن کان وڇڙيل ڪجهہ ماڻهن جن جو تعداد سئہ کن کان گهٽ هوندو، انهن جو هي حال آهي ۽ ٻئي طرف سڄو عرب هڪ ڪمان بنجي انهي تحريڪ وارن کي نشانو بنائي رهيو آهي ۽ هميشہ جي لاءِ نيست ۽ نابود ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي، يهودي پنهنجي ڪاروباري ٻاڙائي کان گهبرائجي انهن تمام قلعن ۽ قلعي وارن جي مخالفت جي نقطہ تي جمع ٿي رهيا آهن جنهن جو سلسلو مديني کان شروع ٿي ڪري شام جي حدود تائين ڦهليل آهي.مشڪلات جو خاتمو اتي نٿو ختم ٿئي، بلڪ بتدريج

مخالفت جي ھي باھ وڌنڌي وڌنڌي ان وقت جي دنيا جي سڀ کان وڏي مشرقي طاقت ايران ۽ سڀ کان وڏي اولھ جي طاقت روم ٻنهي طاقتن کي مديني جي بربادي تي آماده ڪري ورتو ھئو. رومين جا گهوڙا مديني کان ٿوري فاصلي تي عيسائين جي حدن تي هڻڪاري رهيا هئا، مديني منوره جي اتر واري حدن تي عيسائي راجا رومين جي حڪومت جا ڏن ڀريندڙ ھئا ۽ انهن جي ذريعي ئي اسلام جو رومين سان تعلق پيدا ٿيو، انهي حڪومت جو بادشاھ مسلمان ٿي ڪري حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه جي دؤر ۾ مرتد ٿي ڪري قسطنطنيه ڀڄي ويو ھئو ، رومين سان ڇيڙ ڇاڙ آن حضرت ﷺ جي دؤر کان شروع ٿي چڪي هئي، موتا ۾ هڪ وڏي لڙائي ٿي هئي تبوڪ جو سفر رومين کي ئي روڪڻ لاءِ ڪيو ويو پر انهن سان ملاقات ٿي نه سگهي.

۽ ڪسرا ايران جي بادشاھ جا سپاهي وارنٽ ڪٺي مديني پهچي ڌمڪائي رهيا هئا جڏهن آنحضرت ﷺ جن جو خط مبارڪ ايران جي شهنشاھ ڪسرا تائين پهتو جنهن ۾ آنحضرت ﷺ جن جو نالو پهريان لکيل هو هن جو نالو پويان لکيل هئو، هن اهو خط نه صرف شهيد ڪيو بلڪ حضور اڪرم ﷺ جن گرفتاري جي لاءِڪجهه سپاهين کي مديني موڪليو هئو.

هن ۾ لکيل هو ته مديني جي ڪڙمين جي سرداركي گرفتار ڪري بادشاھ وٽ حاضر ڪيو وڃي ، هنن جي شهنشاھ جو فرمان آهي جيڪو يمن جي گورنر بازان جي مدد سان مديني تائين پهتو هي ان وقت جوحال آهي جنهن وقت مديني ۾ دماغ جي تجربي جي لاءِ نسل انساني کي دعوت ڏني پئي وئي پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟

جنگ جي متعلق تحقيق آخر هي ثابت ڪيو تہ ان جي پٺيان آمريڪا ۽ يورپ جي يهودي شاهوڪارن جو هٿ هئو،

پوءِ انهن ئي يهودين جي متعلق هي اعلان ڪيو ويو تہ ڇا غلط ڪيو ويو؟ ۽ صرف اهو ئي نہ بلڪ انهن ارڙهن سون مقتولين ۾ انهن عالمن کي بہ شامل ڪيو ويو آهي جن کي نجد وارا پنهنجي ملڪ ۾ واعظ ۽ تبليغ لاءِ وٺي ويا هئا ۽ هو ڪوهہ" معونہ نالي" تي انهن ستر معلمن کي شهيد ڪيو ويو ۽ انهن ۾ اهي 10 مبلغ بہ آهن جن کي بي دردي سان بنا ڪنهن ڏوهہ جي رجيع جي مقام تي ڪُٺو ويو هي تہ مسلمانن جي طرف جا شهيد هئا اهڙي ئي طريقي سان بي ڌر جي مقتولين کي انهي تعداد ۾ شريڪ ڪيو ويو جيڪي قصاص يعني چوري ، ڌاڙي، جي ڏوهہ ۾ ماريا ويا يا ڪنهن گرفتاري جي سلسلي ۾ قتل ڪيا ثيا، ماڻهون سوچين ڪونہ ٿا تہ ڏهن سالن جي هن ڊگهي عرصي ۾ جيڪڏهن جنگ جي صورت ۾ يا ڪنهن معرڪي جي مهم تي ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ بدر جي جنگ 5 سو جنهن ۾ ٽوٽل پاويهہ ملسمان ۽ ستر قريش ۽ اهڙي طرح احد ۾ ستر مسلمان ۽ ٽيهہ قريش جا ماڻهون مئا ۽ شهيد ٿيا. جيڪڏهن هزار پندرنهن سو ماڻهن جي ميڙ کي ۽ هڪ ٻئي سان ويڙهہ جو نالي بجاءِ جهڙپ يا جهڳهڙي جي جنگ رکيو وڃي.

بحرحال قريشن کان جيڪا بہ ڇيڙ ڇاڙ ٿي سگهي اها انهي تي ختمِ ٿي وئي. نہ جنگ خندق ۾ قتل ۽ گارت جي بازار لڳي نہ ئي مڪي ۾ خونريزي ٿي، ان کان پوءِ هڪ يا بہ اهڙا معرڪا يا جنگيون يهودين سان ٿيون ، جنهن ۾ خيبر سيني کان وڌيڪ اهم آهي انهي ۾ ارڙنهن مسلمان شهيد ۽ نوي يهودي ماريا ويا. عيسائين سان جنگ موتہ ۾ وڏي ويڙهہ ٿي ۽ هن جنگ ۾ ڪل

پارنهن شهيد ٿيا ۽انهن جي تصديق ٿي اِن ڪان علاوه ڪجھ ڏاڙيلن سان ويڙھ آهيٰ چورن سان چڪريون آهن، باغين جو بغاوتون آهن جن لاءِ ڪجھ سپاهين جا دستا روانا ڪيا ويا هئا، جن جي اڪثر موقعن تي جنگ جي نوبت پيش ڪونہ آئي، بحرحال جيڪڏهن خالص لڙائي ۽ جهاد جي شهيدن ۽ مقتولن جو حساب ڪيو وڃي تہ انهن جو ٽوٽل تعداد پنج يا ڇھ سو ڪان مٿي ڪونہ ٿيندو جيڪا انهن ڏهن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ سڄي عرب ملڪ ۾ ثابت ٿي سگهندي. جيتوڻيڪ مقابلي ۾ عرب جا وحشي قبيلا ، طاقتور جمهوريتون ۽ ڪجھ سلطان بہ شامل آهن، جن ڪي طائف ڪان پوءِ سڀ ڪجھ ڏنو ويو ڇو ٿو سوچيو وڃي تہ اهو سڀ ڪجھ ڪيس ڇو مليو؟ انهي سان ائين ڇو ٿيو؟ جنهن جي زندگي جو هر واقعو ان جي ڪلمہ دعوت ۽ دعويٰ لا الٰه الا الله جي دليل آهي آخر انهن واقعن ۾ بہ ان کي ڇو نٿو ڳوليو وڃي ، بحرحال هي آهن ڏھ سال ۽ اهي سڀ جنگيون ۽ ويڙهيون جنهن جي خون جو افسانو هزار مختلف لباس پارائي من گهڙت فلمون ۽ ڪتاب ۽ مواد شايع ڪري بغضن ۽ ڪيني سان پريل جوشيليون تقريرون ڪري سڄي دنيا کي ٻڌايو ويو آهي تہ تلوار جي زور تي خون جون نديون وهائي اسلام آندو ويو؟ هاڻي ڏسو جتي انسان کي ملائڪن ڪان سجدو ڪرايل آهي انهيءانسان جي جان هڪ مڇر هڪ مک ڪان بہ وڌيڪ قيمت نٿي رکي، ان جي جان تہ وڏي ڳالھ آهي ان جي ڪپڙي جو ڌاڳو بہ رات جي اونڌهيري ۾ ڪو ڪڍي نٿو سگهي امن ۽ امان جو ڦيرو آهي سڄي عالم تي امن امان جي لاءِ انساني زندگي جي جنهن آئين ۽ دستور جو نقشو مديني جي جهنڊي ۾ وڌو ويو هي سڀ انهي جي هيٺيان هلن ٿا ۽ بي خوف ۽

جي سڀ کان وڏي طاقت "پرشين ايمپائر" فارس ۽ اولهہ جي سيني کان وڏي طاقت "رومن ايمپائر" روم جي چوطرف ۽ انهن جي-انداز انهن سلطانن کي جاڳايو وجي ٿو تہ وقت کان پهريان جاڳي اٿو، جيڪو هوش ۾ آيو انهيءَ ڪمايو ۽ جيڪو ستو انهي وڃايو، ڪسرا خط ڦاڙيو ۽ انهي جو ملڪ بہ ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، جيڪڏهن قيصر بہ ڦاڙي هاڻ تہ هو بہ ڦاٽي ٽٽي وڃي .هان، پر معاملي کي ملتوي ڪري هن پاڻ کي ۽ پنهنجي قوم جي موت کي ملتوي ڪيو ۽ ايترو تہ ملتوي ڪيو جو اها فوج اڄ تائين واپس نہ ٿي ۽ خدائي ڄاڻي ٿو تہ ڪڏهن واپس ٿيندي.

"مشهور حديث آهي، ابوبڪر ابن عربي پنهنجي ڪتاب "احڪام القرآن" ۾ هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن جو خلاصو هي آهي، آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ايران هڪ سگ بہ هٽي ختم ٿي ويندو، پر روم "يورپ" جي هڪ سگ کي مسلمان ٽوڙيندا تہ ٻيو ٽڪري ايندو ۽ اهڙي طرح ٽڪرندو ئي رهندو جيستائين الله تبارڪ تعاليٰ چاهيندو اڄ چوڏهين صدي هجري بہ گذري پئي پر يورپ جا سگ ٽڪرندا ئي پيا اچن." جنهن کي رومين طرف روانو ڪري دماغ ۾ انهن عجيب ۽ غريب تجربا ڏيڻ وارا پاڪ وجود وري دل جي حالات ۾ مستغرق ٿي ڪري انهي بستري تي ليٽي ويا، جنهن تي سمهڻ ڪانپوءِ اٿڻ جي ضرورت باقي نٽي رهي، اللهم صلي عليہ وسلم.

"مرض الموت ۾ اسامہ جو جيڪو دستو رومين جي طرف موڪليو ويو انهي جي طرف اشارو آهي رومين کي آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات جي خبر ملي اجا انهي خبر جي خوشي ملهائي رهيا هئا تہ حضرت اسامہ رضي الله عنہ جي حملي جي خبر

اڇڻ جا ڪنڌ تي ڇالا ۽ نشان هئا، اهڙين شهزادين کي زمين جي ڪنهن خطي ۾ ڳولي سگهندو جن جي ٻچڙن کي ٻه ٻه ٽي ٽي ڏينهن بک جي شدت ۾ ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن ڪرڻي پوندي هئي؟ بادشاهن جو محل ڇا ان کي چوندا آهن، جنهن کي ڪچين جي ڦرهن جي ڇت ۽ جنهن سان ماڻهو جو مٿو به ٽڪرائيندو هجي؟

مديني جي بادشاهه جو شاهي محل هن وقت به موجود آهي، هن جي ديگهه ۽ ويڪر کي ته هاڻي به ماپي سگهجي ٿو پاهر ته ان جوڪجهه به هجي بلڪه اندر ته اها ئي ماپ آهي. بحرحال ڏهن سال تائين دماغ جو به ڪليل روشنيءِتجربو ڪرايو ويو، جهڙي طرح تيرنهن سال تائين دل جو مشاهدو پيش ڪيو ويو هئو ۽ توهان ڏسندو ته انهي عرب ۾ هڪ طرف انهن جو گهمنڊ ۽ غرور لاٿو ويو، جن جي وڏائي ۾ خدا جي ڪبريٰ ئي جي به گنجائش نه هئي ته ٻئي طرف انهن ۾ ئي هڪ خواهش پيدا ڪئي وئي ته خدا جي وڏائي کانسواءِ انهن جي اندر ڪنهن ٻئي جي وڏائي باقي نه رهي. اهو ئي اهو گروهه آهي جيڪو سينا جي روشني ۾ حضرت موسيٰ عليه سلام کي ملائڪه قدسيا جي شڪل ۾ نظر آيو هئو، اها ئي دعوا جنهن جي دليل مسلسل پنهنجي اندر کان دعوا جي شاهدي جو اعلان پهريان ڪانئي چمڪي رهيو هئو ۽ انهي دعوا جي نسخي کي انهن تي به پيش ڪيو ويو، جن چاڻي ڪري ان کي مجيبو هئو ۽ اهو ئي نسخو انهن کي پيياريو ويو.

۽ ڪنهن جنگل يا پهاڙن جي غارن ۾ نه، نه ئي وري تلوارن جي ڇانون ۾ ان جي مشق ڪرائي وئي، پيياري به ڏيکاريو ويو تي ۽ انهن کي ڇڏرائي به ڏيکاريو ويو ٿي، بدر ۾ جڏهن پي ڪري لٿا ته انهن جا نتيجا به انهن جي سامهون هئا ۽ احد ۾ جيڪو ٿيو انهي

جي بدلي ۾ ٿيو جن کان پيئڻ ۾ ڪجهہ ڪوتاهي ٿي وئي، مڪو جڏهن فتح ٿيو تہ سڀ انهي نشي ۾ سرشار هئا، حنين جي ميدان ۾ جڏهن ميدان ننڍو هئو، ٿوري دير جي لاءِ ننڍو تہ توهان ان ميدان جي نقشي ۾ ۽ انهي جي جهنگل ۾ پهاڙن ۾ ان جا سبب ڳوليو، پر آئون هتي ڇا ڪريان قرآن ڪريم انهي نشي جي گهٽتائي جو انهن ۾ اشارو ڏنو، جن جو انهن کي تجربو ڪرايو ويو ٿي.

توهان چئو ٿا تہ اهي تير اندازن کان پڳا جيڪي اندر ميدان ۾ نہ بلڪ ٻاهر جهنگل ۽ پهاڙن ۾ لڪل هئا ۽ قرآن چئي ٿو تہ اهي لشڪر جي گهٽا ئي ڪري وڏائي ۾ اچي ويا ۽ ان اعتماد سان پڳا جيڪو انهن جي اندر لڪل هئو.

**"ويوم حنين اذا عجبتكُم كثر تكم فلم تغن عنكم شيئا"**

۽ حنين جي ڏينهن جڏهن هنن پنهنجي ڪثرت جي تعداد تي فخر ڪيو ليڪن هي ڪثرت تعداد جي گهٽائي توهان کي فائدو نہ پهچائي سگهي، هن جو مطلب انهي کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟

جيڪڏهن اهو مقصود نہ هئو جيڪو طائف کان واپسي ڪانپوءِ ملي چڪو هئو، ان جي جهد ۽ لشڪر جي کهڙي ضرورت هئي؟ ائين ئي هن جو سڄو هٿ عجيب ۽ غريب ڪمالات ڏيکاريندو هئو، "زبور جي ان آيت جي طرف هي اشارو آهي، جنهن ۾ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم کي خطاب ڪندي حضرت دائو عليہ سلام جن فرمايو هئو تنهنجو ساڄو هٿ عجائب ڏيکاريندو، "قرآن ڪريم ۾ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي ساڄي هٿ کي خدا جو هٿ قرار ڏنوويو" "وَمارَميتَ اِذْ رَميتَ" ۾ بہ ساڄي هٿ جي ڪمالات جو اشارو ڪيو ويو آهي، ساڄي هٿ جي مٺ ۾ مٽي اڇلائڻ سان دشمن جي فوج ۾ تهلڪو مچي ويو هو ، جنهن جو ذڪر بخاري ۾ آهي،

جنگ بدر جي موقعي تي. جيڪڏهن اها غرض يا ضرورت نہ اچي ها تہ چا صرف انهي ئي هٿ سان سڀ ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهيا ۽ جڏهن بہ دل گهرين ها تہ چا خاڪ چا مٽي ڪان انهن اهو ڪم نہ ورتو جيڪي جنگي گولي بازن ڪان گولن اڇلڻ جوڪم ورتو ويندو آهي.

انڌا ٿي ويا آهن جيڪي چون ٿا تہ رت جون نديون وهايائين، ۽ اهو ڪڏهن بہ نٿا سوچين تہ جنهن جورت وهايو ويو، جنهن جي ڏاڙهي مبارڪ رت سان ڳاڙهي ڪئي وئي، ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ويا، جنهن جي پيشاني تي زره سان زخم ڏنا ويا ۽ ڪڙيو نرڙ مبارڪ ۾ چيايون ويون؟ پوءِ بہ عقل جا انڌا چون ٿا تہ هن خون وهايو. چور! الٽو گهرڏٽين ڪي ٿا ڏاڙهين ۽ وڏي وثوق سان دليل پيش ڪن ٿا، حالانڪ ٽيهٽ سال جي هڪ ڊگهي عمر جي عرصي۾ ڪوبہ ثابت ڪري سگهي ٿو تہ خونين جي اندر پلجندڙ هن انسان خون ڪرڻ چا پر ڪنهن انسان جو ڪو وارو بہ پٽيو هجي. ”پوري تاريخ ۾ صرف ابي بن خلف جي گلي ۾ پاڻ تير جي نوڪ ٿٻي هئي، جنهن وقت آنحضرت صلي الله عليہ وسلم کي نعوذ الله قتل جي ارادي سان سائيجن جي ويجهو پهچي ويو هو جنگ احد جي دوران.“ مڪي ۾ سائين جن هنن سان واعدو ڪيو هئو اهو بہ پورو ٽيٽو هئو.

اسلامي جهاد جي ترتيب:

حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن هو خون وهائڻ چاهي ها تہ هزارن جي خون کي صرف هڪ جي ئي خون سان چو بچائي هان؟ قطرو وهائي سمنڊ کي چو بند ڪري هان؟ اهي يهودي جن جو خون هر زماني ۾ ۽ هر ملڪ ۾ تقريبن هر صدي ۾ سستو وهيو آهي ۽ جڏهن هو خون جا مستحق آهن ۽ هر اعتبار سان ٿي چڪا آهن.

”جرمني ۾ هٽلر هنن جي زندگي جهڙي طرح تنگ ڪئي آهي، سيني کي معلوم آهي هي تفسير آهي، قرآن جي آيت جي ”واذ تاذن ربلڪ ليبعثن عليهم الیٰ يوم القيامة من يسومهم سوءَ العذاب“ (الاعراف 167) تنهنجي رب جڏهن اعلان ڪيو تہ قيامت تائين يهوڊين تي ڪتهن نہ ڪنهن کي اٿاريندو جيڪو هنن کي بري طرح عذاب چکائيندو.“

پر انهن جي هزارن جي خون کي صرف ڪعب بن اشرف ۽ رافع بن حقيق پن ماڻهن جي خون سان ڇو محفوظ ڪيو؟ سيني کان وڏو خير اهو شر آهي جنهن جي ذريعي سان ڪنهن عظيم ۽ جليل شر جو دروازو بند ڪري سگهجي، قصاص ۾ زندگي آهي، آخر هي قانون ٻيو ڇا آهي؟ بنا ڪنهن شڪ جي انهن ٻنهي جي موت ۾ تمام يهودين جي زندگي جي ضمانت هئي، جيڪي باقي زنده بچي ويا، وڏيا ۽ ويجهيا نہ تہ جيڪو منصوبو انهن ٻنهي ناهيو هئو، انهي جو لازمي نتيجو اهو هئو تہ عرب مان يهودين جو انهي وقت نالو نشان ئي ختم ٿي وڃي هان. جهڙي طرح هميشہ اهڙي قسم جي بد باطن يهوڊين پنهنجي قوم تي هر ملڪ ۾ هر زماني ۾ زندگي تلخ ڪئي هئي، ۽ جنهن جو سلسلو اڄان تائين جاري آهي پر سچ اهو آهي تہ بني قريضہ جي ننڍي جماعت جي موت ۾ عرب جي سيني يهودين جي زندگي لڪل نہ هئي؟ بي رحم ۽ سنگدل آهي اهو سرجن جنهن هڪ آڱر جي ڪري پوري جسم کي سڙڻ لاءِ ڇڏي ڏنو.

<u>سائين جن جا حرم يا گهر واريون:</u>

آخر ۾ انهن تجربن جي سلسلي جو بهترين تجربو هي آهي تہ انهن ڏهن سالن جي زماني کان ڪجهہ عرصو يعني چند سال گذري

چڪا ۽ هاڻي اهو ئي عرب جي لاءِ بہ هئو ۽ عجم جي لاءِ بہ هئو، عورتن لاءِ بہ هئو ۽ مردن لاءِ بہ هئو، زندگي جي آخري ڏينهن ۾ ارادو فرمايو وڃي ٿو، جهڙي طرح مردن ۾ سڳورن جي هي آخري جماعت پيدا ڪئي وئي، سڀ جهان جي عورتن لاءِ قيامت تائين نسل انسانيت ۾ جيڪي عورتون پيدا ٿيڻ واريون آهن، انهن سيني جي لاءِ انهن جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ انهن جي نموني جي لاءِ بہ هڪ جماعت تيار ڪئي وڃي. شايد هي قدرت جي طرف کان ئي هئو ۽ هن جي ڪهڙي ڳالهہ قدرتي نہ هئي تہ جهان ۾ دنيا جي هن عالمگير نقشي ۽ حيات انساني جي ڪامل دستور العمل جوجهنڊو کنيو وڃي.

## مديني جي دنيا ۾ مذهبن جو آکاڙو:

اهو نہ لنڊن آهي نہ پيرس ۽ اهو بمبئي بہ ناهي نڪي ڪلڪتو، پر سوچيو تہ سهي بيابان جي هن ويران آبادي جي تهذيبي ۽ سماجي لحاظ کان اها حيثيت بہ ناهي جيڪا هندستان جي معمولي ضلعي، شهر يا علائقي جي آهي، پر دنيا جي هن ويران ۽ بيابان ريگستان ۾ کجين جي باغن ۾ رهندڙن جي حيرت اها آهي تہ سڀ دنيا جا مذهب ۽ دين جا مرڪز انهي لاءِ سندن اڳيان پيش ٿي ٿا وڃن تہ جيئن ترديد ۽ تڪذيب، ڪوڙو ۽ سچو نہ بلڪ سيني جي شاهدي ۽ سڃاڻپ ۽ سيني جي تڪميل، عملي شڪل ۾ ممڪن ٿي سگهي تہ هو تصديق ٿي سگهي سچو ثابت ٿي سگهي ۽ اهو ئي سندس دعوا جو وڏو ۽ امتيازي نشان هئو.

هندو مذهب تہ بت پرستيءَ جي شڪل ۾ مڪي اندر موجود هئو، مديني اچڻ ڪانپوءِ دنيا جوبيو عالمگير مذهب يهوديت بہ سامهون اچي ويو، انهي سان گڏ مديني ۾ نصرانيت بہ موجود هئي، جنهن

جي زير اثر دنيا جي آبادي جو وڏو حصو انهي وقت به هئو ۽ هن وقت به آهي. ان جي حلقي ۾ مجوسي ۽ ايران جا باهه پرست آتش پرست زرتشي به موجود هئا.

”حضرت سلمان فارسي باذان اقرع بن حابس رضي الله عنه ۽ ڪجهه ٻيا به آهن جيڪي پهريان مجوسي هئا ۽ هجر جو پورو علائقو زرتشتي دين رکندو هئو، قرآن ڪريم ۾ مجوس جي نالي سان انهن جو ذڪر آيل آهي.“

۽ ارد گرد ۾ هڪ فرقو صائبون به هئو، جنهن جي متعلق ڪجهه نٿو چئي سگهجي ته عرب جي صائبين جو تعلق ٻڌ مذهب جي ساڳئي سان هئو يا انهن کان علاوه ڪو ٻيو فرقو هئو جنهن کي دنيا هاڻي نٿي سڃاڻي.

مقصد اهو آهي ته ڪوهستان جي هن ننڍي بستي ۾ يهوديت، عيسائيت، هندو ڌرم يا وثنيت، مجوسيت ۽ چئي سگهو ٿا ته ٻڌمت پنهنجي تمام فتنن ۽ فسادن سان موجود هئا، جنکي ڌوئڻ ۽ پاڪ ڪرڻ جي لاءِ اتاريو ويو هئو. بس انهيءَ انهن سيني کي ڌوئي انهن سيني کي پاڪ ۽ صاف ڪيو جنهن ۾ جيڪا به گهٽتائي هئي سيني کي پورو ڪيو ۽ قيامت تائين پورو ٿيندو رهندو.

۽ جهڙي طرح دنيا جي هر مذهب کي مردن ۾ قدرت واري ڪجهه ماڻهو ڏنا ڏسو ته قريب قريب ڪجهه اهڙي طرح زندگي جي آخري ڏينهن ۾ دنيا جي انهن سيني وڏن مذهبن جي عورتن مان به هڪ هڪ نمائندو سندن خدمت ۾ قدرت جي ئي طرفان حاضر ڪيون ويو هيون. عورتون جيڪڏهن سندن خدمت ۾ عورتن وانگر ئي اچن ها ته ڪهڙو سبب هئو جو مڪي ۾ هر قسم جون اهڙيون عورتون پيش ڪيون ويون ته ان بزرگ خاتون جي مقابلي ۾ جيڪا عمر ۾

ڪانئن پندرنهن سال وڏي هئي، پنجاهہ سال جي عمر تائين ٻي ڪنهن بہ عورت کي پسند نہ ڪيو ويو؟

پنجويهن سالن جي جواني کان پنجاهہ سال جي عمر تائين ڪير نٿو ڄاڻي تہ حضرت خديجہ رضي الله عنہ کان سواءِ ٻاڻ ڪنهن سان بہ نڪاح نہ ڪيو، جيڪا نڪاح جي وقت چاليهہ سالن جي ٿي چڪي هئي ۽ انهيءَ کان پهريان سندس بہ نڪاح وفات ڪري چڪا هئا، جيڪو عورت کي عورت جي حيثيت ۾ پنهنجي گهر آڻي ٿو ڇا چاليهہ سالن جي بيوهہ سان پنجاهہ سالن جي عمرگذاري سگهندو؟

”ڇا حضور ڪريم جي قول جو اهوترجمو نہ آهي؟“ مالي في النساءَ من حاجة قدرواه الدارمي“ عورتن سان منهنجي ڪابہ ضرورت وابستہ نہ آهي.“

ها جڏهن سڀ ڪجهہ ٿي چڪو، دل جو بہ تجربو ختم ٿيو، دماغ جا تجربا بہ دنيا جي سامهون اچي چڪا، قتل و غارت، فتنو ۽ فساد جو اٿلندڙ سمنڊ ملڪ عرب ۾ امن و امان، راحت ۽ سڪون جي ڇانو هيٺان زندگي جي قيمت حاصل ڪرڻ لڳو ۽ سيني کان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ جيئن عرب جو اڪثر حصو ڪنهن غير عرب جو محتاج نہ هئو پر باوجود ان جي وڏن ننڍن کي غلام بنائي رکيو ويو هئو ۽ پوءِ سيئي ملي ڪري ان محڪوم غلامن کي رسين سان ٻڌي گهليندا هئا، ان غلامي مان انهن کي حقيقي آزادي ميسر آئي.

انسانيت پنهنجي فطري مقام کان هٽي ڪري پيرمروٽيل هڏين جي سوز وانگر بيچين هئي ۽ بي خبر هئي، اهڙي صورت ۾ هي کهڙو بداندیشو ۽ خبيث خيال تہ آزادي جي ان نعمت کان هڪ پوري طبقي يا هڪ پوري حصي کي محروم رکيو ويو، اهو سچ آهي تہ انهن بي زبانن جو ڪنهن بہ خيال نہ ڪيو، رحم جي نظر

انهن تي ڪنهن جي بہ نہ پئي، پر هاڻي چا تا چئو تہ رحمت العالمين جي نظر ڪرم سان هي محروميون رهنديون جهڙي طرح اجا تائين هيون؟ اهو نتو ٿي سگهيو جيڪو سيني جي لاءِ هئو ۽ سيني لاءِ ٿيو ۽ اهو هئڻ ائين ئي گهرجي هان انهي جي سمجهہ گهٽ عقل، ناتجربہ ڪار عورتن جو انتخاب نہ ڪيو، **انهي** ڪي ٻين لاءِ نمونو ناهڻو هيو، اهو ڏسو وقت بہ گهٽ آهي، فرصت بہ ناهي، شايد اهو ئي سبب هئو جو چوندي چوندي مختلف طبقن، مختلف مزاج، مختلف مذهبن ۽ دينن جون عمر رسيده عورتون، فهميده ۽ سنجيده عورتون جيڪي زندگيءَ جي ٿڌين ۽ ڪوسين موسمن جو تجربو ڪري چڪيون هيون، انهن جي هڪ پاڪ ۽ بزرگ منتخب جمائت ڪي مختلف سببن ۽ وجهن جي پردي قدرت مان سندن خدمت ۾ انهيءَ وقت مهيا ڪيو ويو جڏهن پنهنجي فرض جي فرصت ڪان آخري وقت هئو، سندن زندگي جو هي آخري ڪارنامو هئو. اهو ظاهر ٿي چڪو هئو تہ مڪو فتح ٿيڻ وارو آهي، خدا جي زمين جو مرڪز ڪوڙن خدائن ڪان پاڪ، نجاست ڪان پاڪ ٿئي ٿو جنهن ڪانپوءِ سندن ڪم ختم ٿيڻ وارو هئو. آئون ٻڌائي چڪو آهيان تہ غيب ۽ انهيءَ جو آيات ڪبريٰ جنهن وقت کوليا ويا هئا، باني ئي ڪعبا حضرت ابراهيم عليہ سلام جو ڏسڻ ان جي دليل هئي تہ ڪعبي جي پاڪائي جو ڪم انهن جو آخري ڪم هوندو. مرڪز ۽ ام القراتي قبضو ڏيارڻ اصل ڪم هئو، ان ڪانپوءِ مفصلات ۽ ام القرا يعني ڳوٺن جي ماءُ مڪو جنهن جي پر ۾ جيڪي ڳوٺ ڪعبي جي چارن طرفن زمين جي آخري حدن تائين ڦهليل آهن، انهي جو ڪم ايندڙن جي حوالي ڪيو ويندو ۽ انهي غيبي اسرار ۾ نہ بلڪ مسلسل اهڙا غيبي اسرار مختلف رازن ۾ اسرارن ۾

تي رهيا آهن، جنهن جو مطلب اهو ٿي هئو تہ ڪم ختم ٿي رهيو آهي، بس ان ڪم کي مڪمل انداز ۾ پورو ڪرڻ جي لاءِ مردن سان گڏ عورتن جي تعليم ۽ تربيت جو ڪم پنهنجي زندگي ۾ پنهنجي.مثان ڪٽڻو پيو "حڪم! اي نبي جون عورتون! توهان عام عورتن جهڙيون نہ آهيو يا چيو ويو اي نبي جون عورتون! جيڪڏهن توهان کي دنيا ۽ دنيا جو سينگار ۽ بناوت پسند آهي تہ توهان اچو تہ توهان کي الڳ ڪري ٿا ڇڏيون، ياد ڪريو انهن آيتن کي جيڪي قرآن ۾ نازل ٿيون." هي بہ ٿي سگهيو ٿي تہ هي عورتون خدمت مبارڪ ۾ انهي حيثيت سان رهن جنهن حيثيت سان مردن جي هڪ منتخب ۽ چونديل جماعت گڏ رهندي هئي پر دماغ جي بيداريءَ جو ڇا هي روشن دليل ۽ تجربو آهي تہ پاڻ مصنوعي ڪوڙن مذهبي دعويدارن ۽ روحاني شيوائن جي هن مجرمانہ پيش قدمين جو رستو انهن عورتن سان نڪاح ڪري هميشہ جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو.

هيڪل جي خدمت جي لاءِ عمران صرف هڪ ڇوڪري پيش ڪئي هئي "مشهور قصو حضرت بيبي مريم رضي الله عنہ جو آهي، ان جي والده ماجده امرات عمران اها منت ڪئي هئي تہ منهنجي پيٽ ۾ جيڪو ڪجهہ آهي آئون هن کي الله جي نذر ڪيان ٿي، اتفاق سان ڇوڪري ڄائي، انهن انهي کي هيڪل سليمان ۽ بيت المقدس جي حوالي ڪري ڇڏيو، ان جي هن نموني عيسائين ۾ ننن جي جماعت پيدا ٿي جنهن جي فسادن ۽ فتنن سان انسانيت ڇيخون رڙيو ۽ آه زاريون ڪري رهي آهي."

پوءِ ڏسو ان ڪنواري ڇوڪري جي آڙ ۾ چرچن، گرجائن انهنجي امامن خطيبن، راهبن ۽ بطريقن آتش پرستن جو اڳواڻ ٿي

ڪيتريون ڪنواريون روزانو قربان ڪيون وڃن ٿيون. خدانخواستا جيڪڏهن ڪنهن هڪ به اجنبي عورت کي ويجهو کان اها حيثيت ڏني وڃي جيڪا ٻاهر مردن کي حاصل آهي، ته ڪير اندازو ڪري ٿو سگهي ته بعد ۾ آدم جهڙن ابليسن جي لاءِ قرب ۽ نزديڪي جون. بغير ڪوشش جي گنگهار حرڪتون ۽ شرارتن جو بنياد پئجي وڃي ها. جڏهن ڪوبه نمونو موجود ئي ڪونهي تڏهن به بغير ڪنهن نموني وارن فتنو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، خدانخواسته جيڪڏهن نيم بيضه اڌ بيدو به ڪٿي ميسر ٿي وڃي ها ته پوءِ شيخ ۾ ڪيترا هزار ڪڪڙ پڇايا وڃن ها، ان جواندازو ڪير ڪري ٿو سگهي؟

عرض اهو ته انهن عورتن کي زالن جو مقام ڏنو ويو ۽ جنهن کي انسان سوچي به نٿو سگهي، ان حد تائين انهن سان حقيقي عدل ۽ برابري جو نمونو پيش ڪيو ويو، جنهن جو دماغ عالمگير حڪومت، سياست هر گير تعليم ۽ تربيت جي الجهيل ۽ منجهيل گنڍين کي سلجهائڻ ۾ مصروف هئو. انهيءَ وقت شادي وهانءُ خانداني پيچيدگيون وراثتن کي به ڪشادي دل ۽ ذهن سان حل ڪري رهيا هئا ۽ اهڙي آساني سان حل ڪري رهيا هئا جيتوٽيڪ ان جي مدت ڪيتري گهٽ هجي پر بدانديشن ۽ بدخيالن کي ٻاهران سندن زندگي اهڙي لذيذ نظر آئي ۽ تمام الجهيل مسئلن کان پري نظر آئي ته ان تي بدبختن پهچي اندر ۾ برا خيالات پچائڻ شروع ڪيا.

”آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي نڪاحن جو سلسلو هجرت کان پوءِ شروع ٿيو ۽ ان ۾ به عمومن آخري سالن ۾ معلوم ٿئي ٿو عام طور تي ٿي کان ساڍا ٽن سال کان وڌيڪ انهن ازواج مطهرات کي وقت نه مليو ۽ اهو ئي زمانو پاڪ ڪريم صلي الله عليه وسلم جي جهاد ۽ حج وغيره جي سفرن جو هيو، ان جو ۽ عدل

جي قانون جو شدت سان عمل پيرا ٿيڻ جو نتيجو آهي ته ٽيهه سال جي پوري زندگي ۾ عمومن انهن گهر وارين وٽ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي قيام جي مدت ٿي کان ساڍا ٽي مهينن کان وڌيڪ ناهي، جيڪا تعليم جي لاءِ بہ ڪافي آهي ۽ جن شڪن ۽ شبوهات جي پروپيگنڊا دشمنن ڪئي، انهيءَ جي ترديد جي لاءِ ڪافي آهي، هي سڀ چون ٿا تہ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن ايترين شاديون ڪيون پر اهو ڪوبہ ڪونہ ٿو چوي تہ ڪڏهن ٿيون ۽ انهن عورتن سان گڏ گذارڻ جي مدت ٽيهه سالن ۾ مان ڪيترو عرصو هئي؟" حقيقت ۾ هن خير ۾ ڪوبہ شر نہ آهي ۽ ان راحت ۾ ڪابہ زحمت نہ آهي، هڪ زال جي تعلقات جي مناس ڪي مسلسل تلخين سان بدلائڻ وارا ڇا هي سوچي سگهن ٿا؟ البت انهيءَ جو اندازو ضرور ڪري سگهن ٿا تہ هڪ کان وڌيڪ گهر وارين جا تعلقات خوشگوار رکڻ فطرت انساني جوڪمال نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

بنا ڪنهن شڪ جي هي خانداني مسئلن جو تجربو بہ انهن بدماغن ۽ بدعقلن جي لاءِ ڪافي آهي جيڪا ڇاٽڻ ڪانپوءِ مچڻ کان ايئن گهبرائين ٿا، انهن جي دل ۾ نہ بلڪہ دماغ ۽ عقل ۾ بدهضمي جو انديشو ٿئي ٿو ۽ ان کان هو ڊڄن ٿا، جنهن جي زندگي جو هر شعبو شخصي، ازدواجي، خانداني، قومي، سياسي، صرف نظم ۽ ضبط آهي. انهيءَ جي متعلق هي وسوسو ڪرڻ خود سوچڻ وارن لاءِ ڇا عقلي بدهضمي جي ڪليل دليل نہ آهي تہ ڇا آهي؟ سچ تہ اهو آهي تہ زندگي جي هن مختصر عرصي ۾ ڪوبہ ننڍو يا ڪوبہ وڏو مسئلو اهڙو ناهي رهيو جيڪو سندن نظرن کان وانجهيل رهيو هجي، ڏسي ورتائون جيڪي عورتون دنيا جي عورتن لاءِ نمونو

بنايون ويون، انهن ۾ سڀ جون سڀ عمر رسيده، تجربيڪار، بيوه عورتون هيون جيئن مردن لاءِ جيڪو جماعت جونمونو ناهيو ويو، انهن ۾ گهڻا تجربيڪار سختيون ۽ گرميون برداشت ڪرڻ وارا ماڻهو هئا هڪ هڪ انهن ۾ اهڙو هئو جيڪو ملڪن تي ۽ گرو ۽ قومن تي اثرائتو ثابت ٿيو.

**حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنہ جي حيثيت:**

وقت جا باريڪ لمحا، نفيس نڪتا نوازين جي هن سلسلي ۾ انتها ان وقت ٿي جڏهن هڪ طرف جيڪڏهن مردن جي نمونن ۾ هڪ نمونو هو جنهن جو دل جنهن جو دماغ جنهن جو ظاهر جنهن جو اندر هر قسم جي اجنبي اثرن کان قطع آزاد آهي، انهي صحبت ۾ ان اکيون کوليون، انهن جي جهوليءِ ۾ هنن هوش سنڀاليو ۽ آخري وقت تائين اهو ان حال ۾ رهيو.

پوءِ جهڙي طرح مردن کي حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شڪل ۾ اهڙو نمونو ڏنو ويو جيڪو ٻن سالن جي عمر کان ان خدمت مبارڪ کان الڳ نہ ٿيا، جڏهن ماڻهن انهن کي قبر انور مان نڪرندي ڏٺو، ڇا ظلم نہ ٿئي ها جو بي زبان عورتن کي ان بينظير، ناگزير نموني کان محروم رکيو وڃي هان؟ اهو ئي سبب آهي جو ڏسو تا تہ عمر رسيده ۽ اڌڙوٽ بلڪ ڪجهہ پوڙهيون عورتن جي هن مجمعي ۾ هوءَ هڪ پاڪ باز، طيبہ، صديقہ، ڪنواري،گهر واري بہ آهي جن کي پاڻ ڪريمن پنهنجي زير اثر ستن ئي سالن ۾ ورتو ۽ ان کان پهريان تہ هن جو دل، هن جو دماغ ڪنهن غير نبوي اثرن کي غير شعوري طور تي جذب ڪري نون سالن جي عمر ۾ ئي پنهنجي رفاقت ۾ آڻي ڇڏيو، عمومن سفر ۾ پاڻ سان گڏ رکيو ۽ پوءِ ڏسو تہ جهڙي طرح مردن ۾ انهن مظهر

عجائب و غرائب وجود ڪان دنيا ڪي جيڪو سڀ ڪجهه مليو جيڪو ڪنهن پارسائي جي سرچشمي سان دنيا ڪي جيڪا دولت تقسيم ٿي صرف عورتن ۾ ئي نه، ڇو ته اهو هن جوگروهه هيون غالب مردن ۾ به ڪنهن بئي ڪان ايترو نه مليو محدثين ڪان پڇيو ته ڇا ٿا چون؟

هر قسم جا شڪوڪ ۽ شبهات، وهم ۽ وسوسن جو اونداهيون، معمولي ڪان معمولي انڌيرن ڪي چيريندي ڦاڙيندي دعوا جواهو آفتاب جنهن جي صبح جي پرهه ڦٽي جي اڄاڻ حرا جي جهولي مان ڦٽي هئي ۽ مڪي جي افق ڪان چڙهندي وڃي ٽيويهن سالن جي مدت ۾ مدينه جي سمت الرائس پهتي انتهائي ڪمال ۽ جلال سان گڏ به ڏسو ته ڪهڙي شان ۽ مان سان چمڪي رهيو آهي، آفتاب، دعويٰ جو هي عجيب ۽ غريب سچ جنهن جي ايرڻ ڪان پهريان ئي روشني هئي، جنهن سان گڏ به روشني آهي جنهن جي ٻاهر به روشني آهي، جنهن جي اندر به روشني آهي، هو خود به نور آهي، جنهن ڪان آيو اهو به نور آهي، نور اعليٰ نور جو هي نوراني نظارو جنهن ڪي دنيا جي اکين جي نور ڪڏهن ڏٺو ئي ڪونه هئو پر هاڻي هميشه ڏسندي ئي رهندي. سيني کي ڏيڪاريو ويندو، سڀ ڏسي رهيا آهن، ظاهر ۾ باطن ۾، دل ۾، دماغ ۾ تجربن ۾ روشني جي شعائن سان آسماني علم ۽ لاهوتي عرفان جو هي تاب ناڪ سچ چمڪي ۽ ڏمڪي رهيو آهي، بلڪ سچ پڇو ته پيڪا ڏئي رهيو آهي ۽ اٿلون ڪائي رهيو آهي.

عرب جو وسيع صحرا ريگستان ان جي لاءِ سوڙهو ۽ ننڍو آهي، اهو وڌڻ چاهي ٿو ۽ طوفان وانگر وڌڻ چاهي ٿو، آنڌي وانگر وڌڻ چاهي ٿو، ۽ ڏسو هو وڌي ويو هو چڙهي ويو، ۽ سڄي دنيا ۾

ڦهلجي ويو ۽ اڄ تائين انهي آب و تاب، جاهہ ۽ جلال سان ڪائنات جي افق تي اهڙي طرح چمڪي رهيو آهي جهڙي طرح اهو انهي وقت چمڪي رهيو هئو جڏهن هو عرب ڪان ٻاهرنڪتو هئو، يقين ۽ ڀرپور يقين جي تيز ۽ تڏي روشني ۾ ان ڪي اڄ وارا بہ اهڙي طرح حاصل ڪري رهيا آهن، جهڙي طرح ڀهريان وارن ان ڪي انهي وقت لڌو هئو ۽ ڏٺو هئو، جنهن وقت اهو انهن ڪي ۽ انهن جي وڏي جماعت ڪي پنهنجي زندگي جي گهري ڪان گهري باريڪ ڪان باريڪ پهلوئن جو ڪليل ۽ اعلانيہ تجربو ڏيڪاري رهيو هو. گليلي ڍنڍ جا چند ملاح "حضرت يسوع مسيح عليہ سلام جن جنهن ڍنڍ جي ڪناري پنهنجي پوئلڳن، حوارين ڪي ڀهريون خطبو ڏنو هو." مڳڌيش جا گداگر ڀڪشو نہ بلڪہ هزارها انسان جنهن تي ان زماني جو سيئي وڏائيون ختم ٿين ٿيون "ٻڌ جي تبليغي جدوجهد جو مرڪز جنهن جون هاٽوڪو نالو ٻهَارِ آهي،ڀهريان مڳڌيش جي نالي سان سڏيو ويندو هئو،جن بہ ماڻهن ڪي تبليغي جي لاءِ مريد ٺاهيندو هئو انهن ڪي ڀڪشو چوندا هئا ۽ اهي پني پنهنجو پيٽ پاليندا هئا." انهن ۾ بادشاهہ بہ هئا ۽ دنيا جا سيني ڪان وڏا بادشاهہ بہ هئا، انهن ۾ ڪماندر بہ هئا ۽ دنيا جا سيني ڪان وڏا ڪماندر بہ، انهن ۾ دماغ وارا بہ هئا ۽ سيني ڪان وڏي دماغ وارا بہ، انهن۾ دل وارا بہ هئا ۽ سيني ڪان وڌيڪ روشن دل وارا بہ "خلفائي راشدين ۽ صحابہ جا حالات ڄاڻڻ وارا ڇا انِ۾ شڪ ڪري سگهن ٿا."

مقصد تہ انسانيت جا جيترا بہ وڏا ۽ وڏي منزل سوچي سگهن ٿا، تجربي ڪارن جي هي جماعت انهي جي آخري بلندي تي سڄي دنيا جي اڳيان مضبوطي سان گڏ قدم جمائي انهيءَ جو ثبوت ڪي

پيش ڪري رهيا هئا، ان وقت دنيا ۾ انهن ڪان وڏو ڪوبہ ڪونہ هئو ۽ ڪٿي بہ ڪونہ هئو.

نبوت ۽ ڪهڙي عجيب نبوت، تجربو ڪهڙو نہ عجيب تجربو، ڪيترو روشن تجربو، ڪيترو نروار تجربو هر قسم جي رنجشن ۽ ڪيني حسد ڪان پاڪ ۽ صاف تجربو، ڪيترين عظيم دائين جو پرڪيل تجربو، ڪيترين نازڪ ذهانتن جو جانچيل تجربو، ڪيترين روشن فطرتن جو ماپيل هي تجربو، ڪيترين بي روڪ ۽ ٽوڪ طبعيتن جو صاف ۽ سترو تجربو، ڪيترن متوازن ۽ معتدل دماغن جو نپايل تجربو، چند نہ بلڪ فوج در فوج نسل آدم جي ڳڙ ٻڙ ڪري پيئڻ وارن ۽ ٽولن جا ٽولا ماڻهن جو تجربو، ايترن ماڻهن جو تجربو جو دنيا جي ڪنهن بہ مسئلي يا حقيقت جي تجربي جي لاءِ اڄ تائين انسانن جي هيڏي وڏي جماعت نہ گڏ ٿي ۽ نہ وري شايد ئي گڏ ٿي سگهندي.

تجربات ۽ مشاهدن جو هي حيرت انگيز ذخيرو هئو، جنهن جي حفاظت ۽ نگراني جو فرض ڪنهن خانقاہ جي درويشن يا ڪنهن مدرسي جي معلمن يا ڪنهن تنظيم جي ميمبرن يا ڪنهن ڪانفرنس جي آفيس يا ڪنهن افساني نگار ليکڪ جي هٿ ۾ ڪونہ ڏنوويو هئو، بلڪ سڀ ڄاڻندا آهن تہ روئي زمين تي انهي زماني جو سڀ ڪان وڏي قاهرہ سلطنت هئي انهي پنهنجو پهريون فرض بہ ان جي حفاظت ۽ تبليغ کي ڪرار ڏنو، ۽ انهيءَ جو آخري فريضو بہ اهو هئو. وچ وارا جيڪي بہ مقدما هئا اهي صرف ان مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ هئا، دنيا جي هي سيني ڪان وڏي سلطنت پنهنجي هر قسم جي قوتن کي صرف انهن جي نگراني ۽ نشر و اشاعت جي لاءِ محدود ڪري ڇڏيو هئو.

طاقت جي لوهي زنجيرن جي بندش ۾ حڪومت جي سرپرستي ۾ ان جي تاريخ جو آغاز ٿيو ۽ ڏسو مسلسل انهي طرح هڪ حڪومت کان ٻي حڪومت کي اهي ذميواريون سونپي رهيون آهن. حالانڪ زماني جي هن ڊگهي ۽ وڏي مدت ۾ زمين جي مختلف علائقن ۾ گڏيل انهن سلطنتن جي ٻين غرضن ۽ مقصدن لاءِ خواهہ کهڙا بہ اختلاف رهيا پر هن آسماني دعوت ۽ ان جي درخشان تجربن ۽ عيني مشاهدن جي غور تي ۽ فڪر جي سينگاريل تبليغ ۽ حفاظت ۾ سڀ مفاد ۽ ارادا قطعي طور تي متحد آهن، بلڪ هر حڪومت جي ڪوشش جي بهتري جي سلسلي ۾ جيترو بہ وڏيڪ حصو ملي سگهي ان جي بحالي ۽ بهتري لاءِ ذري برابر بہ ڪا ڪسر نتا ڇڏين. ان جي لاءِ مدرسا کوليا ويا، درويشي ۽ بزرگي جي آستانن جو چار وڇايو ويو، مجلسون ترتيب ڏنيون ويون، حلقا قائم ڪيا ويا، تصنيف ۽ تاليف جو باب ڪرليا ويا ۽ وڏي ۽ عظيم پيماني تي کوليا ويا. اهڙا تہ ادارا کوليا ويا، جيڪي شايد ئي دنيا جي ڪنهن. هڪ فن هڪ علم جي متعلق نہ ڪڏهن دنيا ۾ ايڏي وڏي ۽ عظيم پيماني تي مدرسا کليا نہ ئي وري تثنيفي ڪوشش جو ايترو عظيم حصو انساني تاريخ ۾ ڪنهن هڪ علم يا فن کي مليو، جيترو هن عجيب ۽ غريب نبوت جي تجربن ۽ مشاهدن کي مليو.

۽ ائين ئي مسلسل بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ ۽ ڪنهن وقفي جي هڪ جڳ کان ٻئي جڳ تائين، هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين نبوت جو هي لازوال ابدي، سرمدي، پائدار خزانو منتقل ٿيندو رهيو ۽ هن وقت تائين ٿيندو رهيو ۽ سدائين لاءِ منتقل ٿيندو ئي رهندو، صرف ايترو ئي نہ بلڪ هر پوئين طبقي ۾ توهان ڏسندو

نبوت جي هن تجربي جي گواهي ادا ڪرڻ وارن ۾ واڊارو ٿيندو رهندو، هڪ ۽ ٻن جي نسبت سان نہ پيڙا ۽ چوڻان ئي جي حساب سان واڌارو بلڪہ بنا مبالغ لکن جي نسبت سان اهو بتدريجً وڌندو رهندو ۽ ايتري تائين جو سڄي نسل انساني ان جي گواهہ بنجي ويندي.

۽ انهي ترتيب جي واڌاري جي نسبت سان سلطنتن جي پرجلال پر شوڪت جلوه بادشاهن جي شاهاڻا ۽ سخت پهرا، علماءِ جي سخت ترين ماهرانا چوڪسي، فقير ۽ صوفيا جي باوقار پرعظمت نگراني ۽ امت اسلاميہ جي فطري بيداري، دماغي، طبعي، ذهني تيز فهمي جي حس جي مدار ۾ صدين ۽ سالن جو ڇا ذڪر آهي بنا ڪنهن خوف ۽ ترديد جي ڇئي سگهجي ٿو ۽ چوڻ گهرجي، انهيءَ ڪانسواءِ جيڪو ڪجهہ بہ چيو ويندو ڪوڙ هوندو تہ هڪ لمحو هڪ پل جي ادنيٰ ترين حصي جي وڃڻ ۽ ڪٽجڻ جي بغير نيڪ انهي عزت ۽ آبرو ۽ انهيءَ سينگار ۽ سنوارت سان امت جي انهن فردن کي ملندو رهندو، هن وقت تائين ملي رهيو آهي، جن جي متعلق چيو وڃي ٿو تہ هو پنهنجي رسول جي صحبت سان فيضياب ناهن، ليڪن انهن سان نہ انهن جو رسول هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ انهن کان پري رهيو آهي ۽ نہ ئي هو پنهنجي رسول کان الڳ رهيا آهن. سعادت ۽ صحبت سان مالا مال جيڪڏهن چئي سگهن ٿا ۽ انهن کي چوڻ جو حق آهي تہ هوپنهنجي نمازن۾ اهوئي پڙهندا آهن جيڪو انهن جو رسول پڙهندو هئو،صلي الله عليہ وسلم اهي اهڙي طرح اٽي بيهندا آهن جهڙي طرح انهن جو رسول اٽي بيهندو هئو، اهڙي طرح جهڪندا آهن جهڙي طرح هو جهڪندو هئو، اهڙي طرح زمين تي پيشاني رکندا آهن، جهڙي طرح اهو پيشاني رکندو هئو، تہ قسم آهي ان ذات جي جنهن جو هٿ ۾ منهنجي جان آهي، تہ جن کي اها

سعادت نصيب نتي ٿئي. هرجڳ هر صدي بلڪ هن وقت به جتي ڪٿي قسم ڪائي چئي سگهجي ٿو. اهي به اهو ئي پڙهن ٿا، جيڪوانهن جو رسول پڙهندو هئو. اهڙي طرح بيهندا آهن، جهڙي طرح حضور ڪريم صلي الله عليه جن بيهندا هئا، اهڙي طرح هو ادا ڪندا آهن جهڙي طرح سندن رسول ڪئي، سيني خدا جي تصوير ناهي، ليڪن اهڙو ڪير آهي جنهن جي بندگي جي تشڪيل ڪئي وئي هجي، اهڙي طرح جهڙي طرح رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن ناهي، هوبهو اکر به اکر جهڙوپاڻ هئا، اهڙي شڪل اختيار ڪئي وئي ۽ ڪئي وڃي ٿي. انهن سان قطع اهي واقعات پيش ڪونه آيا، جيڪي پهرين سان پيش آيا هئا! جهڙي طرح پهرين جي ڪتابن کي ڪسيو ويو ۽ انهن جي رسولن ۽ اوتارن کان جدا ڪيو ويو، ڇا ڪير ڏيڪاري سگهي ٿو، انهن سان به سال ٻن سالن جي لاءِ نه روز روبرو ڪلاڪ ٻن ڪلاڪن سيڪنڊ ٻن سيڪنڊن جي لاءِ ڪڏهن ”لافعله الله“ اهڙو واقع پيش آيو، جنهن کي دنيا جي ڪنهن گوشي ۾ ڪڏهن اهڙو ارادو ڪيو؟ ڇا مسلسل نه ڏنو ويو جنهن چنڻ چاهيو، اهو چنيوويو؟

**اقبال جو شعرآهي**

ہے عیاں فتنہ تار تار کے افسانے سے
پاسباں مل گئے کعبہ کو صنم خانے سے۔

جنهن جدا ڪرڻ جو خيال ڪيو اهو ئي جدا ڪيو ويو؟ اهو ئي ٿيندو رهيو آهي، اهو ئي ٿيندو رهندو. جنهن تي ڪرندو، اهو به ٽٽي ويندو ۽ جيڪو ان تي ڪرندو اهو به چڪنا چور ٿي ويندو.

قاتل نہ بلڪ تاريخ جا ڪليل مسلسل ورقن ۾ اهو ٿي لکيل آهي، ۽ اهو ٿي لکيو ويندو.

بهرحال اهو ٿي سلسلو ائين ٿي جاري رهيو ايستائين جو بلاآخر تاريخ جي هن عجب جهڙي نقش نگار دور ۾ نسل انساني داخل ٿي وئي، جنهن ۾ هر پري ۽ ويجهو هر دور ۾ ويجهو بلڪ هر شاهد ۽ هر غائب حاضر ٿي ويو.

مڪاني فاصلا گهٽجي ويا ۽ اها ئي دنيا جيڪا ڪڏهن وڏي دنيا سمجهي ويندي هئي، هڪ دنيا جيڪڏهن چئجي تہ چئي سگهو ٿا تہ هڪئي بستي يا ڳوٺ ٿهي وئي زماني جا فاصلا گهٽجي ويا، بلڪ زماني جا ٽي قسم ۽ ٽن حصن ۾ هڪ حصوماضيءَ جو تقريباً قابل ذڪرنہ آهي، جيڪو هاڻي گذري ٿو، اهو نٿو پيو گذري ۽ جيڪو غائب هوندو آهي حاضر رهندو آهي، اهو ئي نہ جنهن کي دنيا ۾ اهميت حاصل آهي، بلڪ دنيا جي معمولي ڪان معمولي پيداوار جيڪا ڪڏهن پيدا ٿيڻ سان گڏ ختم ٿي ويندي آهي. اها بہ هاڻي اٽمٽ ٿي وئي آهي، قدرت پنهنجي پوشيده طاقتن جا خزانا، بجلي، فون وغيره جي شڪلين ۾ فياضي سان وقف عام فرمائي رهي آهي، ۽ آخر اڄ ڪير ڳڻي سگهي ٿو، انهن ذريعن ۽ وسيلن ڪي جنهن ذريعي دنيا جا حادثات ۽ واقعات، لکتون ۽ تقريرون محفوظ ٿي رهيون آهن؟ مجلسن ۽ بازارن ۾ جيڪي اڄ شيون عام طور تي موجود آهن ۽ هر اعليٰ ادنا کي ميسر آهن، اڄڪلهہ ڪوبہ امانت ۽ اندر جي سچ ۽ ڪوڙ کي مٽائي نٿو سگهي. تہ پوءِ هنن ڪان اهو انديشو ڪير ڪري سگهي ٿو تجربات جي انهن ذخيرن ۾ ڪوبہ فتنو ۽ حادثو ڪري سگهي ٿو؟ انهي ساز ۽ سامان ڪانپوءِ ڪيڏو نہ عجيب آهي، اگر چيو وڃي تہ جيڪو رسول عرب ۾ پيدا ٿيو اهو

عربن لاءِ ئي پيدا ٿيو هئو، جنهن جي ولادت ڇهين صدي عيسوي ۾ ٿي هئي، اهو ڇهين صدي عيسوي ۾ ئي پيدا ٿيو، ان زماني جو جڏهن غائب کي حاضر ۽ پري کي ويجهو سمجهيو ويندو هئو ڇا سبب ٿي سگهي ٿو ته پوءِ انهن تمام غائبن ۾ جيڪو سڀني کان وڌيڪ حاضر ۽ اهڙو حاضر جو بلا مبالغہ چئي سگهجي ٿو ته ايترو حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم اسان مان ڪنهنجي خود پاڻ سامهون ناهي، انهن تمام ويجهن ۾ جيڪو سڀ کان وڌيڪ ويجهو ۽ ايترو ويجهو ته خود اسان پنهنجي سامهون پاڻ کي ايڏو ويجهو نٿا سمجهي سگهون.

آخر اسان ۾ڪير آهي جنهن جي دماغ ۾ پنهنجي پيدائش، ٻچپنو، جواني، پيري، گوشہ نشيني، ظاهري جا تمام واقعات ۽ انهن جا تمام تر پهلو يا رخ ايتري صفائي ساڻ موجود هجن ۽ جيتري تابناڪي سان دنيا انهي شخص جي متعلق ڄاڻي ٿي، جيڪو هاڻي کان صديون پهريان عرب ۾ ظاهر ٿيو، ليڪن جنهن ظهور جي شدت هرپوئين صدين ۾ پهريان کان وڌيڪ محسوس ڪئي وئي ۽ ڪئي وڃي ٿي ۽ انشاءَ الله هميشہ انهي وڌندڙ محبت جي ڪيفيت سان محسوس ڪئي ويندي تہ جيئن قدرت واري جنهن سامان سان ڪوڄاڻائن واري علم کي پيدا ڪيو آهي، پرکڻ پرجهڻ واري علم کي پيدا ڪيو آهي، انهن جولازمي نتيجو اهو ئي نڪرندو.

## ختم نبوت:

پاڻهين پسي پاڻ کي پاڻ ئي محبوب
پاڻهي خلقي خوب پاڻهين طالب تن جو.
"لطيف"

۽ شايد انهي هستي مبارڪ جي نہ ٿنندڙ ارتقائي تسلسل جو نتيجو آهي تہ ان کان پوءِ نبوت جي هي دعوا وري نہ ٿيندي ۽ نہ ٿيڻي آهي. ان دعوا جو بيان ڪندڙ فالتو ۽ زمين جي مٿان غير ضرور وزن ڪوئيو ويندو، ڇهين صديءَ کانپوءِ زماني جي هر حصي ۾ ڪوڙ ڪوئيو ويندو ۽ دنيا جي هر خطي ۾ ڪوڙو سمجهيو ويندو.

۽ جن بدبختن جي دلين ۾ ڪڏهن بہ انهي منصب جي ڪوڙي دعوا اٿي آهي يا اٿارائي وئي آهي توهان ڏسندو خلاف دستور بني آدم ڪيترين بدسلوڪين سان آخري وقت تائين ان کي پري پري تائين ڌڪاريندا رهيا. اٿڻ لاءِ تہ هي اٿي بہ وجن ها ليڪن چند غلط فهمين کانپوءِ انهن کي خود اهو محسوس ٿئي ٿو ۽ پوءِ انهن لاءِ دنيا ۾ ڪابہ جڳهہ نہ رهي، بني آدم جي وسندين ۾ انهن جي لاءِ ڪابہ گنجائش نہ رهي ۽ پوءِ ائين ئي بازاري بيروزگارن وانگر آخر ۾ پريشاني جي عالم ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا، هزارها حسرت ۽ ناڪامي ۽ نامرادي جي ڪڏن ۾ هميشہ جي لاءِ دفن ٿي ويا. تاريخ ان جي شاهد آهي، لالچ ۽ اندر جي باهہ کان بيچين ۽ مدهوش ٿي ڪري جيڪڏهن ڪنهن نبوت جونالو وٺي اٿيو بہ تہ قدرت جي انهن هٿن پرندڙ باهہ جي خاڪ وانگر ان کي اتي ئي ٻاري ختم ڪري ڇڏيو.

چوڏهن سو سال جو هي تجرباتي مشاهدو آهي، جيتوڻيڪ ان کان پهريان تاريخ جو ڪوبہ دور اهڙو نہ گذريو تہ چار يا پنج سئو سالن جي اندر ڪو نبي نہ آيو هجي يا ان جي ضرورت پيدا نہ ٿي هجي. لطيف فرمائي ٿو:

جوڙي جوڙ جهان جي جڏهن جوڙيائين
خاصئون خاص خلقي محمد صہ مقائين
ڪلمون تنهن . ڪريم تي چئو چيائين
ڏکي ڏنائين ٻئي سرائون سيد چئي.

جيتوڻيڪ ڪليو ڪلايو صاف صاف غير مبهم لفظن ۾ بار بار هن جيڪو بہ اعلان ڪيو ۽ نبوت ۽ رسالت جي سلسلي ۾ هي پهريون اعلان هئو تہ هاڻي آسمان کان پيغام کڻي ايندڙ زمين وارن وٽ ٻيو ڪوبہ پيغمبر نہ ايندو. اهو ئي سبب آهي تہ ختم نبوت جي هن سنگين مهر سان جيڪو بہ ٽڪرائبو اهو پاش پاش ٿي ويندو ۽ قدرت جي پهاڙ سان متو ٽڪرائڻ جو هي لازمي نتيجو ٿيندو.
فرض ڪريو تہ هي اعلان جيڪڏهن نہ بہ ٿئي ها تڏهن بہ هي دنيا چا ڪري ها، اچڻ وارا تہ هميشہ ان وقت ايندا آهن ۽ انهن ۾ ايندا آهن، جڏهن وڃڻ وارا هليا ويندا آهن پر اهڙو اچڻ وارو جيڪو هيڏي شان سان آيو تہ بجاءِ وڃڻ جي اهو اڳتي ئي وڌندو رهيو، گنجائش ئي ڪهڙي آهي تہ انهيءَ جي جڳهہ تي ڪو ٻيو اچي؟

جهڙي طرح هو موڪليو ويو، جن صفتن ۽ ڪمالن سان موڪليو ويو، انهي شان، انهي ۽ سان چمڪندڙ چنڊ ۽ ٻرندڙ سج وانگر اسان ۾ آيو ۽ موجود آهي، هر جڳهہ موجود آهي، هر خطي ۾ موجود آهي، انهي جو وجود اولهہ ۾ اهڙي طرح نمايان آهي جهڙي طرح اوڀر ۾ آهي، اهو پنهنجي آب ۽ تاب سان چمڪي رهيو آهي،

سج اڀرڻ جي زمين ٻه چيو ويندو آهي يقينن هڪ گروهه اتي ٻه اهڙو پيدا ٿي چڪو آهي جنهن مخلوقات جي بندگي جوتوق پنهنجي ڳچين مان ڪڍي حقيقي ۽ سچي زندگي حاصل ڪري ورتي آهي، پر ڪير نٿو چاٽي ته انهن ملڪن جي اڪثريت ٻه ان طرح پنهنجي مالڪ کان رنل آهي، جهڙي طرح هن جا ابا ڏاڏا رنل هئا.

غريب اوپر ته پوئتي پيلن جو ملڪ آهي، پر جنهن جي پيش قدمين جو ڍنڍورو انهي ڏينهن کان پٽيو پيو وڃي، ڇا يورپ جا باشندن جي سمجهه سڌي ٿي چڪي آهي؟ پيءُ ۽ پٽ جا قديم افسانا ڇڏيو پر جن فطري پيدائشن جي ايجاد ۽ تخليق جي انهن کي توفيق بخشي وئي، بجاءِ ان توفيق جي بخشڻ واري جي خود پنهنجي هٿن جي ناهيل ان مخلوقات کي پنهنجي دلين ۾ نٿا ويهاري سگهن؟ يقينن انهن جي دلين ۾ انهن جي جديد دنيا جي انتهائي عظمت سان اهڙي طرح ڪنارن تائين پريل آهي جهڙي طرح انهن جي بزرگن جون دليون پراڻي مخلوق جي احترام ۾ پريل ۽ معمور هيون؟

پهريان ته جي عقل ڪي سج جي شعاعن، باهه جي شعلن خيرو ڪري ڇڏيو هئو، پوين جي سينن ۾ بجلي جي قوتن، اسٽيم ٻاڦ جي طاقتن، پيٽرول جي توانائين، اڪين جي اڳيان آنڌاري وجهي ڇڏي آهي، وڏڙن جي ڪارنامن ۽ سورهيائيءَ اولوالعزم جيڪڏهن پهرين کان انهن بزرگن جون پٿر مان ناهيل مورتين جي اڳيان جهڪايو هئو ته وري پوين جي ليڊرن، سردارن ۽ اڳواڻن جي ڪارنامن انهن جي اسٽيچو، مجسما ۽ قوتن سان گڏ انهن جي سچي قومي عزت ۽ فلاح کي وابستا نه ڪيا ڪيو ويو آهي؟

پراڻن جي ديوتائن جي ڳالهين کي ٻڌي توهان کلو تا، جڏهن ٻڌايووجي ٿو ته هندستان پنهنجي خالق کان جدا ٿي چاليهه ڪروڙ

ديوتائن ۽ معبودن سان جڪڙيل هئو، پر ڪو هجي ها جيڪو انهن نون نون ديوتائن جي ڪا لسٽ ٺاهي ها، جنهن سان يورپ جي عقلمندن ۽ ڏاهن جي روح اهڙي طرح خالق حقيقي کان بيگاني ٿي ڪري ٻڌي ڇڪي آهي، آخر اهو ٻڌايو وڃي ته انهن نَوَنِ ۽ پراڻن طبقن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ خالق کان اهي پري ۽ هيءُ به پري، مخلوقات جي بار کان هي به چور ۽ هو به چور، جيڪڏهن ڪو به فرق جيڪڏهن آهي ته صرف ايتري قدر آهي ته پراڻن جا معبود به پراڻا هئا ۽ نون جا معبود نوان آهن، پراڻن کي پراڻن معبودن ۾ عجيب و غريب ڪرشما ۽ نت نوان فائدا نظر ايندا هئا، ۽ نون کي نئين مخلوقات ۾ نوان عجائب، نوان مظهر ۽ فائدا نظر ايندا آهن، ظاهري احترام ۽ تعظيم جي ٻاهرين لباسن جي خصوصيتن کان جيڪڏهن قطع نظر ڪيو وڃي ۽ ماپيو وڃي ۽ ماپي سگهجي، جيڪڏهن اندريان احساس ۽ ذهني ڪيفيت کي ماپي سگهڻ جو ڪو اوزار هجي ته پراڻن جي دلين ۾ پراڻي معبودن جي متعلق جيڪو ڪجهه هئو نون جي دلين ۾ نون معبودن جي متعلق اهو ئي ڪجهه آهي يا ان کان به ڪجهه وڌيڪ آهي.

پراڻا به اڪيلي خدا جي نالي تي ڇڙندا هئا، نون جي سامهون وڃي ڪري هاڻي خدا کي اڪيلو ڪيو، بلڪه انهن جي معبودن سان ملائي ڪري به نالو ونو ته پوءِ ڏسو انهن منهن جي رنگت ڪهڙي طريقي سان متجي وڃي ٿي ۽ منهن مان ڪيترا تولا گفَ اڏري اڏري ڪري ويچاري نالي وٺڻ واري جي ڇهري تي پوندي آهي، تحريرن ۾ تقريرن ۾ذڪر ۽ تذڪري ۾ بادشاهن سان نسبت رکڻ وارن جو هي گروهه، پنهنجي معبودن جي نالي وٺڻ بغير ڪڏهن به رهي سگهن ٿا؟ بجلي جو، ٻاڦ جو، تار جو، فون جو،

جي اڳيان، حيوانات جي اڳيان، نباتات ۽ جمادات جي اڳيان ۽ آئون اوهانکي ڇا ڏيکاريان ۽ جيڪو ڏسي نٿو سگهجي ان جي اڳيان.

اهو ئي عذاب آهي جيڪو آخرت کان پهريان انهن کي دنيا ۾ چکڻو پيو، چکي رهيا آهن ۽ به رضائي رغبت چکي رهيا آهن.

ڇا انسانيت جي هي توهين صرف پهرين ۾ هئي؟ پراڻن ته خالق کي معبود مڃڻ کان انڪار ڪيو بيشڪ ان جي بدلي ۾ انهن پولن کي پنهنجو مسجود ناهي ورتو پر جن ماڻهن پنهنجو پاڻ کي خدا جي مخلوق هجڻ ۾ شڪ ڪيو هئو اهي اڄ باندر جي اولاد هئڻ تي پنهنجي زبان سان ڇو اقرار ڪري رهيا آهن؟

جن باندر کي معبود بنايو، ڪهڙو شڪ آهي ته انسانيت کي رسوا ڪيو، ليڪن جن خدا جي مخلوق هئڻ کان انڪار ڪري باندر جي اولاد ۽ مسعود هئڻ تي فخر ڪيو، ڪتابون لکيون، دليل قائم ڪيا ويا، ڇا انسانيت جي خواري ۾ انهن کا ڪمي ڇڏي؟ ۽ سچ ته اهو آهي ته هر شي جي قيمت لڳائيندي هڪ دم رڙيون ڪري اٿن تا ته انسانيت جي ڪابه قيمت نه آهي؟ سڀ ڪجهه انسانن جي لاءِ آهي پر انسان ڪنهن جي لاءِ ناهي، ڪنهن به مقصد جي لاءِ ناهي، ڇا انهن ئي انسانيت کي ان غلاظتن ۽ بدبوئن کان به بدتر پيش ڪيو هئو، جن سان انسانن جا ڪيترا مقصد وابستا آهن؟

جڏهن انهن چيو ته انسان پنهنجي خدا ۽ خالق جي لاءِ ناهي ته پوءِ ان کانپوءِ ثابت ڪري سگهن تا ته انسان ڪنهن جي لاءِ آهي به يا نه؟ پاڻي جو ڇا بگڙندو جيڪڏهن ماڻهو نه هجن؟ هوا جو ڇا بگڙندو ۽ ڇو رڪجي ويندي، جيڪڏهن ماڻهو نه هجي؟ چنڊ ۾ ڪهڙو داغ اچي ويندو، جيڪڏهن ماڻهو نه هجي؟ حالانڪ روڊ جي ڪنهن پٿر ۽ جهنگل جي ڪنهن پتي کي ڇا نقصان ٿيندو جيڪڏهن انسان نه

هجي؟ توهان جا وڏا نہ هجن، ننڍا نہ هجن، ڪوبہ نہ هجي، بيشڪ سڀ انهي جي لاءِ آهي.

پر مخلوقات جي هن طويل ۽ عريض سلسلي ۾ انسان ڪنهن لاءِ ناهي؟

هاڻي جيڪڏهن اهو خالق جي لاءِ بہ ناهي تہ پوءِ ان کان وڌيڪ بي سبب، بي نتيجي، فضول ۽ بي هدي هستي ڪنهن جي ٿي سگهي ٿي ۽ انهي رسوائي کان وڏي رسوائي ۽ هن گستاخي کان وڌيڪ بي ڪهڙي گستاخي، ڇا ٿي سگهي ٿي؟

اهو تہ ايمان جو حال آهي عمل جي ميدان ۾ انهن جاهلن وٽ ڇا هئو جيڪو اڄ بہ عالمن وٽ آهي؟

عرب جي جهل ڇا پيدا ڪيو هئو، جيڪو اڄ جي علم سان نٿو پيدا ٿي سگهي؟ جاهل شراب پيئندا هئا، حرام کائيندا هئا، زنا ڪندا هئا، وياج کائيندا هئا، جواري هئا، هڪ ٻئي جو خون پيئندا هئا، ملڪيت ۽ ورهاست جي خطري کان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي جيئري پوريندا هئا، ها پر هي قصو ڪهڙن جو ٻڌايو پيووڃي؟ عرب جي جاهلن جو جا يورپ ۽ اوپر جي عالمن باشندن جو؟ اهو ڇا ٿا ڏيکاريو جيڪو اسان پنهنجي اکين سان نٿا ڏسون؟ عرب کان ٻاهر ايران ۾ هڪ طرف مزدڪ زر، زمين ۽ زن کي سيني کان ڇني ڪري سيني کي ڏئي رهيو هئو ۽ ٻئي طرف ماني ”هڪ رومي نقاش جنهن پيغمبري جي دعوا ڪئي ۽ جدا مذهب ٺاهيو ”ارزنگ“ نالي سندس لکيل ڪتاب آهي.

۽ انهي جا شاگرد هٽن ۾ پاڪيون ڪنيو گهمندا هئا، جنهن جي راهہ ۾ هي برايون آيون آهن ان جو ئي خاتمو آڻيو، ڇيو ٿو وڃي تہ ايران جو هڪ فرقو توليدي ۽ تناسل جي عضوي کي فنا ڪرڻ جو وعظ ڪندو هئو، ان جو خيال هئو تہ هي دنيا سڄي شرارتن جو

سرچشمو آهي، بس جيڪو براين کي روڪڻ چاهي ٿو ان کي گهرجي ته انسان کي ئي پيدا ٿيڻ کان روڪي ڇڏي.“

اهي انسانن مان انسان کي اچڻ کان روڪيندا هئا، اهو ئي انهن جو فلسفو هئو، اڄ يورپ جي هڪ حصي ۾ وري اهي مزدڪ زنده ٿي ڪري بالشوڪ جي نالي سان، چا اهو سڀ ڪجهه نتا پيا ڪن، جيڪوهنن ڪيو؟ ۽ ٻئي طرف ڇم ڪنٽرول جي نالي سان انهي طرح انسانن کي هن سوسائٽي ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪيو پيو وڃي. هڪ اهڙو رستن کي ڍاهي ٿو ٻيو رستن کي بند ڪري ٿو، انهي کان علاوه ٻيو ڪهڙو فرق آهي.

صحيح آهي ته هندستان ۾ ٻڌمت جي فلسفي نفس ڪشي جون وڏيون گنديون شڪليون اختيار ڪيون هيون، دم مارگي پيدا ٿيا هئا، مائنگ وديا ۽ دم مارگي تائين لڌو وڃي ٿو.”ديانند ستيارٿ پرڪاش“ ۾ لکيو آهي، هن فرقي جو عقيدو آهي سڀ کان وڏي نيڪي ماءُ سان زنا ڪرڻ آهي.“

اگهوري شو مهاراج جي پوئلڳن کي ڇون ٿا انهن جو چوڻ هئو ته آتما روح جي وڏي پاڪائي هئي، پر اڄ جي گندگين ۾ صفائي جا دعويدار بنجي جيڪي براين ۾ پوريل ۽ مدهوشن کي جڏهن حال ٻڌايو ته هنن کي پيٽ کان اوڪارا اچڻ شروع ٿيا، بي پردگي، عرياني، جنسي لذتون جيتري حد تائين بيجان ڪيون ويون، انهن کي جان وجهڻ لاءِ اڄ به  مغرب جواگهوري جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهي، حقيقت اها آهي ته هن جي سامهون اوير اگهوري به شرمنده آهي، بهرحال جيڪو انوقت هئو جيتري حد تائين ان وقت هئو جيترو به سوچيون ان مان ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ توهان کي اڄ به ملندو، بس اچڻ وارو ڪيئن وڃي سگهي ٿو، جيستائين اهي

سپ نہ ٿا وڃن، جن جي لاءِ هو آيو هئو؟ بلڪ ان جي ضرورت تہ ان جي وڃڻ کانپوءِ بہ رهندي، دنيا تہ مسلسل تخريب جي عمل ۾ مست آهي، پر ڇا بغير اڏيندڙ جي ممڪن آهي؟ ۽ اهو ئي منهنجو مقصد هو، جڏهن مون چوندي سپ کان پهريان ڇيو هئو تہ هي اچڻ وارو آهي جيڪو اچڻ لاءِ ئي آيو هئو. ۽ پوءِ جهڙي طرح هو اسان ۾موجود آهي ۽ ان جي ضرورت موجود آهي، انهي سيني کي ڏسي هاڻي بہ ڪو شڪ ڪري سگهي ٿو تہ اچڻ کانپوءِ هو نہ ويو؟ ۽ جيستائين هن جي ضرورت آهي نہ ويندو؟ رهندو ابد تائين ۽ انهي جي لاءِ اهو مقدر آهي.

اللهم صلي وسلم وبارڪ عليٰ سيدنا محمد عبدلڪ ورسولِلڪَ النبي و عليٰ آلہ و ازواجہ امهات المومنين، و عليٰ ذريتهٖ المومنين و المومنات و المسلمين والمسلمات ڪما صليت وباركت عليٰ سيدنا ابراهيم في العالمين انڪ حميد مجيد.

**اي منهنجا پيارا!**

وجاهدو في الله، حق جهاده هو اجتکم وما جعل عليکم في الدين من حرج ملہ ابيکم ابراهيم رضہ هو سمکم المسلمين. من قبل و في هذا ليکون الرسول شهيدا عليکم وتکونو شهداءَ عليٰ الناس فاقيمو الصلوات واتُوالزكواةَ واعتصمو بالله هو، مولٰکم فنعم المولیٰ ونعم النصير ع.

ڪوشش ڪريو الله طرف سڏڻ جي ڪوشش جو پورو حق ادا ڪندي. هن (اي امت اسلام ۽ ...) توهان کي چوندي ورتو آهي ۽ توهان تي دين ۾ ڪابہ تنگي ڪانہ فرمائي وئي، هي توهان جي پيءُ ابراهيم جو دين آهي، انهي توهان جونالو مسلمين رکيو آهي،

پهريان بہ هاڻي بہ (ڪوشش جو نتيجو هي ٿيندو) رسول توهان جو نگران رهندو ۽ توهان دنياجا نگران رهندو.

پوءِ اي انسانو! نماز قائم ڪريو، زڪوات ادا ڪريو ۽ پڪڙيوالله جي رسيءَ کي اهو ئي توهانجو آقا آهي، پوءِ ڪيترو بهترين آقا آهي ڪيترو سنو مددگار آهي.

جيتري تائين وچڻ وارا آيا وچڻ لاءِ سختيون چونديون ويندیون هيون ۽ جڏهن اهو آهي جيڪو اچڻ لاءِ آيو هو تہ انهي جي طفيل سان انهي سان شخص نہ بلڪہ هڪ امت چونڊي وئي، "نبي ڪريمﷺ جي پيغام زندگي جي هوندي جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي وڏيڪ ضرورت آهي تہ جڏهن ماڻهن۾ بداعتمادي، بي عملي پيدا ٿي وجي تہ پوءِ قرآن ۽ سنت جي طرف موٽائي وني وججي. ايتري ڪم لاءِ امت معبوثہ ۽ انجا مجددين ڪافي آهن ۽ ڪافي ٿيندا رهندا."

پهريان شخص مبعوث هوندا هئا ۽ هاڻي هڪ امت ئي مبعوث موڪليل آهي، اهو ئي هن امت جو اصل منصب ۽ فرض حقيقي آهي. جيستائين هو پنهنجي منصب تي قائم رهندي ۽ انسانن جي نگراني ڪندي ان وقت تائين انهن جا رسول بہ ان امت جي نگران رهندا، ليڪن جڏهن توهان پنهنجي منصب تان هٽندا ۽ جيڪڏهن رسول ﷺ جي نگراني کي محسوس نہ ڪندا تہ ڇا اهو واعدو نہ هئو؟

هي امت مجتبيٰ ۽ مبعوث، هر قوم ۾ آهي، هر ملڪ ۾ آهي، بس جيڪو جتي آهي اهو اتي مبعوث آهي، ان جي قوم ان ملڪ جا باشندا آهن، مصيبت جي هر گهڙي اها ئي هئي جڏهن پنهنجي قوم کي اسان پنهنجي قوميت کان ڪڍي ڇڏيو ۽ انهي سان گڏ انهن جو درد بہ دل مان ڪڍي ڇڏيو، حالانڪہ جيڪڏهن حضرت نوح عليہ

سلام جي منڪر ان جي قوم هئي، حضرت هود عليہ سلام جا ڪافر انهن جي قوم هئي، قريش رسول خاتم النبي صلي الله عليہ وسلم جي قوم جا ماڻهو هئا، تہ پوءِ ڪنهن چيوتہ هندستان جا هندو هندستان جي مسلمانن جي قوم ناهن، مصرين جي قوم مصر جا قبط ناهن؟ يورپ جا عيسائي يورپ ۾ رهڻ وارن ترڪن جي قوم نہ آهن؟ جيستائين.

حَتَّىٰ لَاتَكُونَ فتنہ وَيكُونَ الدين كُلُّهُ اللهُ.

الله ئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تاڪہ سيني دينن تي غالب ٿي سگهي.

۽ ڏسو لامذهبيت تي مذهبيت غالب آهي، چند ڪاروباري ڪتاب ساز يا سبق فروش معلمن کي ڇڏي ڏيو، وسوسن جا ناهيندڙ پنهنجي گذر روٽي ڪمائين ٿا، عام فطرت انساني تي مذهب جي گرفت اهڙي طرح سخت آهي، جنهن طرح هميشہ ڪان هئي، آخر جيڪڏهن لامذهبيت جواهڙي طرح زور ٿي ويو آهي، جنهن يورپ جي متعلق ٻڌو ٿو وڃي اتان جي باشندن چو لامذهبيت جو اعلان ڪيو آهي؟ سچ هي آهي تہ انساني دماغ جي جيڪا ذهني ساخت آهي، ان ۾ ايتري تنگي يا پستي ڪهڙي طرح پيدا ٿي سگهي تہ ماضي ۽ مستقبل جي انجام جو فيصلو ڪرڻ بغير پنهنجي زندگي گذاري رهيا آهن.

ڪٿان آيو آهيان؟

ڪيڏانهن ويندس؟

هتي چو آيو آهيان؟

جنهن رهڻ واري انسان جي سامهون انهن سوالن جو جواب ناهي، ڇا هو هڪ قدم بہ اڳتي وڌي سگهي ٿو؟ بهرحال گهٽ ۾


النبي الخاتم
مولانا سيد منظر حسين گيلانيؒ
مترجم ڊاڪٽر غلام سرور پگهيو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر - گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)